
(ڪهاڻيون)
خوابن جا رستا
منور سراج
پوپٽ

# خوابن جا رستا

(ڪھاڻيون)

## منور سراج

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور - سنڌ
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO. 86**

**خوابن جا رستا**

(ڪهاڻيون)

ڪهاڻيڪار: **منور سراج**

ڇاپو پهريون: 2016ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور – سنڌ.

ملهه: **-/200** رو پيه

**KHAWABAN JA RASTA**

**(Short Stories)**

by: **Munawar Siraj**
First Edition: 2016
Quantity: 1000 Copies
Title Design: Saeed Mangi
Lay ‘out: Asif Nizamani
Composing: Irfan Bhutto
Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.
Price: **Rs. 200/-**

# ارپنا

پٽائيءَ جي سهڻيءَ ڪان،
پنهنجي "سُهڻيءَ" تائين
جي نالي،
سهڻي جنهن ڪي،
پنهنجي ميهار تائين پهچڻ لاءِ،
سدائين "ڏم" جو ڏوراپو،
۽ دردَ جو درياهه درپيش رهيو آهي!
۽
پنهنجي وني
**رضيه سراج**
جي نالي،
جنهنجي ساٿَ سواءِ
منهنجي زندگيءَ ۾
شايد "زندگي" نه
هجي ها!

**ــ منورسراج**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (255) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**خوابن جا رستا**“ نامياري ليکڪ، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار **منور سراج** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

منور سراج لاءِ رڪيل مورائي لکي ٿو ”منور لاءِ ته چوڻ نه چاهيندس پر لکڻ چاهيندس ته هن گذريل چڱي عرصي ۾ سرجيل ڪهاڻيءَ/سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آيل فن ۽ مواد جي لحاظ کان روايت کي پري رکندي، ان جا ڪنارا ٽوڙيندي، نوان سمبلس، نوان اميجز، نوان ميٽا فورس، نيون ٽيڪنڪس، پنهنجون ڪندي، پنهنجي ڪهاڻيءَ کي هر طرح بدلائي ڇڏيو آهي، اڄ جي حوالي ۾ فلحال سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو ڪو ٻه اهڙو نالو نه آهي، هن کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ لکندڙن جي نئين نسل ۾ هڪ هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نالا مس آهن“.

هي ڪتاب 2016ع ۾ **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري منور سراج جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# سنڌ


- پبلشر نوٽ ـ قربان منگي 7
- ساڀيائن جو اوسيئڙو ڪندڙ خوابن جا رستا (مُهاڳ) - رکيل مورائي 8
- رديءَ جو ليکڪ (پنهنجي پاران) ـ منور سراج 16
- ڪهاڻيون
- Date Expired ماڻهو 19
- روشنيءَ جو دائرو 23
- مسٽر ايم بي عُرف سينئر ڪلارڪ محمد بخش جو صبح 28
- آءِ ايم ناٽ جسٽ بيوٽيفل ڊسٽ 34
- اڌ ۾ رهجي ويل جملي جو ڏُک 40
- دل جي گُنبذ ۾ جمي ويل برف 46
- لاهيارڻ جي سپني ۾ گلاب ٽڙن ٿا 52
- بوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي ڳالهه 56
- خوابن جا رستا 64
- دل جي نديءَ ۾ ٻڏي ويلَ ڇوڪري 73
- الف الفابيٽ جي اٽيل ڪاف ڪهاڻي 77
- ڊسمبر جو پهريون ڏُک 82
- خوابن جي بائونڊري وال 90
- سِموڪرس ڪارنر جي شامَ 98
- پنجين ڏسا 103

# پبلشر نوٽ

منور سراج سنڌي ٻوليءَ جو انتهائي سُجاڻ، سنجيدو ۽ ذميدار ڪهاڻيڪار ۽ ناول نِگار آهي. هُنَ پنهنجو پاڻَ کي هِڪُ مُنفرد ڪهاڻيڪار ثابت ڪيو آهي. ان ڳالهه جي ثبوت ۾ سندس هن کان اڳ ڇپيل ڪهاڻي ڪتاب پيش ڪري سگهجن ٿا. ساڳي ئي وقت هن شاندار ناول لکي سنڌي ٻوليءَ ۾ ناوِلَ واري کوٽ کي پڻ خوبصورتيءَ سان پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻَ وٽ شاعري ته عام جام ٿئي ٿي ۽ هر آئي ڏينهنُ شاعريءَ جا ڪيترائي ڪِتابَ به سامهون اچن ٿا پَرَ ڪهاڻيءَ وارو شعبو ۽ خاص ڪري ناوِلَ وارو شعبو نسبتاً خالي خالي نظر اچن ٿا.

مَنور سراج ڪهاڻي ڪيتر ۾ پنهنجي مُنفرد تخليقي اظهارَ وسيلي جيڪا رياضتَ ڪئي آهي اها ڪيس هڪ منفرد ۽ پنهنجي ٿهيءَ جي اهم ڪهاڻيڪار واري حيثيت ڏئي ٿي.

منور سراج ننڍڙين شين/موضوعن کي ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪهاڻيءَ جي ڪينواس تي پکيڙي من موهيندڙ ڪهاڻيون تخليق ڪري ٿو . اهي ڪهاڻيون انهيءَ ڳالهه جون گواهه بڻجي وڃن ٿيون ته سنڌي معياري ڪهاڻي پنهنجي سفرَ تي اجان به روان دوان آهي.

ادارو پوئيٽ پبلشنگ هائوس منور سراجَ جو هي ڪتاب ڇاپيندي سرهائي محسوس ڪري ٿو ۽ اِها اُميدَ پڻ رکي ٿو ته اسان جا قلمڪار پنهنجو تخليقي اظهار ڪهاڻيءَ جي شعبي ۾ ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ کي، اجان به وڌيڪَ مضبوط ڪندا ۽ انهيءَ ۾ فَنَ ۽ فڪر جي حوالي سان نوان تجربا ڪندا.

اوهان پڙهندڙن جي مانائتي موٽَ ۽ نيڪ صلاحن جو هميشه وانگر اوسيئڙو رهندو.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوئيٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور سنڌ.

مُهاڳ

# سايائُن جو اوسيئڙو ڪندڙ
# خوابن جا رستا

جيڪي تخليقڪار نہ آهن اهي مئنيجر آهن يا شيواڌاري آهن ۽ سنڌي ادب ۾ انهن جي کوٽ نہ آهي.

پر اڄ جي تاريخ تائين نج تخليقڪارن جي سنڌي ادب ۾ کوٽ شدت سان نوٽ ڪئي وئي آهي، جنهن کوٽ جي پورائي ممڪن حد تائين اڄ جا ٻن هٿن جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا تخليقڪار ڪري رهيا آهن. منور سراج انهن ۾ شامل آهي، جيتوڻيڪ هن سنڌي ادب ۾ ياد رکڻ جهڙو ناول " ڪاٻي اک جو خواب " بہ اسان کي ڏنو آهي پر هُن جي پُڪي ۾ ڪهاڻي آئي آهي، هڪ اهڙي ڪهاڻي جيڪا اڄ جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين سڃاڻپ ڏيڻ لڳي آهي، اهڙي پڪ آهي.

ها! گذريل عرصي ۾ سموري نئين تخليقي ڪهاڻيءَ کي تنقيد/ تعريف جي سطح تي نظر انداز ڪرڻ يا دٻائڻ جون جيڪڏهن ڪي ڪامياب / ناڪامياب ڪوششون ٿيون بہ آهن تہ اها حقيقت وساري وئي آهي تہ نئين ڪهاڻيءَ جي آمد اٽل آهي ۽ سچ پچ اڄ اها اٽل صورت ۾ سامهون بہ آئي آهي، انهن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ جن مختلف فلسفن/ازمن هيٺ ڪهاڻيءَ/سنڌي ڪهاڻيءَ جو دائرو سوڙهو ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي ۽ جن ان سوڙهي ٿيندڙ دائري جون سڀ لڪيرون ٽوڙي، پنهنجي لکڻ جو دائرو ويڪرڻ لاءِ اتساهہ ڀانيو آهي پاڻ ۾، انهن مان اڄ جي تاريخ ۾ اهم ۽ شايد آخري نالو منور سراج آهي.

هن پنهنجي ڪهاڻين/غير معمولي ڪهاڻين تي ڪجهہ بہ لکڻ جو اختيار هڪ معمولي پڙهندڙ ۽ لکندڙ رکيل مورائيءَ کي سونپي، يا ان جو نالو پسند ڪري، پنهنجي پسند جي مٿان هڪ ڪان وڏيڪ سوالن جا نشان لڳائي ڇڏيا آهن.

ٻئي پاسي مان، نالي رکيل مورائي، هن جي سيني ڪهاڻين کي هڪ ڪان وڏيڪ ڀيرا پڙهڻ ڪان پوءِ پنهنجي پر ۾ بہ فيصلا ڪري وينو آهيان.

هڪ اهو تہ هن جي ڪهاڻين تي ڪجهہ بہ لکي، هُن جي ليکڪ کي قتل ڪريان.

ٻيو اهو تہ هن جي ڪهاڻين تي ڪجهہ بہ نہ لکي، پنهنجي ليکڪ کي قتل ڪريان.

ساهہ هر ڪنهن کي مٺو آهي، ان احساس هيٺ مان هن جي ڪهاڻين تي ڪجهہ بہ لکي......

منور سراج جي هن ڪتاب ”خوابن جا رستا“ ۾ شامل ڪهاڻين کي پڙهي، پهريئن ته مون کي هُن جي خوابن سان ريس ٿيڻ لڳي آهي، مان به اهڙا خواب ڏسي سگهان شايد!

هن اهڙا خواب ڏٺا آهن ۽ ڏٺل خوابن جي انهن رستن تي هلڻ لڳو آهي، جن رستن سنڌي ڪهاڻيڪارن جي اڪثريت کي اجا پاڻ مٿان هلڻ کان روڪي رکيو آهي.

ٻي ڏک ڏيندڙ ڳالهه اها آهي مون لاءِ ته. سندس ڪهاڻين کي پڙهي، سندس سنڌي ڪهاڻيڪار هجڻ واري محدودگيءَ تي ۽ جيئڻ واري محدودگيءَ تي رحم اچي ويو آهي، اتي اچي محسوس ٿئي ٿو ته ٻولي به هڪ قيد/محدودگي آهي، ڪنهن به نج ليکڪ لاءِ.

۽ منور لاءِ ته چوڻ نه چاهيندس پر لکڻ چاهيندس ته هن گذريل چڱي عرصي ۾ سرجيل ڪهاڻيءَ/سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آيل فن ۽ مواد جي لحاظ کان روايت کي پري رکندي، ان جا ڪنارا ٽوڙيندي، نوان سمبلس، نوان اميجز نوان ميٽا فورس، نيون ٽيڪنڪس، پنهنجون ڪندي، پنهنجي ڪهاڻيءَ کي هر طرح بدلائي ڇڏيو آهي، اڄ جي حوالي ۾ فلحال سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو ڪو به اهڙو نالو نه آهي، هن کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ لکندڙن جي نئين نسل ۾ هڪ هٽ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نالا مس آهن.

اڄ جي ذهين لکندڙ لاءِ پنهنجي هستي بچائڻ لاءِ ”ڪارڻ“ جو استعمال رهيو ڪونهي، ان ڪري هُو وڏيڪ سوچيندڙ آهي، ڪارڻ جي غير موجودگيءَ ۾ وري ڪميونيڪيشن نه آهي، ايئن ذهني قوتون ”ڪارڻ“ کي گم ڪرڻ طرف رڌل آهن، جيئن ئي ”ڪارڻ“ گم ٿئي ٿو ان جي جڳهه اڪيلائي/ ويڳاڻپ والاري ٿي. ها ! اهو فطري آهي پر ان کان کي پل لنوائي به سگهجي ٿو ۽ ضرور لنوائڻ به گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيئڻ کي وڏيڪ سولو ڪرڻ جو هيءُ به هڪ ذريعو آهي، ٻي صورت اها آهي، جنهن ۾ اڪثر منور جي ڪهاڻين جا ذهين ڪردار جيئن ٿا، جيڪي منور جي ليکڪ جا الڳ الڳ حصا به ٿي سگهن ٿا ته سندس شخص جا الڳ الڳ آڪار پڻ!

منهنجي قبوليت اها آهي ته ڪو به تخليقڪار فقط پنهجي تخليق ۾ پنهنجو نجي سَچُ اظهاري سگهي ٿو ان کان ٻاهر هن جو سڀ لکڻ ڪوڙ هجي نه هجي، سندس مروج سماج سان ناههُ ڪري جيئڻ جي ڪوشش ضرو آهي.

سنڌي ادب جي مڙني صنفن ۾ ڪهاڻي وڏيڪ ايري آيل صنف آهي، اهو نسبتي طور ئي سمجهڻ کپي، اڄ سنڌي ڪهاڻي، آس پاس جي ٻين ٻولين جي ڪهاڻيءَ ساڻ بر ميچي سگهجي ٿي، ليڪن اها نا اميدگيءَ ڀري حقيقت آهي ته معياري/تخليقي ڪهاڻين جو تعداد سنڌي ادب ۾ ڪافي گهٽ آهي.

# خوابن جا رستا :منور سراج

سنڌي ادب جي پهريئن اهميت ڀري جڳهه وري بہ سنڌي شاعري والاري ويئي آهي، ۽ آخري بينچ تي سنڌي ناول پنهنجي اڪيلائيءَ ۽ اداسائيءَ کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي.

گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي ادب ۾ ڪافي ڪهاڻيڪار اُڀري آيا آهن. روايت شڪن سنڌي نوجوان ليکڪ، موجوده سياسي ۽ سماجي ڍانچي ۾ "سنڌي" هئڻ جي محدودگيءَ ۾ جيئڻ جي طريقي کان واقف هوندي ۽ سجاڳ هوندي بہ، هن پيڙهيءَ جا ڪهاڻيڪار، هڪ طرف پنهنجي تمام مچتائن کي نظر انداز ڪندي لکي بہ رهيا آهن تہ ٻئي پاسي پنهنجا پير ڪوڙي پنهنجي تخليقي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ جهڙي ارادي جي بہ منجهن غير موجودگي آهي، سندن سفر ريگستان جي مسافر جيان آهي، پنهنجي راهہ پاڻ ڳوليندي وڃڻ. راهہ جي وجود سان سندن واسطو آهي يا نہ – ان قسم جي سوچ وٽن خير ڪا آهي!

آس پاس جي ٻين ٻولين جي نون ڪهاڻيڪارن جيان، سنڌيءَ جي نوجوان ڪهاڻيڪارن وٽ، تخليقي قوتون موجود هونديون بہ، هو ان سان اتساهہ ڀرپور وهنوار ڇو ڪو نہ ٿا ڪن، جنهن منجهان سندن تخليق پاڻمرادو اُڀري اچي. اڄ جيڪي نوجوان پنهنجي تخليقي قوتن منجهان اتساهہ وٺي لکي رهيا آهن، انهن ۾ اڳيان اڳيان بہ ڪي نوجوان آهن، منور سراج انهن مان هڪ آهي، اهو هن پاڻ ثابت ڪيو آهي.

سندس ڪهاڻيون ڏهاڙي اخبار پڙهي، پڙهندڙ هجڻ واري دعوا ڪندڙن لاءِ ٻنهہ نہ آهن.

انهن لاءِ بہ نہ آهن جيڪي هڪ نمبر ڪان هيٺ، ڪنهن بہ نمبر جو ڪالم لکي پاڻ لاءِ ليکڪ هجڻ جو ڀرم پاليندا آهن.

هن جون ڪهاڻيون انهن لاءِ آهن، جيڪي سنجيده پڙهندڙ آهن ۽ ڪجهہ پڙهڻ کان پوءِ ويچاريندڙ آهن، ڪجهہ محسوس ڪندڙ آهن. ڪهاڻيءَ جو روئڻ يا کلڻ، جن پڙهندڙن کي روئاري يا کلائي سگهي، هيءُ ڪهاڻيون انهن جي پڙهڻ جون ڪهاڻيون آهن، پلي سنڌ ۾ اهڙا بہ شخص ٿي ڇو نہ هجن، يا هڪ شخص ٿي ڇو نہ هجي، ان جو ڪنهن بہ نج تخليقڪار کي اونو ڇو هجڻ گهرجي؟ پڪ سان منور سراج کي بہ نہ آهي.

منور سراج جي ڪهاڻين جو مجموعي تاثر مان مٿي ڏني آيو آهيان پوءِ بہ سندس ڪهاڻين جي الڳ الڳ عڪسن کي هتي اظهارڻ جي سڌ روڪي نٿو سگهان. مان ائين سمجهان ٿو تہ منور جي ڪهاڻي.

**ڊيٽ ايڪسپائرڊ ماڻهو:**

اعليٰ فن جي سطح تي اپري آيل هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ڪي نہ هيرو جي گهرج آهي ۽ نہ هيروئن جا ڪجهہ حسين جملا ۽ ڪي احساس ڪي ڇهندڙ پل، جيڪي ڪهاڻي پڙهڻ وقت ماڻي سگهجن ۽ پوڄي بہ سگهجن. ماڻڻ ۽ پوڄڻ جي وچ ۾ هڪ ڏکي لڪير ۽ الميو.

” وسارڻ جي ڪوشش ۾ شيون وڌيڪ ياد ايندايون آهن.“

**روشنيءَ جو دائرو:**

سانت جي خوفناڪ آواز جو احساس ڏيندڙ هيءَ ڪهاڻي ڪنهن بہ ازم/ڏارا کان مٿي اپري آيل انهن ڪهاڻين ۾ شمارڻ جهڙي آهي، جيڪي ڪهاڻيون ڪنهن بہ ادب جو مرتبو وڌائينديون آهن، اتي ٻولين جو قومن جو ۽ نسلن جو ويڇو نٿو رهي.

**مسٽر ايم بي عرف سينيئر ڪلارڪ محمد بخش جو صبح:**

هڪ احساس جهڙو خواب، جنهن ڪي ڪنهن بہ صبح جي ساڀيان نہ آهي، اهو خواب ئي آهي، احساس ئي آهي ۽ شخص جي آس پاس کان ڪٽيل وجود آهي. جيڪو جيئرو تہ آهي پر نہ جيئڻ جهڙو آهي.

**آءِ ايم ناٽ جسٽ بيوٽيفل ڊسٽ:**

سموٺ سفر ۾، مذهب جي لڪير ڪي وچ ۾ وڏي ديوار سمجهندڙ محبت جي ميتا، پيس ايند نو، جي صليب تي لٽڪيل عبدالله ۽ مشعل جا احساس، فلسطين مان تبديل ٿيل ٽڪرو اسرائيل، موسيٰ جي مٿيل عصا ۽ اکين جي اوپرائپ، ڪنهن ڏني ۽ ڪنهن ڏنا اس ۾ اڏندڙ ابابيل، جيڪي ڇرا ٻٽي علي سعيد جي زندگيءَ جي جوت وسائي ويا ۽ هڪ اميد جاڳائي ويا مشعل جي تصور ۾، هڪ ٻئي علي سعيد ڪي جنم ڏيڻ جي.

**اڌ ۾ رهجي ويل جملي جو ڏک:**

هڪ ڪڻ ۾ اڌ ڄمار جو درد پوڄيندڙ شخص جي ڏک جو اظهار نہ احساس آهي، هيءَ ڪهاڻي. هڪ اهڙي ڪهاڻي، جيڪا لکي يا ٻڌائي نہ سگهبي آهي، هڪ تتل روح کان ٻئي تتل روح تائين جو سفر، روح جيڪو هڪ ڏکي پتڪاءَ جو نالو آهي، جنهن جي ڪا بہ شبيهہ توڙي تشبيهہ اظهاري نہ سگهبي آهي. شبيهہ رڳو منور سراج جي نظر اچي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ هن جي لکيل ڪهاڻي آهي. سچ تہ جيڪڏهن هو هيءَ ڪهاڻي نہ لکي ها تہ، اها پن ڇڻ جي رُت ۾ سندس اکين مان ڇڻي پوي ها. مان ائين سمجهان ٿو.

**دل جي ڳُنڍ ۾ ڄمي ويل برف:**

نواب شاهه جي ادب جي ننڍڙي آسمان تي ڇانو ڪري بيٺل " ماڻڪ" تي ڪيترا ئي ليک لکيا ويڃن. پر سندس خودڪشيءَ کان پوءِ ننڍڙي ڪمري ۾ ڦهليل وڏي ڏک کي ڪير محسوس ڪري سگهندو؟ مستقبل ۾ جن کي ان ڏک جي شدت جو تاءُ محسوس ڪرڻو هجي، انهن کي هيءَ ڪهاڻي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا پڙهڻ گهرجي ۽ ان جي معرفت ئي اهو تاءُ محسوس ڪري سگهبو. ڪنهن کي ڪجهه نه محسوس ٿيڻ جو گمان ٿئي ته اهو ڪهاڻي جو آخري جملو هڪ ڀيرو وڌيڪ پڙهي، جيڪو آهي.

"پيءُ جو ڦوٽو ٽو ساڙي
ڪافر
دوزخي
ذليل"

**لاهيارڻ جي سپني ۾ گلاب ٽڙن ٿا:**

هڪ خواب ۾ پلجندڙ ٻه الڳ الڳ ساپيائون، جيڪي پنهنجي پنهنجي سچ کي ماڻڻ کان محروم رهجي ويون. هڪ خواب جيڪو چئن اکين ۾ هڪ ئي وقت پلجندو رهيو. جنهن جي ساپيان گلاب جي خوشبو وانگر پلن ۾ اڏامي ويندڙ. ڪڏهن ٻه مُٺِ ۾ قابو نه ٿيندڙ. گلاب جيڪي ڪاريءَ چوٽيءَ ۾ مرڪڻ بجاءِ قبر جي آلي مٽيءَ تي پئجي سڪي ويا ۽ پنهنجي خوشبو انهن چئن اکين ۾ ڇڏي ويا، جن ۾ هڪ ئي وقت هڪڙو خواب پلجندو رهيو. خواب جي اڻپوري رهجي ويل ساپيان.

گيت ڏٽيءَ جا ڳڏجي ڳايون
جو ٽو ٽڏڙا مينهن وسائي
باغن ۾ جو انب پچائي
ويس گلن کي جو پهرائي

اڄ گلن کي پاتل هيءُ ويس آهي يا ڪفن آهي، ڪنهن خواب جي ساپيان جو؟

**بوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي ڳالهه:**

# خوابن جا رستا :منور سراج

فنڪار جي ” اندر“ ۾ گهڙي آيل ” ٻاهر“، وقت جي تيز ڊوڙ ساڀيان ڪان رهجي ويندڙ خواب، ” مڊل ڪلاس جو الميو“ ۽ نـ چاهيندي بـ پنهنجي پنيءَ تي لڳل ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي ٽپي جو بار ڍوئيندڙ آرٽسٽ جي اذيت، سيني گڏجي هن ڪهاڻيءَ کي هڪ عڪسي ڪهاڻي ٺاهي ڇڏيو آهي.

جيئن مون پهرئين بـ چيو آهي تـ منور جي ڪهاڻي محسوس ڪرڻ جي اول آهي، پڙهڻ جي ڪهاڻي پوءِ، جنهن کي پڙهڻ سان اهو احساس جنم وٺندو جيڪو ڪنهن لمحي پنائيءَ جي اندر ۾ بـ جاڳيو هئو ۽ هن اظهاريو هئو تـ:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ

**خوابن جا رستا:**

ڪجهہ عڪس ۽ ڪجهہ ڪڪر، ڪجهہ خوشبو ۽ ڪجهہ اداسائي، ڪجهہ خاموشي ۽ ڪجهہ مُرڪون ۽ ڪجهہ ٽڏن ساهن پرڻ جو اداس احساس ڏياريندڙ هيءَ ڪهاڻي، تخليق جي اهڙي اٽت آهي، جيڪا شايد سنڌي ادب اڃا پرکي رهيو آهي ۽ سنڌي ادب جو پڙهندڙ هن قسم جي تخليق کي ماڻڻ يا پوڳڻ کان اڃا ڪوهين ڏور آهي.

**دل جي نديءَ ۾ ٻڏي ويل ڇوڪري:**

گل فروش جي آڱرين جي ڇهاءَ ۽ گلن جي هڳاءَ جي خواب ۾ جيئندڙ ڇوڪريءَ جي نيرين اکين جي نديءَ ۾ ٻڏي ويل گل فروش جي هيءَ ڪٿا، اکين مان نـ وهندڙ ڳوڙهن ۾ ٻڏي ويندڙ احساس جي ڪٿا آهي، جيڪا هر شخص سان گڏ جيئندي آهي ۽ هر شخص سان گڏ مرندي آهي ۽ پويان ڇڏي ويندي آهي اداسيءَ جو اهڙو دونهون جنهن مان هُن پار ڏسي نـ سگهبو آهي، سڀ ڪجهہ ڏنڌلو ٿي ويندو آهي.

**الف الفابيٽ جي اٽيل ڪاف ڪهاڻي:**

ڪنهن بـ اٽت کي توڙيندڙ کي پل ڪٽي ايندڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ ” ن“ ڪردار جي، نفيس لمحن ۾ هڪ ننڍڙو دوستاڻو موبائيل ميسيج، وڏي سوچ جي پهاڙ هيٺ چيپاٽي ويندڙ ۽ جواب ۾ ڪنهن بـ صورت ۾ ان تاريخ، جيڪا اڄ آهي، سياڻي ٿيڻ کان پهرئين ان پهاڙ کي هٽائيندڙ ارادي جو سڪُ ۽ ان ۾ باقي رات جا بـ پهر گذاريندڙ ڇاڇا سهي وڃي ٿو. جيڪڏهن اهو سچ آهي تـ تخليقڪار پنهنجي تخليق ۾ موجود هوندو آهي تـ هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار ” ن“ ۾ منور جي موجودگيءَ کي لنوائي نـ سگهبو. مان ائين سوچيان ٿو.

**ڊسمبر جو پهريون ڏک:**

پوپٽ جي موت کي وڇوڙي جي علامت طور کڻي، شخص جي پاڻ سان گفتگو تي آڌاريل هيءَ ڪهاڻي، اج جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئون اسلوب کڻي ايندڙ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي هر اسلوب کي اوراڻگهي ويندڙ پنهنجو هڪ نجو دائرو جوڙيندڙ هيءَ ڪهاڻي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه نئون آڻيندڙ ڪهاڻي ته اوس آهي ئي، پر ڪهاڻيءَ جون عام سرحدون ڪراس ڪري، ڪي نيون سرحدون پڻ جوڙي رهي آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي آئيندي جو روشن اشارو ڏيندڙ هيءَ ڪهاڻي، منور جي هڪ اهم ڪهاڻيڪار طور سڃاڻ لاءِ ڪافي آهي. هڪ اهڙي سڃاڻ جهڙي ڪهاڻيءَ ڪافڪا کي ڏني آهي ۽ جهڙي سڃاڻ، رومانوادي ادبي ڏارا ۾ پوپٽ جي اڏام کي حاصل آهي. جهڙي چنڊ جي چانڊوڪيءَ کي حاصل آهي ۽ جهڙي تازگيءَ جي ميڄتا بهار جي مند کي حاصل آهي، ۽ جهڙي ميڄتا مائيڪل اينجلو جي آڱرين کي حاصل آهي ۽ جهڙي ميڄتا موسيٰ جي عصا ڏانهن منسوب ڪيل آهي!

**خوابن جي بائونڊري وال:**

ڳالهين جي هڪ ميرانجهڙي ڳوٺ ۾ جيئندڙ ٻه شخص، ٻن چيڙن تي رهندڙ. آواز جي مڌر ڌن تي سندن ڌڙڪندڙ ٻه دليون، سنگ مرمر جي بينچ، بوگن ويلا جي ڇانو ڇئو ماسي جا آخري ڏينهن ۽ برسات جا وسندڙ پل، هڪ ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙ لاءِ ايترو ڪجهه موجود آهي. ها! جنهن جي وچ ۾ ڪي ٻه قصا نه آهن، ڪي جملا آهن، ڪجهه احساس آهن ۽ هڪ حسين ماحول جوڙيل آهي. ٻن شخصن جي ڳالهين وچ ۾ هڪ ڏکهي خاموشي آهي، جيڪا شايد سدائين رهڻي آهي، شخص جي چهري تي ايري آيل خوشيءَ توڻي ڏک جي ريکائن جيان. اهي ريکائون جيڪي شخص جي سموري ڏک جي تاريخ ٻڌائي وڃن ٿيون.

**سموڪرس ڪارنر جي شام:**

هڪ سگريٽ جي ٻاريل ۽ وسامي ويل وقت ۾ ٻڌايل زندگيءَ جو ڏکهو لمحو هن ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ڇڏيو آهي، ليکڪ پاڻ ڪو ٻه تفصيل نه ڏنو آهي سڀ وقت جي دائري ۾ قيد ٿيل احساس اظهاري وڃن ٿا. سنڌي ڪهاڻي ايتري تخيلقي سطح تي ايري ايندي، اهڙو تڪڙو امڪان ته شخصي طور مون کي

اجا بہ نظر نٿو اچي، جيڪڏهن مان پنهنجي مطالعي ڪان منور سراج جون هي ڪهاڻيون پري ڪري رکان تہ!

هي ڪهاڻيون خوابن جي انهن رستن ڏانهن وڃن ٿيون. جن جي شروعات تہ هوندي آهي پر انهن جي پڇاڙي ڪڏهن بہ اچڻي نہ هوندي آهي. منور جون هيءُ ڪهاڻيون، شايد چون ٿيون تہ هاڻ هو فقط خوابن سان ئي پيار ڪرڻ لڳو آهي، ساڀيائون ڪائنس رسي ويون آهن .

ڪيئن بہ هجي منور جون هي ڪهاڻيون جيڪي دراصل ڪهاڻيون نہ آهن، ڪهاڻين جا احساس آهن، سنڌي مروج ڪهاڻيءَ ڪان الڳ ٿلڳ آهن، اهو اڄ جو سچ آهي.

**پنجين ڏسا:**

هيءُ منور جي ڪتاب جي آخري ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ نظم آهي ڪٿائي نظم!

۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عورت جي شڪايت آهي، پنهنجي سنساري ڪمن ۾ جيئندڙ مڙس ڪان، مڙس پاران گهربل توجهہ نہ ڏيڻ جي! عام زندگيءَ جي ۽ اندر جي سنسار جي ڪٿا آهي، جيڪا ظاهري جهان ڪان الڳ جهان ۾ پلجندڙ آهي، اهڙو جهان جيڪو هن جڳ ڪان الڳ آهي، جنهن ۾ اڪثر عورت جيئندي آهي ۽ مرندي آهي، جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيڪاريل آهي " عورت توجهہ گهرندي آهي، گل جيان" ٻي صورت ۾ هوءَ اوس مرجهائجي ويندي. اڪين جون چار ئي موسمون ۽ پيار جي پنجين موسم اندر ۾ سمائيندڙ ڪو بہ شخص ائين پلن ۾ جيئندو آهي ۽ پلن ۾ مرندو آهي.

ائين "خوابن جا رستا" ڪتاب پورو ٿئي ٿو. پڪ سان اهو سياڻي جي تخليقي ڪهاڻيءَ لاءِ روشن ساڀيائون آڻيندو ۽ بس.

**رڪيل مورائي**

**1 فيبروري 2016ع**

**ڪراچي**

**پنهنجي پاران**

# رديءَ جو ليکڪ

ان ڏينهن ڏاڍو وڻندڙ واقعو پيش آيو مون سان! وڻندڙ خوبصورت ۽ خوشيءَ سان سرشار ڪري ڇڏيندڙ. ان سرشاريءَ جون لهرون منهنجي دل جي نديءَ مان ڪُٽن ئي نٿيون.

”توهان ڪهاڻيڪار آهيو؟“ منهنجي پاڙي جي دڪاندار ان ڏينهن مون کان هبڪندي پڇيو.

”جي ها ادا!“ مون ڪيس هبڪ جي جهاڪي مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مُرڪندي وراڻيو.

”پر اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟“

مون کانئس اضافي سوال ڪيو جو ان پاڙي ۾ مون کي جاءِ ورتي ڪو گهڻو وقت ڪونه ٿيو هو. ان ڪري مون کي پڪ هئي ته هو منهنجي لڇڻن کان واقف ڪونه هوندو.

”دراصل ڀائو! ڪالهه سُکي مانيءَ وارو مون وٽ هڪڙو ڪهاڻي ڪتاب وڪڻي ويو آهي، جنهن تي تصوير اوهان جي آهي ۽ نالو به اُهو آهي، جيڪو ڪنڌي واري رجسٽر تي اوهان لکيو هو. يعني ”منور سراج“.

دوڪاندار خوشيءَ، حيرت ۽ حجاب جي گڏيل ڪيفيت سان مون ڏي ڏسندي نه ڏسندي چيو.

جڻ کانئس غلطي ٿي وئي هجي.

جڻ ڪجهه صحيح ٿيو هُجي.

جڻ ڪجهه صحيح ۽ ڪجهه غلط جي وچ تي ٿيو هُجي.

جڏهن ته مان، مون تي اوچتو ۽ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٿيل ان انڪشاف سان، ته مان اصل ۾ رديءَ جو ليکڪ آهيان، خوشيءَ جي اهڙي درياهه ۾ تبديل ٿي چڪو هئس، جنهن جو ڪوئي ڇيهه نه ڇيڙو هوا! مون محسوس ڪيو ته رديءَ جو ليکڪ هجڻ جي خوشي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ منفرد، اجنبي ۽ نئين نڪور خوشي آهي. اهڙي خوشي جنهن سان اڳ ڪڏهن به مان متعارف نه هئس... بلڪل ائين جيئن جنم کان اڳ هڪ ٻار، ماءُ جي ٿڃ جي ذائقي ۽ آغوش جي ڪوساڻ کان بي خبر هوندو آهي!

مون کي اها ته خبر هئي ته مان محبتن، انتظارن، سرگوشين، خاموشين، گلن، خوشبوئن، ٻارن، پوپٽن ۽ خودڪشيءَ جي رستن تي هلندڙ معصوم قدمن جهڙن Date Expired موضوعن ۾ گم سم رهندڙ ڪردارن جي ڪهاڻين جو معمولي قسم جو ڪهاڻيڪار آهيان، مون وٽ ڪو ثبوت نه هو ته مان

واقعي بہ ٽئين درجي جو ليڪ آهيان. پر ان ڏينهن جي وٽندڙ واقعي / انڪشاف مون کي پڪو ثبوت بہ ڏئي ڇڏيو تہ مان واقعي بہ رديءَ جو ليڪ آهيان.

هونءَ بہ اهو سچ آهي تہ جديد سرمائيداراڻي سماجي نفسيات ۾ جتي انساني جذبو ۽ جذبي جي Originality، توڙي ماڻهوءَ جو وجود، محض commodity بڻجي رهجي ويو آهي، اُتي سموري آرٽ کي بہ جهڙوڪر هڪ غير ضروري ۽ اضافي شئي سمجهيو پيو وڃي.

پر شايد پاڻ جهڙن پاڳل ۽ Date expired ليکڪن کي دل جي ديوانگي ڏاڍي وڻي ٿي. من جا موضوع منا تا لڳن.... مون کي تہ رديءَ جو ليڪ هجڻ جڻ پنهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز ۽ ايوارڊ ٿو ڀاسي، جو رديءَ جهڙا بڻجي ويل هن جديد دور جا سڀ قصا، مون کي پنهنجي دل جا حصا تا لڳن.

”ڀائو!“ دڪاندار مون کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو ”توهان منهنجي ڳالهہ تي ناراض تہ ڪونہ ٿيا آهيو؟“.

”نہ علي جان!“ مون پنهنجي اندر جي عميق سرهائيءَ جون لهرون سپيُن جئان سهيڙيندي چيو ”رديءَ جي صورت ۾ هڪ پڙهندڙ کان بئي پڙهندڙ تائين پهچڻ منهنجي لاءِ ڏاڍي خوشيءَ جو باعث آهي“.

دوستو!

سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ بطور ليڪ جيڪڏهن مون کان منهنجي ڪائي وڏي خواهش پڇي وڃي تہ مان چوندس تہ منهنجي خواهش اها آهي تہ مون کي رديءَ جي ليڪ طور سڃاتو ۽ سڏيو وڃي.

۽ پنهنجي ان خواهش کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ مون ان شام دڪان ۾ رکيل پنهنجي ڪنڌي واري رجسٽر تي دڪاندار کان اجازت وٺي، هڪ وشال مُرڪ سان پنهنجو نالو ”منور سراج“ ڊاهي، ”رديءَ جو ليڪ“، لکي ڇڏيو.

**منورسراج**

رديءَ جو ليڪ

8 ڊسمبر 2015ع جي شام

◊ نواب شاهہ ــ سنڌ
siraj.munawar@gmail.com
0340-1327080



# ڪهاڻيون

# Date Expired ماڻھو

”زندگي شروع ڪان وٺي ائين ئي آھي جيئن ھينئر نظر اچي ٿي.“ آوازن ۾ خاموشيءَ سميت بي انت خاليپڻي جو حصو ٿيڻ ڪان اڳ سوچيائين ”زندگيءَ ۾ رھجي ويل خال، ڪوٺون ۾ عجب جون نشانيون زندگيءَ ڪي مڪمل ڪن ٿيون“ پر مطمئن نہ ٿيو ”شايد ائين ھجي. يا شايد ائين نہ ھجي.“ سندس سگريٽ جي ھر ڪش سان سُرمئي دائرا نھڻ ڊھڻ لڳا. ھو دائرن ۾ ڀٽڪندو رھيو. دائرا منجھس ڀٽڪندا رھيا پوءِ ھڪ ھڪ ٿي سڀ دائرا ھوا ۾ ڊائليوٽ ٿي ويا.

”دراصل سچو لطف Limits اورانگھڻ ۾ آھي“ گلاس ٽيبل تي رکندي ھٿ ٽڙيس تہ ڀڻڪيو ”جيڪي Limits ٽپي نہ سگھندا آھن اُھي زندگيءَ جي اصلي ذائقي ڪان محروم رھجي ويندا آھن.“ ٻيون پيگ ٺاھڻ جو ارادو ڪيائين تہ ھوءَ مُرڪي پئي. ھن جي مُرڪ سان ڪانٽس پيگ ٺاھڻ وسري ويو ۾ پکيءَ جو گيت ياد اچي ويس. پکي جيڪو گھڻو وقت اڳ ھڪ شامَ اڏامندو آسمان جون حدون اورانگھي ويو ھو. خالي گلاس ڏي نِگاھہ ويس تہ گيت جا ٻول ذھن مان نڪري ويس. ھُو پکيءَ جو گيت وساري ويٺو. ھن بدستور ڏانھس ڏٺو پئي.

”وڏي ڪا ذليل آھين!“ سندس اکين ۾ گھڻو پري تائين لڙھندي. مسرور لھجي ۾ چيائين نشو ٻيٺو ٿي ويس. ”چو ھان ذليل؟ ھان؟ ٻڌاءِ! توکي اھڙو چا ڪيو اٿم؟“ شوخ نھار سان ڏسندي نںڍڙا نںڍڙا ٺھڪ ڏئي چيائين تہ لڳو جڻ ٻہ جام پاڻ ۾ ٽڪرائجي پوئتي ھٽي ويا ۾ ماحول ۾ جلترنگ جي ٽيون وڄندي چڙي ويا. ڪيس لڳو رات جو جنم موسيقيءَ جي ڪُک مان ٿيو آھي.

”اڳ ۾ اعتبار نہ ھئم پر ھاڻ يقين ٿي ويو اٿم تہ تو منھنجي پاسريءَ مان جنم ورتو آھي. شايد ان ڪري ئي توکان سواءِ منھنجي لاءِ وقت اپاھج ھوندو آھي.“ اھو جملو چيائين جيڪو دراصل چوڻ لاءِ نہ سوچيو ھئائين پر پاڻ ڪي ٻڌائڻ لاءِ سوچيو ھئائين. پر ھن مُرڪي سندس چپن تان سڀ لفظ چونڊي ورتا. ڪيس خبر ھئي تہ اصل ۾ انھن لفظن تي پھريون حق سندس آھي. ۾ فخر جي احساس سان ٻيو دفعو مُرڪي منھن ۾ پوندڙ وارن کي ھٿ سان پوئتي ھٽايائين تہ ھڪ چانڊوڪي رات جو جنم ٿيو. املتاس جي وڻ ۾ سان پارڪ ۾ رکيل ٻہ ڪرسيون، ھڪ ٽيبل، باٺونڊري وال تي ڦھليل سائي ول، دل ۾ ڪجھہ خالي خالي جو احساس. چوٺ طرف ڦھليل بي انت خاليپڻو ۾ ھر پل وڌندڙ خاليپڻي جو احساسُ.... ڪجھہ

پکي ٻوليندا مٿان گذريا تہ ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏي ڏٺائون. پر ايستائين پکي سندن نهار جي پهچَ کان پري هليا ويا ۽ خلا ۾ پنهنجا عڪسَ ۽ آوازَ ڇڏي ويا. پوءِ آواز ۽ عڪس بہ معدوم ٿي ويا.

”سڀ ڪجهہ پولار ۾ الوپ ٿي ويندو آهي. پکي، آواز، تارا، روشني، ماڻهو... برمودا ٽرئنگل رڳو سمنڊ ۾ ناهي. خلا ۾ بہ آهي. ڌرتيءَ تي بہ آهي. هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ بہ هڪڙو برمودا ٽرئنگل هوندو آهي، جنهن ۾ سڀ ڪجهہ الوپ ٿي ويندو آهي. پوئتي رُڳو عڪس رهجي ويندا آهن.“ پاسيس هو پاڻ بہ عڪس آهي ۽ هوءَ بہ جنهن جي ڳلن تي چانڊوڪي هارجي رهي آهي هڪڙو عڪس آهي. اهو بہ تہ لفظ وات مان نڪرڻ کان اڳ زندهہ هوندا آهن ۽ ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ ڊهي ويندا آهن. فقط خاموشي ئي لفظن کي مرڻ کان بچائيندي آهي.

”تنهنجون هي نديءَ جهڙيون ڳالهيون ۽ تون.... هيڏي مان ۽ منهنجي رنگن کان محروم زندگي ۽ چئو واٽي تي بيٺل ماڻهوءَ جي حالت.... سفر ڪيترو نہ مشڪل ٿي پوندو آهي اڪثر. سوچيو اٿئي؟“ شيشي جي مخروطي گلاس ۾ بيئر اوتيندي شيشي جهڙي شفاف آواز سان چيائين. بيئر مخصوص آواز سان گلاس ۾ لٿو ۽ اڇي گجيءَ ۾ تبديل ٿي ويو.

”ٿورڙي وسڪي ملائينس. ٿڌ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي.“

”نہ منهنجي لاءِ منهنجي اداسي، رات جو پهريون پهر ۽ ست پرسينٽ الڪوحل ڪافي آهي، اها ئي منهنجي Limit آهي.“

پهرين سُرڪ پرڻ سان گلابي ڳل وڌيڪ گلابي ٿي ويس. املتاس جي گُلن تي نڪار اچي ويو. دل ۾ سوچيائين تہ چوانس ”آخر هيئن ڪيستائين هلندو؟“ پر نہ چيائينس. ساڳي ڳالهہ ٻئي انداز ۾ چوڻ کان اڳ ٻي سُرڪ پريائين ”آخر مان ڪيستائين زيبرا ڪراسنگ تي بيهان؟“ ۽ سُرڪ سُرڪ بيئر پيئندي ڏانهس ڏسندي رهي. ان توقع سان تہ هو ڪيس اهڙو جواب ڏيندو جيڪو سندس سفر لاءِ Mile stone ثابت ٿيندو. جِتان هوءَ زندگيءَ کي نئين ترتيب ڏيندي. پوءِ رستا مٿس طنز نہ ڪندا. پر هو چپ جي نديءَ مان ٻاهر نہ نڪتو ۽ سندس گلاس خالي ٿي ويو.

”ٻيو ناهي ڏيانءِ؟“ ـــ هن رواجي جملو ڳالهايو. هوءَ ڏک جي لهر ٻڏجي وئي.

”ائين نہ هلندو. پينرون پچن ٿيون. سمجهن ٿيون. وڏيون پيون ٿين. اڇڻ وڃڻ ڏکيو ٿو لڳي. رستا ڪائڻ لاءِ ٿا ڊوڙن. ماڻهو زيبرا ڪراسنگ تي گهڻو وقت بيهي نہ سگهندو آهي. قدم ڪٽڻو پوندو آهي. پوءِ اڳتي نہ ئي سهي پوئتي ئي سهي.... ڪاٻي نہ تہ ساڄي ئي سهي.“

چوڌاري چپ چانئجي وئي. نہ ڪنهن بحث جي گنجائش هئي نہ دليل جي ـــ جو ڪجهہ هو سامهون هو.... سچ هو. ظاهر هو. هوءَ پرس ۾ اُهو ڪجهہ ڳولڻ لڳي جيڪو پرس ۾ هئو ئي ڪونہ. اها

ڪيس خبر بہ هئي. هو دونهين جا دائرا ناهي، ڏاهي ۽ ڏاهي ناهي رهيو هو. پاڻ کي مصروف رکڻ جي ناليءِ شڪست کان بچڻ جي هڪ ڪوشش. ٻئي الڳ الڳ اداسي ۽ ڏک جي خوشبوءِ ۾ ويڙهيل هئا.

”ٽيچنگ ڪيئن پئي هلي تنهنجي. ٻار تنگ تہ ڪندا هوندا؟“ هڪڙو سوال جنهن جو موقعي محل سان تعلق نہ هو يا شايد تعلق هو.

موٽ ۾ هوءَ آسمان ڏي ڏسڻ لڳي جنهن ۾ ڪيئي ستارا هئا. بي انت خلا هو. ٿڌ هئي. خاموشي هئي. ۽ آس پاس املتاس جي گلن جي خوشبو هئي. خوشبوءِ ۾ اداسي هئي.

”مون سوچيو هو شايد آسمان مان تارا لاهڻ ايترو سولو آهي جيترو ڪيبن تان سگريٽ وٺي ريزگاري پير ۾ ويٺل فقير کي ڏئي ڇڏڻ، پر فيصلي جي گهڙي آسمان کي پري ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ شام جو رنگ سدائين ساڳيو نہ هوندو آهي،“ ڳالهائيندي سگريٽ مان ڪش پرڻ وساري ويٺو. سگريٽ وسامي ويو. ”اهي تنهنجون ڳالهيون ۽ مان. ۽ زندگي ۽ مُٺ مان واريءَ وانگر وهندڙ وقت.... اصل ۾ تون خود غرض آهين. سچ سدائين اوپرِ مان اپرندو آهي ۽ اولهہ ۾ لهندو آهي... ائين ٿيندو رهندو جيئن ٿيندو رهيو آهي.“ هوءَ ڳالهائيندي پنهنجي ئي آواز جي درياهہ ۾ ٻُڏي وئي.

هن چوٿون پيگ ناهڻ چاهيو. ٻئي پل يادگيري لهي ويس. بائونڊري وال تي ڦهليل ول جي پنن ڏي ڏسندو رهيو. ۽ ذهن تي زور ڏيڻ لڳو تہ هڪ پل اڳ مون ڇا پئي ڪرڻ چاهيو! يادگيري، ويسر.... بہ پور وچوٽ پتڙيون. وچ ۾ تختا، پٽر، نٽ بولٽ، تيل جا داغ، ڪاري انجڻ. ڪارو دونهون، ڪاري ڪُوڪَ ۽ ڪوڪَ سان اڏاٽل پکي ۽ ٽيليفون جي تار تي رهجي ويل پکين جا عڪس. نشي جا رنگين ڌاڳا ڇڄندي محسوس ٿيس ۽ ياد آيس تہ هڪ پل اڳ چوٿون گلاس ناهڻ پئي چاهيائين. پر چوٿون گلاس نہ ناهيائين. اها ئي سندس Limit هئي.

۽ جڏهن بہ Limit اورانگهي هوندائين پريشان ٿيو هوندو.

”هائو. مان Selfish آهيان. پکي، جيت، جانور، ماڻهو سڀ Selfish آهن.... منهنجو باس ۽ باس جو پٽيوالو بہ Selfish آهي.

اهو سلسلو Fittest Survival کان بہ قديم آهي. جنهن ڏينهن سني پگهار واري نوڪري ملندي، Firm مان استعيفيٰ ڏيڻ جهڙو ٿيندس، ان ڏينهن توکي جُوائن ڪندس.... خود غرضي زندگيءَ جو وڏو سچ آهي.“ هوا جي جهوٽي املتاس کي لوڏيو تہ ٽارين تان ڪجهہ پن ڇڻي پيا... هن خواهش ڪئي تہ ڪرسيءَ تان اُٿي هيٺ ڪريل پن وچي ڳڻيان ۽ اندازو ڪيان تہ هڪ جهوٽي سان هڪ وقت ڪيترا پن ڇڻندا آهن... ڪيس پنهنجي خواهش تي ڪل اچي وئي. ڪا بہ سچي مُرڪ لڙڪن کان خالي نہ هوندي آهي.

سندس اکين ۾ برسات جو امڪان ڏسي، هوءَ ڪرسي ڇڪي سندس پر ۾ اچي ويٺي ته آسمان ويجهو ٿي ويو.

”ڳالهين جي سحر ۾ مون جو ڪجهه پاتو ۽ وڃايو ان جو ڏک به رهندو ته خوشي به. وسارڻ جي ڪوشش ۾ شيون وڌيڪ ياد اينديون آهن. ماڻهو جهڙو رستو چونڊيندو تهڙو درد پرائيندو آهي. منهنجي ڊائريءَ جو هڪڙو به ورق اڇو ناهي جنهن ۾ نئون ڏک لکي سگهان.“

چوٿون پيگ ٺاهڻ چاهيائين ته هوءَ سندس هٿ ۾ گلاس جي وچ ۾ اچي وئي.

ڊاڪٽر سندس اي سي جي ڏسندي چيو پئي ”الڪوحل ۽ سگريٽ توهان جي دل لاءِ چڱو ناهي. احتياط ڪيو.“ هوءَ ڊاڪٽر جا لفظ پوتيءَ جي پلؤ ۾ ٻڌي آئي هئي. چوٿون پيگ ممنوع ٿي ويو هو.

هُو مرڪيو ”ڊيٽ ايڪسپائرڊ ماڻهوءَ جي دل ۽ احتياط...“ سندس مُرڪ ۾ املتاس جي ڦڪن گُلن جي هيڏي خوشبو هئي. ان رات هو اڪيلو هو. سندس هٿ ۾ گلاس جي وچ ۾ ڪير به نه هو. ان ڪري هو آزاديءَ سان چوٿون پيگ ٺاهي Limit اورانگهي ويو.

# روشنيءَ جو دائرو

ايئن هئو ٻہ ۽ نہ ٻہ هو.

اهو فقط هڪڙو لمحو هو. ۽ هڪ لمحو ئي تہ زندگيءَ جو فيصلو ڪندو آهي. ماريندو آهي هڪ لمحو. هڪ لمحُو ئي جيئاريندو آهي. يعني وڃڻ ۽ اچڻ . اچڻ ۽ وڃڻ. وچ ۾ ذري گهٽ اٺاويهن ٽيهن سالن جو عرصو. ڪيترو نہ وڏو عرصو!

ڪيترو نہ مختصر عرصو! لاحاصل انتظار جو ڏک.

ٽڏ هوندي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦُڙا.

بوگيءَ ۾ هوندي بوگيءَ کان ٻاهر پٽڪندڙ سوچ.

پرسان بيٺل پٺاڻو چپس وارو ڇوڪرو هن جي اداسيءَ کان بي خبر ان اميد سان ڏانهس گهوريندڙ تہ هوءَ ضرور پٺاڻو چپس وٺندي. يا ممڪن آهي تہ نہ ٻہ وٺي. آس نراس جي ٽياس تي ٽنگيل نيڻ ننيڙي گهورڙئي جا.

هوءَ آس پاس کان بي نياز. گم سُم. خاموش هوندي اڻ خاموش. اداس ـ سوالن جوابن ۾ خدشن جي گهيري ۾ ڦاٿل. ورهين جو رهجي ويل حساب ڪِتابُ!

طويل گهيرو. گهيري ۾ ڪيئي ننڍا وڏا گهيرا. بي انت گهيرا. سوڙهو دائرو. دائري ۾ ڪيئي دائرا. بي انت بي پناهہ دائرا. روشنيءَ جو دائرو. اونداهيءَ جو دائرو.

مسلسل اٺاويهن سالن کان ٻرندڙ بتي. بتيءَ جو روشن دائرو. هوءَ اٺاويهہ ٽيهہَ سال اڳ هڪ رات بظاهر روشنيءَ جي دائري ۾ داخل ٿي هئي. جڏهن دائري مان نڪري وئي هئي. اها سندس ذاتي چونڊ هُئي.

وڃڻ ۽ اچڻ.

اچڻ ۽ وڃڻ.

وري واپس اچڻ.

زندگيءَ جو بنهہ ڏکيو مرحلو: موٽڻ.

”موٽڻ کان تہ مرڻ ڀلو آهي.“ هوءَ ساڳيو جملو ڪيئي دفعا دهرائي چڪي هئي ۽ اجا دير تائين دهرائيندو هئس.

”خاص ڪري ان حالت ۾ موٽڻ، جڏهن نہ توهان وٽ ڪنهن کي ڪجهہ ڏيڻ لاءِ بچيو هجي نہ وٺڻ لاءِ.“

هوءَ سوچيندي رهي. پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي رهي.

ريلَ گاڏي هلندي رهي. هن جو ذهن ڊوڙندو رهيو.

”ان کان بہ مشڪل مرحلو شايد هي آهي جو......“

”پٽاٽو چپس!“ چپس واري ڇوڪري هُنَ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ زور سان هوڪو ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي، پر هوڪو نہ ڏنائين. البت هن جي ڪنن تائين هوڪي جو آواز پهچي چُڪو. ڇوڪرو سامهون بيٺو لاڳيتو ڪيس گھوريندو رهيو.

”...... مشڪل مرحلو هي آهي جو موٽندڙ مسافر جو ڪير بہ آڌر ڀاءُ ڪندڙ نہ هجي.“ سندس اکيون لڙڪن ۾ پُسي ويون. توڙي جو هوءَ سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺي هئي، پر بهرحال پوءِ بہ اجا پڇتاءَ جي حق کان محروم نہ ٿي ٿيڻ گهريائين. وڃڻ ۽ اچڻ.

اچڻ ۽ وڃڻ.

هڪ لمحو هڪ لمحي جا ٻہ نالا. ٻہ روپ. ٻہ ڏک. ٻہ زخم. ريل جون ٻہ پٽڙيون. پٽڙين تي هلندڙ بيهندڙ بيهندڙ هلندڙ ريل گاڏي. ريل گاڏيءَ کي بتي ڏيکاريندڙ ملازم. بتيءَ جي جهيڻي روشني. روشنيءَ جو دائرو. دائري ۾ اچڻ. دائري مان نڪرڻ.

”آخر ڇا رکيو آهي هن ڳوٺ ۾؟! ڪچو گهر. چار ڪتون، ٻہ پيتيون ۽ بي انت ويراني، اونداهي ۽ اڪيلائي“.... ”ناهي مون کي خدو بتيءَ واري سان شادي ڪرڻي. ڄٽ اڻ پڙهيل. جاهل. خدا بخش بتيءَ وارو... هونهہ!“ خوبصورت چهري تي ڦهلجي ويل ناگواري جو تاثر. ماڻهنس منهن ۾ ڏسندي رهجي ويس هميشہ جيان. ڪجهہ نہ چئي سگهي جواڻ جماڻ پڙهيل لکيل ڌيءُ کي.

هوءَ ڳالهائيندي رهندي. ڪجهہ بہ. ڇا بہ. سڀ ڪجهہ.

هوءَ خاموشيءَ سان مسلسل پٽي منهن ۾ ڏسنديس.

تان جو ڪنهن شامَ هوءَ رات جي ڪناري تي ٿيلهي ۾ ٿورو سامان وجهي ٻاهر نڪري وئي. ماڻهنس پوتيءَ جي پلؤ سان ائين اکيون اگهي ڇڏيون. ڄڻ پاڙي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ جي ڳالهہ ٻڌي روئڻ اچي ويو هجيس ۽ اکيون اگهي گهرجي رهيل ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي وئي هجي. شايد ڪجهہ ماڻهو ڪجهہ ماڻهن لاءِ وقت کان اڳ ئي مري ويندا آهن. اهميت وڃائي ويهندا آهن. اجنبي ٿي ويندا آهن.

اونداهيءَ کان روشنيءَ ڏي اڏام.

يا

روشنيءَ کان اونداهيءَ ڏي سفر!!

ڪيئن چئجي!

روشنيءَ جو مختصر دائرو. دائري جي پير ۾ هميشہ جيئن خاموش بيٺل خدا بخش بتيءَ وارو.

بتي ۽ خدا بخش. خدا بخش ۽ بتي. وچ ۾ هوءَ.

”مان گهر ڇڏيو پئي وڃان. ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجان.“

”پر ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“ هڪ سوال هڪ ڏک.

”توکي سوال پڇڻ جو حق ناهي.“ هڪ جواب ـ هڪ دڙڪو.

”پلا واپس ڪڏهن ايندينءَ؟“ هڪ سوال. هڪ التجا. هڪڙو ڏک.

”جلدي... تمام جلدي موٽي ايندس پر ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪجانءِ.“ هڪ جواب. هڪ حڪم. هڪ دلاسو. هڪ آسرو. هڪ اڌورو ۽ ڪچو واعدو.

خدا بخش بتيءَ واري خوشي محسوس ڪئي. ڏک بہ ڏاڍو ٿيس!

هڪ واعدي جي خوشي، واعدو جنهن جي وفا ٿيڻ جو امڪان هو بہ الاءِ نہ!

هڪ وڇوڙي جو ڏک جيڪو ڏاڍو طويل بہ ٿي پئي سگهيو!

”چپس وٺو چپس!“

چپس واري ڇوڪري، پنهنجي اندر ۾ پٽڪندڙ خوبصورت عمر رسيده عورت کي بوگيءَ ۾ واپس موٽائڻ لاءِ زور سان هوڪو ڏنو. ”ڪيئن گذري ويو هيڏو وقت. ۽ ريل گاڏيءَ جو سفر آهي جو ڪٽي ئي نہ ٿو. جڻ ورهين کان ساڳي گاڏيءَ ۾ ساڳي بوگيءَ ۾ ويٺي آهيان.“ چپس واري ڇوڪري جو هوڪو ڪيس پنهنجي اندر ۾ پٽڪڻ کان بچائي نہ سگهيو. هوءَ پيشانيءَ تي اپريل پگهر ڦڙا اگهڻ لاءِ پرس ۾ ٽشو ڳوليندي ڳوليندي پنهنجي پاڻ کان گم ٿي وئي. زبان تي شڪست جو ذائقو. خوابن جي وشالتا ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي ماري وجهندي آهي. هونهن.... وڏيون ڳالهيون.... وڏا ماڻهو. وڏا رتبا، سڀ ڪوڙ.... دوکو.... ٻهروپ.... روشنيءَ ۾ لڪل گهور اونداهي.

هڪ خواب کان ٻئي خواب تائين ماڻهوءَ جا پيرَ پٿون.... هڪ واعدي کان ٻئي واعدي تائين پلصراط جو سفر. هڪ شخص کان ٻيو شخص. ٻئين کان ٽيون، چوٿون ۽ پنجون.... وڌندڙ انگ..... ماڻهو ساڳيا. ساڳيا واعدا، آسرا، دلاسا، ساڳيون ڳالهيون، ساڳيا بسترا، چادرون، ڪمرا، در دريون، ساڳيا ڪُلف، ڪُنجيون. پنهنجي پرس ۾ ڪنهن هڪ گهر جي هڪ ڪنجي سانديي رکڻ جي عورتاڻي خواهش ۾ هٿن ۾ ايندڙ ويندڙ ڪيترن ئي بند دروازن جون ڪنجيون. هر ڪنجي هڪڙو ڏک. هر دروازو هڪ حادثو. پرس ۾ رهجي ويل ڪنڊوم ۽ برٿ ڪنٽرول ٽيبليٽس. هڪ شادي، ٻي شادي، ٽين شادي، ٽي طلاقون. منهن ۾ پئجي ويل انيڪ گهنج. ڪجهہ چاندي چاندي وار. حواسن ۾ رهجي ويل سگريٽن،

## خوابن جا رستا :منور سراج

شراب ۽ ڪوڪين جي بوءِ ۾ گذري ويل وقت ڪان تحفي ۾ مليل نظر جي چشمي سان گڏ اڻ وسرندڙ حادثن جو ڏک.

مسافرن سان ڀريل بوگي. خالي خالي اندر. دريءَ مان پري تائين نظر ايندڙ ويراني. صحرا. واري. خاليپڻو. اڪيلائي. اکيون ساڙيندڙ اُس. تار ڇڪيان... نہ ڇڪيان. تار ڇڪي هِتي جو هِتي گاڏي بيهاريان..... بوگيءَ مان لهان... صحرا ڏي ڊوڙان.... اهو صحرا منهنجي اندر جو اولڙو آهي.... اهو ويرانو منهنجي روح ۾ آهي... بوگيءَ مان لهان... ڊوڙندي وڃان... پري پري تائين. شهر ڪان پري، ماڻهن ڪان پري، گاڏيءَ ڪان پري. پنهنجي پاڻ ڪان پري ڊوڙندي ڊوڙندي رڻ ۾ رُج جو حصو ٿي وڃان. واري وسايان پاڻ تي. واريءَ جي لهرن ۾ لڪي وڃان... ڪير بہ نہ ڏسي مون کي، نہ ڪي مان ڏسان ڪنهن کي. ڇا رکيو آهي مون لاءِ ٻاهر؟؟ "واپس ڪڏهن ايندينءَ؟" هڪ سوال. هڪ خواب. هڪ خواهش. هڪ التجا. هڪڙو ڏک... ۽ موت؟؟ تون ڪير ٿيندو آهين سوال پڇڻ وارو؟ ڪهڙي آهي تنهنجي اوقات... خُدو بتيءَ وارو؟ ٽڪي جو معمولي ملازم... جاهل... جلدي موٽي ايندي‌س... هڪڙو دلاسو. هڪ ڪوڙو واعدو. اٺاويهہ سالَ گذري ويا. جلدي موٽڻ جو واعدو.... او ماءِ گاڏ! هي گاڏي پٽڙين تي ٿي هلي يا منهنجي مٿي تي؟ منهنجي ڇاتيءَ تي؟ پر آخر مان ڇو ٿي واپس اچان؟ ڪنهن لاءِ ٿي موٽان؟ ڇو؟؟ آخر ڇا رکيو آهي هن ڳوٺ ۾؟ ڪچو ڪوٺو. چار ڪتون. لوهہ جون ٻہ پيٽيون...... بس.... ناهي مون کي شادي ڪرڻي خدو بتيءَ واري سان... ۽ امان.... تون سدائين منهنجي منهن ۾ ڏسندي رهينءَ .... خاموش خاموش رهينءَ.... منهنجي اول فول ڳالهين تي ڪڏهن مون کي دڙڪو نہ ڏنئي.... ڪاش! امان تون مون کي دڙڪا ڏين هان... گهٽ وڌ ڳالهائين هان! مارين هان مون کي.... تون مارين ها تہ مان دنيا جي مار ڪان بچي وڃان هان.... هاڻي ڏس تہ سهي منهنجي وجود تي ڪيترا زخم آهن.... زخم بہ اهڙا جو....! اکين ۾ اچڻ ڪان اڳ نڙيءَ ۾ ڦاٿل لُڙڪَ: زخم بہ اهڙا جيڪي ڏيءُ فقط ماءُ کي ئي ٻڌائي سگهي ٿي. ماءُ کي ئي چادر جي اوٽ ۾ ڏيکاري سگهي ٿي... ٻئي ڪنهن کي بہ نہ.... پنهنجي سڪي سهيليءَ کي بہ نہ. امان.... تون تہ رڳو چپ ڪيو منهنجي منهن ۾ ڏسندي رهينءَ.... ۽ ڏسندي ڏسندي الاءِ ڪيئن ۽ الاءِ ڪڏهن اکيون پوري ڇڏيئہ!

ريل گاڏي مخصوص ردم سان هلندي رهي.

هن جي اندر ۾ ساڳئي ردم سان لڙڪ وهندا رهيا.

تان جو رات ٿي وئي.

بوگيءَ جون سڀ بتيون روشن ٿي ويون.

"خدا بخش بتيءَ وارو. بتيءَ وارو خدا بخش."

## خوابن جا رستا :منور سراج

هن شايد طويل عرصي ۾ پهريون ڀيرو خدا بخش بتيءَ واري جو سچو نالو اڇارڻ جي گهرج محسوس ڪئي.

بنهه اندرين ۽ حقيقي گهرج.

اها فقط ڪيس ئي خبر هئي تہ خدا بخش بتيءَ وارو هڪ ڪچي ۽ ڪوڙي واعدي جو مقتول هو.

گاڏي اسٽيشن تي اچي بيٺي.

هوءَ پنهنجون اکيون اگهڻ ڪانسواءِ پنهنجا سڀ ٿڪل اعصاب سهيڙي اُٿي بيٺي.

چپس وارو ڇوڪرو اڳ کان وڌيڪ اداس ۽ تنها تنها ٿي ويو ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏسندي ان خوبصورت عورت بابت سوچڻ لڳو جيڪا ڪيس بوگيءَ ۾ اڪيلو ۽ اداس ڇڏي ڪنهن اداس اسٽيشن تي لهڻ واري هئي.

”موٽڻ.... زندگيءَ جو بنهه مشڪل مرحلو.. جڏهن توهان جو ڪو بہ منتظر نہ هجي... آڌر ڀاءُ ڪرڻ وارو نہ هجي.“

اچڻ ۽ وڃڻ.

وڃڻ ۽ اچڻ.

شڪست جو گهرو احساس.

ٿڪل ٿڪل قدم. خوابن جي وشالتا. ساڀيائن جي سهيڙ.

تڪڙ ۾ مبتلا پير. تڪڙ کان محروم قدم. روشنيءَ کان اونداهي ۽ اونداهيءَ کان روشني ڏي سفر. يا سفر جو امڪان. اسٽيشن تي هاريل اونداهي. اونداهيءَ جي ڇاتيءَ تي ٻرندڙ هڪ بتي.

روشنيءَ جو مختصر دائرو. دائري ۾ ڪيئي دائرا.

ڏک، پڇتاءُ، ڊپ، خدشا. شايد ائين هجي. شايد ائين نہ هجي. ڪيئن ڇئجي. ڪيئن نہ ڇئجي. هيڏا سال گذري ويا.

الاءِ ڪير مُئو الاءِ ڪير بچيو.

بتيءَ جو اڳتي وڌندڙ ڦهلجندڙ دائرو. دائري کان ٻاهر بيٺل دائرو. دائري ۾ هڪ پاڇولو... پراڻو پاڇولو.. اوپرو پاڇولو..... اڻ اوپرو پاڇولو. ساڳي مهل... ساڳي رات. ساڳي جاءِ. رڳو وقت بدليل.... روشنيءَ جي دائري ۾ وڌي آيل هڪ مرد جو هٿ.... هٿ جي مٿان رکجي ويل هڪڙو ڪمزور، ٿڪل، ڏڪندڙ عورتاڻو هٿ.

۽ ڇوڙسا ڦهلجي وشال ٿي ويل روشنيءَ جو دائرو.

# مسٽر ايم بي عُرف سينئر ڪلارڪ
# محمد بخش جو صبح

صبح ٿيڻ ۾ تہ اجا ڪافي دير هئي. شامَ ٿيڻ کان اڳ ئي هو تہ رات ۾ تحليل ٿي ويو. اها سندس چوندڻ نہ هوندي بہ سندس ئي چوندڻ هئي. اهو ئي اصلي الميو هو ايم بي عُرف محمد بخش سينئر ڪلارڪ جو. سندس ڳالهہ ٻڌڻ وارو ڪو بہ نہ هو. ڳالهہ سمجهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي. جِتي هر ماڻهو پنهنجي پاڻَ کان ئي بي خبر هجي, اُتي آخر ڪنهن مان ڪهڙي توقع!

هو بي خبري ۽ لاپرواهيءَ جي دور ۾ رهندڙ ماڻهو هو. اهو سڀ هن نوڪريءَ جي شروعات ۾ ئي سمجهي ورتو هو. لڳ ڀڳ هڪ سئو ويهہ ملازمن واري آفيس ۾ ڪو بہ ڪنهنجو دوست ڪونہ هو. سڀني جو هڪٻئي سان محض هڪڙو واسطو هو. اهڙو واسطو جيڪو ڪنهن بہ جونيئر ڪلارڪ يا سينئر ڪلارڪ وغيره جو پنهنجي ڪُرسيءَ, ٽيبل, فائل يا ڪمپيوٽر سان هوندو آهي.

فقط واسطو. واسطي سان واسطو. ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ.

ساڳي آفيس.

ساڳي ڪرسي.

ساڳي ٽيبل.

ساڳيو فائل.

ساڳيو ڪمپيوٽر.

هن محسوس ڪيو تہ مٿس خاموشي وارد ٿيڻ لڳي آهي. هونءَ ڪافي وقت اڳ هو پنهنجي نالي يعني محمد بخش تان هٿ کڻي چُڪو هو. محمد بخش سندس سڃاڻپ جو پهريون ۽ آخري حوالو هو. اهڙو حوالو جيڪو گهڻي وقت کان پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو هو. تڏهن کان هو محمد بخش سينئر ڪلارڪ طور سوچڻ, محسوس ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ بدران سينئر ڪلارڪ ايم بي طور زندگي گذارڻ لڳو هو. اها ئي سندس سهولت بہ هئي تہ مشڪلات بہ!

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ هو اڪثر پاڻ کان پڇندو آهي. پاڻ ئي جواب ڏيندو آهي:

”منهنجو نالو سينئر ڪلارڪ آهي. ڪجهه سال اڳ منهنجو نالو جونيئر ڪلارڪ هوءِ ڪجهه سالن کان پوءِ منهنجو نالو سپرنٽينڊنٽ هوندو.“

هو سڀ ڪيس خاموش ڏسي خوش نہ ٿيا. هو جڏهن خاموش نہ هو تڏهن بہ اُهي خوش نہ هئا. انهن چاهيو ٿي تہ هو ڪنهن بہ حالت ۾ اسان کان مختلف نہ هجي. هو هر وقت ۽ هر حالت ۾ اهڙو هجي جهڙا اسين آهيون. جهڙا فائل، ٽيبلون، ڪرسيون ۽ ڪمپيوٽر آهن. نيٺ هُنَ بابت سرگوشيون ٿيڻ لڳيون:

”ايم بي بيمار رهڻ لڳو آهي.“

”ايم بي کي ٽي بي ٿي وئي آهي.“

”ايم بي کي گهر جي پريشاني آهي.“

”ايم بي جي ڏيءَ جو ڪنهن سان چڪر آهي.“

”ايم بي کي ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿيو آهي.“

هنن سڀني هن بابت ڳالهايو پئي. پر هنن مان ڪنهن بہ ايم بي سان نہ ڳالهايو.

نيٺ اها با آواز سُس پُس ڪيس چُپ جي اڏوري پناهہ گاهہ کان محروم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. هُو ٽيبل تي مکون هٽي دانهون ڪرڻ تي مجبور ٿيو:

”ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي مون کي. ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي. خدا کي مجو سُس پُس بند ڪيو. مون کي توهان جي سُس پُس مان رت جي ڏپ ٿي اچي.“

هنن ڪو بہ رِدعمل نہ ڏيکاريو. البت هُو پنهنجن چپن کي پڪوڙڻ جي باوجود بہ مُرڪڻ کان روڪي نہ سگهيا.

اهي پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش هئا.

چپ جي پناهہ گاهہ کان محروم ٿي هُو پنهنجي لفظن، آواز ۽ لهجي سميت اداسيءَ ۾مبتلا ٿي ويو.

هن جنهن مهل بہ ڪجهہ بہ ڳالهايو ٿي، تہ ائين ٿي لڳو جڻ هو روئڻ جي تياري ڪندو هجي.

جنهن مهل بہ هُو ڪنهن ڳالهہ تي مُرڪيو ٿي تہ لڳو ٿي جڻ هُو مُرڪڻ کان اڳ روئي چُڪو هُجي.

هنن لاءِ هو بغير ٽڪيٽ جي تماشو بڻجي چُڪو هو.

جڏهن تہ انهن ئي هن بابت باس سان شڪايت بہ ڪئي تہ ”ڪو بہ فائل مسٽر ايم بي مان خوش نہ آهي ۽ رهندو مسٽر ايم بي پنهنجي ٽيبل جو شيشو ڀڃي چڏيو آهي.“

ٻئي صبح هو آفيس آيو تہ ڀڳل شيشي تي پيل Explaination Letter سندس منتظر هو. جنهنجو ڪيس انن ڏينهن اندر جواب ڏيڻو هو تہ هن ٽيبل جو شيشو ڀڃڻ جي جرئت ڪيئن ڪئي؟ اهڙي

## خوابن جا رستا :منور سراج

دهشت انگيز عمل پنيان ڪهڙا ڪارڻ آهن ۽ آفيس جي پُر امن ۽ پُرسڪون ماحول کي خراب ڪرڻ تي مسٽر محمد بخش عرف سينئر ڪلارڪ ايم بي جي خلاف محڪماتي ڪاروائي ڇو نہ ڪئي وڃي.“

مسٽر محمد بخش سينئر ڪلارڪ احتجاج ڪرڻ چاهيو.

احتجاج طور هن پنهنجو ڇَپُ ڏند هينان ڏئي زخمي ڪري وڌو.

سينئر ڪلارڪ مسٽر محمد بخش جو ڀرپور احتجاج.

اهڙو احتجاج جنهنجو ڪير بہ نوٽس نہ وٺندو.

هو اڪيلو احتجاجي هو.

ڪير بہ سندس احتجاجي جلوس ۾ شامل نہ هو. جڏهن تہ هو نوڪريءَ کان اڳ هميشہ احتجاجي جلوسن ۾ شامل هوندو هو.

سياسي جلوس.

مذهبي جلوس.

قومي جلوس.

صوبائي جلوس.

وفاقي جلوس.

ءُ

آخر ۾ ذاتي جلوس. شخصي جلوس. داخلي جلوس. هو ذاتي جلوس جو اڪيلو احتجاجي هو. اهڙو احتجاجي، جنهنجو احتجاج ڪنهن بہ چوڪ ڪنهن بہ پريس ڪلب جي دروازي تي پهچي ختم نہ ٿيندو آهي.

هو هميشہ پنهنجو چپ ڪٽيندو رهندو.

هُو پنهنجو ڪٽيل چپ زال کان لڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. زالهنس حيرت بدران ڏک مان ڏانهس ڏٺو ۽ ڀهارو ڏيڻ لڳي.... پر پوءِ اهو ياد اچڻ تي تہ هو دز کان الرجڪ آهي ڀهارو ڏيڻ بند ڪيو ۽ خاموشيءَ سان رڌڻي ۾ هلي وئي، جِتي چُلهہ تي رکيل ڀاجي سندس منتظر هئي.

آخر ۾ هن زال کي پنهنجي احتجاج بابت ٻڌائڻ چاهيو پر ڪيس تڪڙ ۾ رڌڻي ڏي ويندي ڏسي پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيائين.

هونءَ ان صبح هن آفيس پهچي چانهہ پيئڻ کان اڳ ۽ مسٽرول تي صحيح ڪرڻ کانپوءِ زال ڏي فون ڪري ڪيس بلڊپريشر جي گوري کائڻ جي تاڪيد ڪرڻ پئي چاهي، پر ڪيس نہ چاهيندي پنهنجو ارادو تبديل ڪرڻو پئجي ويو.

”فقط اٺ ڏينهن.“ هو چپن ۾ پڙڪيو.

پر هنن پڙڪو ٻڌي ورتو. خوش ٿيا.

”ها فقط اٺ ڏينهن.“ هنن هڪ آواز ٿي سوچيو. هو به سوچڻ لڳو ته Explaination letter جي جواب ۾ ڇا لکڻ گهرجي! جڏهن ته ڪيس خبر هئي ته آفيس جي سيني ملازمن کي، يا گهٽ ۾ گهٽ ساڳئي ڪمري ۾ ويهندڙ سيني ڪليگس کي خبر هئي ته ٽيبل جو شيشو مسٽر ايم بي نه ٽڪو آهي پر شيشو اڳواٽ ئي ٽڪل هو. انهن کي اها به خبر هئي ته مسٽر ايم بي جي هٿ لڳڻ سان رهندو سندس هٿ وڍجي پيو آهي. هو ڇهه مهينا اڳ آفيس سپرنٽينڊنٽ کي آگاهه ڪري چڪو آهي ته ٽيبل جو شيشو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. شيشي کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٽوٽي جو اهو ٽڪل شيشو اڳ به ٻه دفعا مسٽر ايم بي جو ساڳيو هٿ وڍي ڇُڪو هو. پر سينئر سپرنٽينڊنٽ پنهنجي اکين تي رکيل ٿلهي شيشي واري عينڪ سان ٽڪل شيشي کي چڱيءَ طرح ڏسي اهو فيصلو ڏئي چڪو هو ته ٽوٽي جو شيشو ڪجهه ٽڪل آهي پر بهرحال انساني جسم لاءِ قطعي به خطرناڪ ڪونهي. ٻي ڳالهه هيءَ به ڪري ڇُڪو هو ته جيڪڏهن مسٽر ايم بي ان شيشي کي پنهنجي لاءِ خطرناڪ سمجهي ٿو ته ڪيس محڪمي جي طرفان اجازت وٺي پنهنجي ذاتي خرچ تي نئون شيشو وٺڻ گهرجي. پر ڪيس اهو به معلوم هئڻ گهرجي ته هو محڪمي کان پئسن جي واپسيءَ لاءِ درخواست نه ڏئي سگهندو.

هونءَ مسٽر ايم بيءَ جو ويجهي مستقبل ۾ اهڙو ڪو ارادو به نه هو ته ڪو پنهنجي پئسن سان شيشو خريد ڪندو. پر هن کي معلوم هو ته سندس ڪليگس مان ڪو به سندس هٿ وڍجڻ ۾ شيشي جي اڳواٽ ٽٽل هجڻ بابت سندس حق ۾ شاهدي نه ڏيندو. تنهن ڪري هُو مڪمل توجهه سان Explaination Letter جو جواب ڏيڻ بابت سوچڻ لڳو ۽ صبح واري چانهه گهرائڻ باوجود پيئڻ وساري ويٺو. چانهه ٿڌي ٿي وئي. ٿڌي چانهه جو ڪوپ ڪٽڻ کانپوءِ ڪيس گهڻو وقت اڳ، شايد ويهارو کن سال اڳ پڙهيل ڪنهن ناول جو جملو ياد اچي ويو ته ”چانهه ۽ عورت ٿڌي ٿي وئي ته سواد مان نڪري ويندي،“ ڪيس اهو جملو ان مهل ياد اچڻ تي حيرت لڳي، ڇو جو هو ته ورهين کان وٺي ڪتابن جي ويجهو نه ويو هو. هو پنهنجي ذهن ۾ ليٽر جو جواب تيار ڪرڻ لاءِ جاءِ ناهڻ لڳو. گڏوگڏ پنهنجي وڍيل هٿ تي ٻڌل پٽيءَ ڏي ڏسڻ جي ارادي کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر گهڻو ڪري سندس ڪوشش ناڪام ٿيو پئي وئي.

ان مهل ڪيس اوچتو ياد آيو ته رات زالهنس کي گلابي رنگ جو وڳو پاتل هو. ان وڳي ۾ هوءَ ڪيس روز جي پيٽ ۾ وڌيڪ سٺي ۽ وڌيڪ سهڻي پئي لڳي ۽ سندس نِگاهه جو مطلب سمجهي ڪيس ڇيو هئائين ته هوءَ هن رنگ جا ڪپڙا تڏهن پائيندي آهي جڏهن هو اداس هوندو آهي.

زال جي ان ڳالهہ تي هُو دل سان مُرڪيو هو پر هوءَ پاڻ مُرڪي نہ سگهي هئي. بلڊ پريشر جي ڪري هوءَ ذهني دٻاءَ ۾ مبتلا هئي. ڏيءَ واري مسئلي جي ڪري، جنهنجو في الحال ڪو بہ حل ڪونہ هو، وڏيڪ ڏڪاري ۾ پريشان هئي. ۽ هن ان مهل سوچيو هو تہ اڄ هُو ”اڌ ڏينهن“ جي موڪل تي گهر هليو ايندو. زال کي تفريح لاءِ پبلڪ پارڪ وٺي ويندو. اُتي ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ماڻهوءَ کي هر حال ۾ خوش رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس اهڙي قسم جا بيا بہ ڪجهہ ”سنا ۽ سبق آموز قول“ پڙهي ٻڌائيندو جيڪي ٻڌي هُوءَ مطمئن ۽ مسرور ٿيندي، پر هاڻي هن جو ذهن Explaination Letter ۾ ڦاسي پيو هو.

ڪيس ڦاٿل ڏسي سپ ڪُليگ پنهنجي فتح تي خوش ٿيندا معمول مُطابق آفيس جي پارڪ ۾ ٽڪون اڇلائيندا رهيا. سينئر سپرنٽينڊنٽ صاحب رکي رکي خاموشيءَ سان ڏانهس ڏسندو رهيو...

هو هر پاسي کان سوچي چُڪو پر ڪيس ڪو بہ اهڙو خاطر خواهہ جواب سمجهہ ۾ نہ آيو جيڪو باس کي مطمئن ڪري سگهي. تان جو ست ڏينهن گذري ويا.

انون ڏينهن بہ اڌ تائين گُذري چُڪو.

انهن اٺن ڏينهن ۽ راتين ۾ هُو Explaination Letter ڪانسواءِ ڪجهہ بہ سوچي نہ سگهيو. ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو. ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيو. زالهنس جنهن مهل بہ ڪجهہ چوڻ چاهيو مثال طور هيءُ تہ ”محمد بخش دڪان تان بصر وٺي اچ“ تہ هن ڪجهہ هن طرح وراڻيو هوندو تہ: ”ها چونہ پر شيشو اڳ ئي پگل هو... مسئلو اهو نہ آهي تہ توهان مون کان شيشي جا پئسا يعني هڪ هزار ۽ ڪجهہ روپيا پرائي وٺندؤ پر مسئلو هيءُ آهي تہ آخر جڏهن شيشو مون پڳوئي نہ آهي تہ مون تي الزام ڇو لڳو آهي...“

ان ڪري ئي زالهنس ڪيس بصر آڻڻ لاءِ چوڻ جو ارادو بدلائي چُڪي.

يعني آخر اهو ئي ٿيو جنهن جو امڪان هو.

اهو ئي ٿيو جنهن جو مسٽر ايم بي کي ڊپ هو.

اهو ئي ٿيو جيڪو مسٽر ايم بي نٿي ڪرڻ چاهيو.

اٺن ڏينهن جي لاڳيتي مشق سان نيٺ هو بہ فائل جو حصو ٿيڻ تي مجبور ٿي ويو ۽ نيٺ Explaination letter جو جواب ڏيڻ جي قابل ٿي ويو. هڪ صاف ڪاغذ تي صاف لفظن ۾ لکي چُڪو تہ: ”جناب اعليٰ ! ٽيبل جو شيشو ڀڄڻ ۾ منهنجو هٿ آهي. مون جذباتي ٿي شيشي کي زور سان مڪ هنئين ۽ شيشو ڀڄي پيو. مان پنهنجي غلطيءَ تي شرمندو آهيان. اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ آئنده ڪڏهن بہ اهڙي غلطي نہ ڪندس. ٻيو عرض تہ مان پنهنجي پگهار مان نئون شيشو وٺي ٽيبل تي لڳرائيندس ۽ پوءِ پنهنجي جذبات کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندس. واڌو حد ادب.

اوهان جو فرمانبردار

ايم بي عرف محمد بخش سينئر ڪلارڪ“.

هن ليٽر جو جواب لکڻ کانپوءِ هڪ دفعو وري پڙهيو ۽ پوءِ لفافي ۾ بند ڪري باس کي ڏيڻ بدران سينئر سُپرنٽينڊنٽ کي ڏيڻ جو ارادو ڪيو. ڪرسيءَ تان اٿندي، هنن کي پاڻ ڏي ڏسندي محسوس ڪيائين، هُنن جي نِگاهن ۾ لڙهندو هڪ ٽيبل کان ٻي ۽ ٻي کان ٽين ٽيبل تي پهتو ۽ ٽيبل جي پريان ڪرسيءَ تي ويٺل سينئر سپرنٽينڊنٽ جي سامهون وڃي بيٺو.

سپرنٽينڊنٽ جي ڪرسيءَ تي هن پاڻ کي ويٺل ڏٺو.

# آءِ ايم نات جسٽ بيوٽيفل ڊسٽ

اِها تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن اجا ياسر عرفات جي ڏاڙهيءَ ۾ اڇن جو تعداد بنهه گهٽ هو ۽ زيتون جي ٽاري ڇهچ سائي هئي! پٿراءُ، جلوس ۽ فائرنگ ته روز جو معمول هو پر اجا اڳاري وارو واقعو پيش نه آيو هو. جنهن ۾ عبدالله جو دوست ۽ اسٽوڊنٽ يونين اڳواڻ علي سعيد استادن، شاگردن، شاهه بلوط جي وڻن ۽ وڻن ۾ ويٺل پکين جي سامهون اسرائيلي فوجين جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويو هو. تنهن ڪري اجا مشعل شيراڪ ۽ عبدالله الشراويءَ لاءِ نه رملا جون ڳليون سوڙهيون ٿيون هيون ۽ نه ئي يروشلم جو آسمان محدود ٿيو هو.

”هڪڙي ڳالهه ٻڌايانءِ عبدالله!“ ماڊرن عربي لٽريچر جي قديم عمارت جي ڪاريڊور ۾ هلندي مشعل جو موسيقيءَ جي لهر جهڙو آواز اُڀريو.

”جي.... چئه!“ عبدالله هلڻ جي رفتار ۾ ڪمي آڻيندي وراڻيو.

”مون کي ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تون فرعون جي گهر ۾ پلجي وڏو ٿيل موسيٰ آهين ۽ مان....“ هوءَ اڌ جملو ڳالهائي الجهي بيهي رهي.

”۽ تون ڇا....؟“

”۽ مان مستقبل ۾ بادشاهه ٿيندڙ ٻئي فرعون جي اُها زال آهيان جنهن کي موسيٰ سان محبت ٿي وئي هئي پر.....“

”پر ڇا؟“ عبدالله اتاولائيءَ مان مشعل جي مُنهن ۾ ڏسندي پڇيو. مشعل جون اکيون ماضي بعيد جو قصو پڙهي پاسيون. اهڙو قصو جيڪو ريگستان جا قصاگو طويل سفر دوران مسافرن کي ٻڌائي سندن ٿڪُ لاهيندا هُئا.

”پر جڏهن موسيٰ طُورسينا تان موٽيو هو ته هٿ ۾ عَصا ۽ اکين ۾ اوپرائپ کڻي آيو هو.“

عبدالله مُرڪيو. سندس مُرڪ ۾ پنهنجائپ جو احساس هو.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ عبدالله پنهنجي مُرڪ کي دلچسپيءَ ۾ بدلائيندي چيو.

”اکين ۾ اوپرائپ ڏسي فرعون جي زال چيو هئس، ”موسيٰ! مون کي سڃاڻين ٿو؟“

”ها توکي سجاڻان ٿو“ موسيٰ وراڻيو هو. ”ٻڌاءِ تہ پلا مان ڪير آهيان؟“ فرعون جي زال خوشي ۽ حيرت مان پڇيو هئس تہ خبر اٿئي موسيٰ ڪهڙو جواب ڏنو هئس؟“

”ڪهڙو؟“ عبدالله حيرت مان پڇيو.

”موسيٰ چيو هئس: تون خوبصورت ڏوڙ آهين... عبدالله مون کي بہ اڪثر لڳندو آهي مان تنهنجي لاءِ خوبصورت ڏوڙ کان وڌيڪ اهميت نہ ٿي رکان.“

مشعل ڪلاس روم ۾ داخل ٿيڻ کان هڪ لمحو اڳ چيو ۽ ٻئي ڪلاس روم ۾ داخل ٿي چُڪا.

عبدالله پاڻ کي ڏک جي درياهہ ۾ لڙهندو محسوس ڪيو.

هُو ٻئي هڪ ٻئي جي قديم اذيت کان آگاهہ هئا.

هو ٻئي هڪ ئي وقت خوش بہ هئا تہ اداس بہ هئا.

محبت ۾ ماڻهو ٻار وانگر بي نياز ٿي ويندو آهي پر هو اڪثر پيار جي شاهراهہ تي هلندي بہ خبرداريءَ جي ايذاءَ ۾ مبتلا ٿي پوندا هئا. ٻئي ان حقيقت جي ڏک ۾ پائيوار هئا تہ ٻنهي مان هڪڙو فلسطيني مسلمان آهي. ٻيو اسرائيلي يهودي آهي.

ٻنهي جي وچ ۾ اذيت جو هڪڙو جبل ڪڙو آهي.

هوءَ اڪثر ڳالهائيندي ڳالهائيندي لفظ وساري ويهندي هئي.

ائين ساڻس اڪثر موقعن تي ٿيندو رهندو هو. کلندي کلندي اوچتو سندس نيڻن مان بي نام اداسي ليئا پائڻ لڳندي هئي. لفظن مان ڏک هار جڻ لڳندو هئس. آس پاس جي هوا بوجهل ٿيڻ لڳندي هئي تہ هو ڪيس نزار قباني جو نظم ٻڌائڻ لڳندو.

”هن پڇيو مون ۾ ۽ آسمان ۾ ڪهڙو فرق آهي،

مون چيو تو ۾ ۽ آسمان ۾ هي فرق آهي تہ

تون کلندي آهين تہ

مون کان آسمان وسري ويندو آهي.“

۽ هوءَ اداسيءَ جا هيڏا گل ناسي پرس ۾ رکي ننڍڙا ننڍڙا ۽ لاڳيتا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳندي. کلڻ مهل سندس جهومڪ ۽ شاهہ بلوط جون تاريون گڏ گڏ جهومڻ لڳنديون.

”عبدالله توکي هڪ ڳالهہ ٻُڌايان؟“

هوءَ اداسيءَ جي عالم ۾ هميشہ پنهنجي ڳالهہ جي شروعات اِنَ جُملي سان ڪندي. اهو جملو سندس تڪئہ ڪلام هو جڻ.

”هون... چئہ!“

هُو سندس اکين جي ڇيڙي تي بيٺل ڪنهن بي نام ڳالهه کي ڳوليندي چوندو.

”الاءِ ڇو عبدالله مان توسان گڏ هوندي آهيان ته اڪثر سِجُ منهنجو دشمن ۽ اونداهي منهنجي سهيلي ٿي پوندي آهي.“

هوءَ قديم عمارت جي پوياں لهندڙ قديم ترين سج ڏي شڪايت آميز نهار سان ڏسندي چوندي.

سندس ڇهرو ڪرٽا ڪرٽا ٿي ويندو.

سيئي ڪرٽا سندس منهن تان ڇٽي عبدالله جي اکين ۾ الوپ ٿي ويندا.

”ڇو ٿي پوندو آهي سج تنهنجو دشمن مشعل!؟“

”توسان گڏ هوندي آهيان ته سج جلدي لهي ويندو آهي ۽ منهنجي جهوليءَ ۾ هاسٽل تي پهچي رات جو حصو ٿيڻ جي ڳڻتي وجهي ويندو آهي.“

”ته پوءِ اچ ته سج جي دشمنيءَ کي دوستيءَ جي ستارن ۾ تبديل ڪيون!“

”سو ڪيئن ته؟“ هوءَ ڪاڏي هٿ تريءَ تي رکي مُرڪندي.

”سو هيئن ته تون هاسٽل جون ڇاپيون آسمان کي اُڇلائي ڏي ۽ منهنجي ڪهڪشان جو ستارو بڻجي وڃ!“ عبدالله آسمان ڏي ڏسندي ڇپتي وجائي ائين جلدي ۾ چوندو. ڄڻ اُهو سڀ ڪجهه اڪ جي ماکي هجي.

موٽ ۾ هوءَ ٿهڪ ڏئي کلي پوندي ۽ ٻئي پل ئي سندس ٿهڪ اداس مُرڪ ۾ تحليل ٿي ويندا.

”ڪاش، اهو ممڪن هجي ها!“ اداس لهجي ۾ چوندي.

”ڇو ناهي ممڪن؟ پنهنجي وچ ۾ هڪ هزار نوري سالن جو فاصلو ته ڪونهي“ ـ عبدالله پُر اعتماد آواز ۾ چوندو.

”ان سوال جو جواب مون کان وڌيڪ توکي معلوم آهي.“

هوءَ اداسيءَ جي هيٺان گلن سميت پارڪ مان نڪرندي چوندي. هو پارڪ جي وڻن، ٻوٽن ۽ گلن سميت هڪ ٿڌي نهار ۾ بدلجي ويندو.

هُو ٻئي هڪ ٻئي جي الميي کان چڱيءَ طرح آگاهه هئا. ان ڪري سج جي دشمنيءَ کي دوستيءَ ۾ بدلائڻ جي ارادي تان ته ڪڏهوڪو هٿ کڻي چُڪا هُئا پر هڪٻئي کي ملڻ، روئڻ کلڻ ۽ کلڻ روئڻ جي ارادي کان محروم نه ڪري سگهيا هئا.... هو هر روز هڪٻئي کي جديد قديم عربي شاعرن جا نظم ٻڌائيندا رهيا، افسانه نگارن جون اداس ڪهاڻيون ٻڌائيندا رهيا. ادب تي بحث ڪندا رهيا پر جڏهن اڳاري وارو واقعو پيش آيو ته ٻنهي جي وچ ۾ هڪ لمحي اندر هڪ هزار نوري سالن جو فاصلو پيدا ٿي ويو.

## خوابن جا رستا :منور سراج

هڪ شام ٿي تہ اڳ سيني گڏجي علي سعيد جي چوويهين سالگرهہ جو ننڍڙو جشن ملهايو هو. هو ننڍڙن ٻارن وانگر دوستن کان تحفا وصول ڪري خوش پئي ٿيو. ۽ سڀ کان وڌيڪ خوش تہ هو مشعل کان چاڪليٽن جو سونهري پيڪٽ وٺڻ مهل ٿيو هو. سندس اکين ۾ خوشيءَ جا ڪڪر اُٿلي پيا هئا. چوويهن ميڻ بتين جي ڏيمي روشنيءَ ۾ دوستن ۽ گهر وارن جي مُرڪن، ٽهڪن ۽ تاڙين جي ردم تي هن سالگرهہ جو ڪيڪُ ڪاٽڻ لاءِ ماءُ جي مُرڪَ کان اجازت پئي گهري تہ هوا جو هڪڙو تيز جهوٽو اندر ڪاهي آيو ۽ هڪ پل ۾ ڦوڪ ڏئي چوويهہ ئي ميڻ بتيون وسائي ٻاهر نڪري ويو. سڀ مُرڪون معدوم ٿي ويون. ٽهڪن ۽ تاڙين جو ردم ٽٽي پيو. عمارتون اونداهي ۽ ڳوڙها گيس جي دونهين ۾ ڍڪجي ويون. شاهہ بلوط جي تارين تي ويٺل پکي تاهہ ڪائي اونداهيءَ ۾ الوپ ٿي ويا.

علي سعيد جو سينو ڪجهہ گونگين گولين پروڻ ڪري ڇڏيو.

يونيورسٽي بند ٿي وئي.

مشعل جنهن مهل بہ عبدالله سان ڳالهائڻ چاهيو سندس نمبر بند مليس!

فون جي خاموشيءَ ڪيس ڏوهارين جي قطار ۾ بيهاري ڇڏيو. ڪافي شامون گذري ويون. نہ عبدالله سندس فون اٽينڊ ڪئي، نہ پاڻ ساڻس رابطو ڪيائين. هوءَ صليب تي ٽنگجي وئي. خاموشيءَ جي ديوار ۾ شگاف ٿي نہ سگهيو. صليب جهڙي رستي کي نجاتَ جو پوتړن نہ ملي سگهيو. شڪ شبهن ۽ اڻ وٽندڙ خدشن جا ٿوهر ڦٽي پيا هر طرف.هُن محسوس ڪيو تہ هوءَ يهودي هجڻ جي سزا پوڳي رهي آهي. تان جو يونيورسٽي کُلي وئي!

جنهن مهل هوءَ ٿڪل قدمن سان ڪلاس روم ۾ داخل ٿي اُنَ مهل ڪلاسيڪل عربي ادب جي پروفيسر محمد عرفات شاگردن کي ليڪچر ۾ ٻڌايو پئي ” اج مان اوهان کي هڪ ڏنارڻ جي ڪهاڻي ٿو ٻُڌايان: حضرت شعيب جي دؤر ۾ هوءَ صحراءِ سينا جي هڪ ڏنارڻ هئي، جنهن کي هڪ انڌيءَ نانگڻ ڏنگيو هو ۽ هوءَ پنهنجو نالو نِشان ڇڏڻ کانسواءِ مري وئي هئي.......!“

هوءَ هلندي اچي عبدالله جي پير ۾ ويٺي.

عبدالله ڏانهس بلڪل توجهہ نہ ڏني. هو ڪنهن اجنبيءَ جيان کانئس مڪمل طور لا تعلق هو.

مان صحراءِ سينا جي ڏنارڻ آهيان. مون کي بي اعتباريءَ جي نانگڻ ڏنگي وئي آهي. مان مري وئي آهيان. منهنجو رت ڪارو ٿي ويو آهي. هو طور سينا تان موٽيو هو تہ سندس هٿ ۾ عصا ۽ اکين ۾ اوپرائپ هئي. تنهنجي نظر ۾ منهنجي حيثيت خوبصورت ڏوڙ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي عبدالله! تارا رڳو آسمان ۾ چمڪندا ئي نہ آهن ٽٽندا بہ آهن. اسين بہ ٽٽل تارا آهيون. بہ الڳ تارا. بہ الڳ ريگستان.

ٻه الڳ مذهب... ٻه انتهائون. ٻه دليل... ٻه ڏک... پروفيسر پڙهائيندو رهيو... هوءَ رڳو سندس چپ چُرندا ڏسندي رهي... هوءَ صحراءِ سينا جي ڏنارڻ هئي. هن جا وار ڪڪرن وانگر ڪارا هئا.....

سامهون بليڪ بورڊ. لفظ... جُملا... اکر. عجب جون نشانيون... سواليه نشان... درياهه جي لهرن جهڙا جُملا... لهرن ۾ لڙهندڙ هزارين انڊيون نانگڻيون. هوءَ اٿي بيٺي ۽ رڙيون ڪري ڪلاس روم کي، ڪلاس ۾ ويٺل شاگردن، استاد، بليڪ بورڊ، دري ۽ دريءَ مان نظر ايندڙ شاهه بلوط جي وڻن کي ٻڌائڻ چاهيائين ته: ڏسو ڏسو! عبدالله جي اکين ۾ اوپرائپ لهي آئي آهي. هاڻي هن کان منهنجي ڪلڻ تي آسمان نه ٿو وسري. هو مون کي اڻ ڪيل ڏوهه جي سزا ڏئي رهيو آهي. منهنجو ڏوهه رڳو اهو آهي ته مان يهودڻ آهيان. مسلمان ناهيان! ڇا اهو منهنجو ڏوهه آهي؟ ڏوهه آهي؟؟... پر چئي نه سگهي... خاموشيءَ سان ڪلاس ۾ ويٺي رهي... ڪلاس ختم ٿي ويو... پروفيسر ۽ شاگرد هليا ويا... ڪرسيون خالي ٿي ويون... هو ٻئي ويٺا رهيا... تان جو شام ٿي وئي. ڪلاس مان نڪري پارڪ ۾ اچي ويٺا..... ٻئي خاموش. جهڙيون فرعونن جون ٻه مميون!

ڪيس لڳو هڪ پل اندر سندن وچ ۾ هڪ هزار نوري سالن جو فاصلو/خال پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو شايد ڪڏهن به ختم نه ٿيندو/پرجي نه سگهندو. ٻنهي کي خبر هئي ته ٻنهي جي وچ ۾ بحث جو هڪ اڻ ڪٽ درياهه حائل آهي. بحث جو وڏو سمنڊ ڇوليون ٿو هڻي. سوالن جوابن جو ٻنو ٻري رهيو آهي. ڪاوڙ بي اعتباري ۽ شڪ جو وڏو جهنگ ڦٽي پيو آهي. سو ٻئي خاموش هئا. اها خاموشي ڪنهن ڏيڻ وانگر کين ڳهندي پئي وئي.

”هڪ ڳالهه چوانءِ؟“

هوءَ اداس لهجي ۾ وڏي همت سان هڪڙو اڌورو جُملو چئي مڪمل طور اداس ٿي وئي.

”چَئُ!“ هن ٻئنچ تان اُٿڻ/نه اٿڻ جي ڪچي پڪي ارادي سان وراڻيو. هُو ان ارادي کان ڪجهه پَل اڳ فيصلائتي انداز ۾ ڪيس چئي چُڪو هو ته ”اڄ کان پوءِ پاڻ وري ڪڏهن به نه ملنداسين.“

۽ هوءَ پنهنجي حصي جو اڌ ڏک اڳواٽ ئي روئي چُڪي هئي.

”عبدالله! توکي علي سعيد ڏاڍو پيارو هو نه.“

مختصر جملي/سوال ۾ غير مختصر قصو.

موت ۾ هو ڪجهه چوڻ بدران آسمان ڏي ڏسڻ لڳو.

ڏک تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش.

اکين مان لڙڪ زوري رستا ٺاهي وهڻ لڳس.

”مان توکي تنهنجو سعيد جڳهي ڏيان تہ پوءِ؟ هان... ٻڌاءِ عبدالله، پوءِ تہ بس نہ؟ هان ٻڌاءِ؟ هاسٽل ”ليليٰ خالد“ جي ڪمري نمبر اٺ جون چاٻيون آسمان کي اُڇلائي ڏيان تہ پوءِ؟ هاڻ ٻُڌاءِ!!!“ مشعل پير ۾ وينل اُداس ۽ ناراض نوجوان جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي سندس اکين ۾ ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي التجا جي نديءَ ۾ تبديل ٿي وئي. عبدالله آسمان ڏي نهارڻ جو ارادو وڃائي ويٺو!!

# اڌ ۾ رهجي ويل جملي جو ڏُک

”سورج مُکيءَ جا گُجهه گُلَ!،
هڪڙي ڇانوَ بوگن ويليا جي،
چار ٻوٽا چمپا جا ۽ تنهنجون يادگيريون،
منهنجي گُل ملڪيت آهن“.

هُو سوچيندو ۽ ڳالهائيندو رهيو. سندس سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي وچ ۾ گهٽ فاصلو نه هو. بس ايترو فاصلو هو جيترو سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي وچ ۾ هوندو آهي ـ يا هجڻ گهرجي. پر ڪڏهن ڪڏهن نه به هوندو آهي.

”سوچيو هئم، منهنجي محبت ۾ لڙڪ لڙڪ ٿي ڳڙنديون، پر توکي ته لهس به نه آئي. ٻريس به مان ته ڳريس به مان!“ هن گلدستي ڏي ڏسندي ڦڪي مُرڪ سان چيو.

هو اڪثر ڪمري سان ۽ ڪمري ۾ پيل شين سان ڳالهائيندو رهندو آهي. هُو ۽ ڪمرو پاڻ ۾ دوست آهن؛ ائين جيئن هُو ۽ مان دوست آهيون. پر هو مون سان به ايتريون ڳالهيون، يادگيريون ۽ ڏک شيئر نه ڪندو آهي جيترا ڪمري سان.

اهو شايد ان ڪري جو ڪمرو ساڻس ڪنهن به ڳالهه تي اختلاف نه ڪندو آهي. خاموشيءَ سان سندس ڳالهيون ٻڌندو ۽ سندس منهن ۾ ڏسندو رهندو آهي. جڏهن ته مان ڪوڙ ڳالهين ۾ ساڻس اختلاف رکندو آهيان.

”هر ڪنهن تي اکيون پوري اعتبار نه ڪبو آهي.“

مان سندس هر ڪنهن تي انڌو اعتبار ڪرڻ واري عادت تان ڪاوڙجي چوندو آهيان: ”سڀ ماڻهو اعتبار جوڳا نه هوندا آهن چريا!“.

پر هُو منهنجي ڪنهن به ڳالهه جو نوٽس نه وٺندو آهي. خاموشيءَ سان ڪنڌ جهڪائي چمپا جي ٻوٽن کي پاڻي ڏيندو رهندو آهي.

نه ڪنهن ڳالهه جي تائيد ڪندو آهي نه مخالفت. نه ڪو خوش ٿيندو آهي نه ڪا ڪاوڙ ڪندو آهي. پر انهن ڏهاڙن ۾ جڏهن هوءَ، جيڪا هميشه پنهنجا وار جوڙي ۾ ٻڌڻ وساري ويهندي هئي، هڪ

ڏينهن کيس بہ وساري هميشہ لاءِ ڪمري مان هلي وئي هئي ۽ هو زندگيءَ مان سموري دلچسپي وڃائي ويٺو هو۽ سندس ٽيبل جي دراز جا سڀ خانا ننڍ جي گورين سان ڀريل رهڻ لڳا هئا تہ مون گهٽي ڪاوڙ ۾ چيو هو "ڇو ٿو پاڻ کي ڳارين.... ان لاءِ جنهن وٽ محبت محض هڪڙو "سولو پلي" هئي. هڪ ڪلاڪ جو ڊرامو. ڊرامو ختم پيسا هضم!"

موٽ ۾ مون کي ڪجهہ بہ نہ چيو هئائين. رڳو هڪ پل لاءِ ڪِتاب تان اکيون هٽائي مون کي ڏٺو هئائين ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين هڪ ئي ڪمري ۾ موجود هوندي بہ نہ مون سان ڳالهايو هئائين نہ مون ڏي نهاريو هئائين. اهو سندس ڪاوڙ جو انداز هو.

مون وري پلجي بہ ساڻس هُنَ بابت نہ ڳالهايو. هوءَ جيڪا هميشہ پنهنجا وار جوڙي ۾ ٻڌڻ وساري ويهندي هئي.

انهيءَ دوران چمپا جي ٻوٽي ۾ گل ٽڙندا رهيا ۽ بوگن ويليا جون گلابي تاريون بائونڊري وال تي ڪاڏي رکي مُرڪنديون رهيون.

ان ڏينهن درسنيءَ مون کي دانهن ڏني "پنهنجي دوست کي سمجهائين نہ ٿو. اٺ ڏينهن ٿيا آهن شيو نہ ڪئي اٿس. پلا ائين ٿيندو آهي؟!"

پر مان کيس درسنيءَ جي دانهن ٻڌائي نہ سگهيس.

هو پنهنجي مرضيءَ وارو آهي. اهو ئي ڪندو آهي جيڪو دل چوندي اٿس. مون کي احساس آهي تہ هو جو ڪجهہ ڪري ٿو اُهو صحيح نہ آهي پر مان روز روز نصيحتون ڪري کيس وڃائڻ نہ ٿو چاهيان. سڄي شهر ۾ مون کان سواءِ ڪو بہ سندس دوست نہ آهي.

مون کي سندس اداسي ۽ اڪيلائيءَ جو ڏک ٿيندو آهي.

توڻي جو هو پنهنجي اڪيلائيءَ ۾ بہ خوش هوندو آهي.

خواب، گل ۽ ڪِتابَ سندس آڪسيجن آهن.

"خوابن، گلن ۽ ڪِتابن کانسواءِ پاڻ کي گئس چئمبر ۾ محسوس ڪندو آهيان."

هُو اڪثر پنهنجي منهن پڻڪندو آهي.

مان سندس ڪمري ۾ داخل ٿيندو آهيان تہ کيس يا ڪوئي ڪِتاب پڙهندي، يا گلن کي پاڻي ڏيندي ڏسندو آهيان.

"مون کي تنهنجو ئي انتظار هو." مون کي دروازي تي بيٺل ڏسي چوندو آهي. مان مُرڪڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندو آهيان.

”توکي منهنجو نہ پر ان جو انتظار هو جيڪا توکي الوداع چوڻ ڪانسواءِ الوداع ٿي وئي هئي.“ مان دل ۾ چوندو اندر داخل ٿيندو آهيان ۽ ڪرسيءَ تي ويهي سندس اکين ۾ ڏسندو آهيان. سندس اکيون ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهنديون آهن.

شايد ڪنهنجون بہ اکيون ڪوڙ نہ ڳالهائينديون آهن.

”تہ معنيٰ تون غيب جو علم بہ ڄاڻين ٿو.“ مان چوندو آهيان.

”اها غيب جي نہ پر حقيقت جي ڳالهہ آهي تہ منهنجي اداسيءَ لاءِ پيار ۽ منهنجي نندڊ لاءِ احترام فقط تو وٽ آهي.“ هو ڪِتاب ٽيبل تي رکي اٿندو آهي ۽ اليڪٽرڪ ڪيٽليءَ جو بٽڻ آن ڪندي چوندو آهي.

گرمين ۾ چانهہ ۽ سياري ۾ ڪافي سندس ڪمزوري آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مون سان بہ ائين بي خياليءَ مان ڳالهائيندو آهي جڻ مان بہ ڪمري ۾ پيل ڪو گهڙيال، گلدستو، ميز، ڪرسي يا پٽ ۾ ٽنگيل ڪنهن ماڻهوءَ جو پورٽريٽ هُجان.

اڪثر ائين بہ ٿيندو آهي تہ مون کي سندس ڪا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي. ڇو جو سندس ڪنهن بہ ڳالهہ جي نہ ڪائي شروعات هوندي آهي ۽ نہ پڇاڙي. هو ڪٿان بہ ڳالهہ شروع ڪندو آهي ۽ ڪٿي بہ چپ ٿي ويندو آهي. ڪيس اها پرواهہ بہ نہ هوندي آهي تہ مان سندس ڳالهہ ٻڌان بہ ٿو يا نہ. جي ٻُڌان ٿو تہ سمجهان بہ ٿو يا نہ!

اڪثر تہ هو اهو بہ وساري ويهندو آهي تہ ڪو مان بہ ڪمري ۾ موجود آهيان. هو دير تائين ڪو ڪِتابُ پڙهندو رهندو آهي يا سگريٽ ڇڪيندو رهندو آهي. پوءِ اوچتو سگريٽ وسائي، ڪِتاب مان منهن ڪڍي مون ڏي ڏسي مُرڪندو آهي ۽ ائين ڳالهائڻ لڳندو آهي جڻ هڪ لمحو اڳ اڌ ۾ ڇڏيل ڪا ڳالهہ شروع ڪندو هُجي.

”هوءَ منهنجو جُملو مڪمل ٿيڻ کان اڳ هلي وئي. تون ڇا ٿو سمجهين,اهو مناسب آهي؟ جيڪو ماڻهو توهان کي سڄي زندگي لکي ڏئي، توهان ان لاءِ اڌ جملي جيترو انتظار بہ نہ ڪيو!“

۽ موٽ ۾ هُو منهنجي ردِ عمل جو انتظار نہ ڪندو آهي. نئون سگريٽ دُکائي نئون پنون اٿلائي ڪش هڻڻ ۽ ڪِتاب پڙهڻ ۾ محو ٿي ويندو آهي. سندس اهو عمل مون کي چيڙائيندو نہ آهي. مان انهيءَ عمل جو هيراڪ ٿي ويو آهيان.

پر ان ڏينهن هو معمول کان وڌيڪ اُداس هو.

اها پن ڇڻ جي رُت هئي. هوا جي هر جهوٽي سان بوگن ويليا جا ڦڪا پن ۽ نارنگي گل ڇڻندا پٽ تي وکرندا ٿي ويا.

”توکي خبر آهي تہ قيامت ڪڏهن ۽ ڪهڙي موسم ۾ ايندي؟“ هن اوچتو مون کان غير متوقع طور غير متوقع سوال پڇيو.

مون سوچيو شايد هُنَ ۾ ناسٽر ڊيمس جو روح لهي آيو آهي.

منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ چيائين:

”اها تہ خبر نہ آهي تہ قيامت ڪڏهن ايندي پر جڏهن بہ ايندي تہ اها خزان جي موسم هوندي... سمورا وڻ پنن کان خالي ۽ گلن کان محروم هوندا.“

سندس لهجي ۾ ڇڻندڙ پنن جو ڏک هو. ڏڪندڙ هٿن سان ڪوپ ۾ چانهہ پريائين تہ چانهہ هٿ تي هارجي پيس.

ڪوپ هٿ مان ڇڏائجي وڃي فرش تي ڪريو ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو.

”ايتري اذيت پسندي چڱي نہ آهي.“ ڪوپ جا ٽڪرا ميڙيندي ڪاوڙ مان چيم ”آخر ڪيسين اڪيلائيءَ جو بنواس ڀوڳيندين!؟“

منهنجي ڳالهہ ڏي توجهہ ڏيڻ بدران هو ڪجهہ جهُونگاريندي ٻئي ڪوپ ۾ چانهہ اوتڻ لڳو. چانهہ جو اڌ ڪوپ وڃي بچيو هو.

”خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ زال جو ساٿُ ضروري آهي.“ مون دريءَ تي ٽنگيل پردي ڏي ڏسندي چيو.

”جيڪي ماڻهو ماءُ کان سواءِ ٻاروتڻ گذاري ايندا آهن انهن لاءِ زال کانسواءِ زندگي گذارڻ مشڪل نہ هوندو آهي.“ چانهہ جو ڪوپ منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين.

”اها ڳالهہ پنهنجي ابتڙ بہ سچ ثابت ٿي سگهي ٿي. هاڻ تہ وارن ۾ چاندي لهي آئي اٿئي. آخر ڪيستائين پنهنجا هٿ ساڙيندو رهندين.“ مون ڪوپ وٺندي چيو.

”ڏس! مان ڪيترو خوش ۽ مطمئن آهيان. منهنجو هٿ ڪڏهن بہ چانهہ ۾ نہ سڙيو آهي.“

هن ڀيرين سُرڪ ڀري منهنجي اکين ۾ نهاريو.

سندس اکيون پڇي رهيون هيون ”ڇا واقعي تون خوش آهين؟ مطمئن آهين.... ڪڏهن بہ تنهنجون آڱريون نہ سڙيون آهن؟“!

منهنجي لاءِ ساڻس اکيون ملائڻ ممڪن نہ رهيو. هن جا چپ چانهہ جي سُرڪ ۾ بدلجي ويا.

”اڄڪلهہ هوءَ ڪٿي آهي؟“

مون ڳاڻ ڪي هن جي نِگاهن کان بچائڻ لاءِ سندس پسند جي موضوع ڏي موٽائڻ لاءِ کانئس ان بابت پڇيو جيڪا ڪيس ڪِتابن ۽ گلن جا تحفا ائين ڏيندي هئي جيئن ننڍڙن ٻارن جي هٿن تي ٽافيون

رکي ڳلن تي چميون ڏبيون آهن. جيڪا اڪثر شامون سندس ڪمري ۾ گذاريندي هئي ۽ پاڙي جي گهرن ۾ ٿيندڙ سُس پُس جو نوٽس نہ وٺندي هئي. پوءِ هڪ شامَ ان مهل لڙڪن وانگر سندس اکين مان هارجي هوا ۾ تحليل ٿي وئي هئي، جنهن مهل هن چمپا جي ٻوٽي کي پاڻي پئي ڏنو ۽ آسمان ۾ ڪڪر پٽڪي رهيا هئا.

هن منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو.

ڪرسيءَ تان اٿي ٽيبل تان ڪوپ کڻي سنڪ تي ڪوپ ڌوتائين. اليڪٽرڪ ڪيٽليءَ ۾ کير کنڊ پاڻي ۽ پتي وڌائين ۽ موٽي اچي ڪرسي تي ويٺو.

ڪيٽليءَ جو بٽڻ آن ڪرڻ وساري ويٺو.

اڌ ۾ رهيل ڪِتاب کڻي پڙهڻ لڳو. مان ڪمري ۾ پيل ٻي جان شيءِ بڻجي ويس. ٻاهر پن ـ ڇڻ جي هوا گهلندي رهي. پن ڇڻندا رهيا.

”توکي خبر آهي ٽٽل خوابن وارا ماڻهو ڪيئن هوندا آهن؟“

ڪِتابَ تان اکيون کڻي مون ڏي ڏسندي چيائين. پر مون کي خبر هئي تہ هن مون سان نہ پئي ڳالهايو. هن گهڙيال سان پئي ڳالهايو. رڳو نهاريائين مون ڏي پئي. ائين ٿيندو آهي. ماڻهو اڪثر نهاريندو ڪنهن هڪ شيءِ ڏي آهي پر مخاطب ڪنهن ٻئي سان هوندو آهي.

”ٽٽل خوابن وارا ماڻهو بلڪل ائين هوندا آهن... جيئن مان“ هُنَ هڪ اداس مُرڪَ سان چيو.

”مون تہ سوچيو هو تون منهنجي محبت ۾ لڙڪ لڙڪ ٿي ڳڙنديءَ پر توکي تہ لهس بہ نہ آئي. ٻريس بہ مان تہ ڳريس بہ مان!“

هن دريءَ ڏي ائين نهاري چيو جڻ دريءَ وٽ ڪوئي ويٺو هُجي.

”پر شايد اهو تنهنجو ڀاڱُ نہ هو. ٻرڻ ۽ ڳرڻ هر ڪنهن جي ڀاڱ ۾ ٿوروئي هوندو آهي.“

هو دريءَ سان ڳالهائيندو رهيو. مان ٻڌندو رهيس. سندس لهجي ۾ خزان جي خوشبو هئي. چپن مان لفظ ائين ٿي پيجي پُري نڪتس، جڻ پن ـ ڇڻ رت ۾ وڻن مان پن ڇڻي رهيا هجن. اکين ۾ آلاڻ ڦهلجي ويس. مان ڪولاج ٿيل ماڻهوءَ جي پورٽريٽ جيان خاموش اکين سان سندس منهن ڏسندو رهيس.

”تون رڳو ايترو انتظار بہ نہ ڪري سگهينءَ جو مان چمپا جي ٻوٽي کي پاڻي ڏئي پنهنجو جملو مڪمل ڪري سگهان ها. جملو مڪمل ٿيڻ ڏين هان تہ پنهنجو فيصلو بدلائي هميشہ لاءِ مون وٽ رهي پئين هان... پر.... هاڻي توکي ڇا ٻُڌايان تہ اهو اڌ جملو ڪهڙو هو جيڪو تون ٻڌڻ ڪانسواءِ هلي وئينءَ ۽ مان جملي جي وچ ۾ آيل فل اسٽاپ سان ٻن حصن ۾ ورهائجي ويس.

”اڌ جملو تہ وٽ رهجي ويو. اڌ جملو مون وٽ رهجي ويو. مان هميشہ لاءِ اڌ ۾ رهجي ويل جُملي جي ڏک ۾ مُبتلا رهندس. خبر اٿئي، جملي جو اُهو اڌ ڇا هو؟“ ڳالهائيندي آواز ڳرو ٿي ويس. خاموش ٿي ويو. پٽ ۾ ٽنگيل اجنبي شخص جي پورٽريٽ جي اکين مان بہ لڙڪ ڇٽي پيا.

مان اکيون اگهي ڪرسيءَ تان اُٿيس. اليڪٽرڪ ڪٽليءَ جو بٽڻ ”آن“ ڪندي پڇيومانس ”حيرت آهي. مون اڃان شام واري چانهہ نہ پيتي آهي!“.

# دل جي ڪُنڊ ۾ڄمي ويل برف

هُن هڪ اماوس رات ۾ خاموشيءَ سان خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. اهڙي خاموشيءَ سان جو پاڙو اوڙو تہ نهيو ڪيس ئي پتو نہ پيو هو تہ اندرئين ننڍي ڪمري ۾ ڪيڏو وڏو حادثو ٿي گذريو آهي. تصور بہ نہ ڪيو هئائين تہ ايترو جلدي سڀ خواب پڄي پُري پوندس ۽ اڪين ۾ رهجي ويندس رڳو ڏڪ، اڪيلائي ۽ اداسيءَ جي رڪَ. شادي ڇا ڪري آئي جڻ خوابن جي آهوتي ڏيڻ آئي.

هو رڳو ڪجهہ موسمون ئي سندس وارن جي اسيريءَ ۾ رهيو. وڏ ڦڙي جيان مٿان وسندو ۽ ڳلن جي ڪُنن ۾ ٻڏندو ترندو رهيس ۽ پوءِ پنهنجي دنيا ۾ گم ٿي ويو. جيڪا سندس اُنس جي دنيا هئي. پر هوءَ بہ دل هٿان مجبور هئي.

عورت جي وڏي ۾ وڏي ملڪيت سندس دل ئي تہ هوندي آهي.

چاهيائين ٿي تہ ايترو ئي پيار ملندو رهيس، جيترو شروع ۾ ٿي مليس، پر شايد هاڻي اهو ممڪن نہ هو.

رات جو دير سان گهر اچڻ. گهر ۾ هوندي بہ جڻ گهر ۾ نہ هجڻ. جهڙو ڪنهن اسٽيشن جي انتظار گاهہ ۾ ويٺل پري جو مسافر. گهڻو ڪري هر وقت دوستن سان ڪچهريون، ڪتاب، بحث، سگريٽن جو دونهون. ”پراون ماڻهن کي گهر نہ وٺي اچين تہ چڱو. مان بيزار ٿي ٿيان. مون کي بہ ڪجهہ وقت ڏيندو ڪر.“ شروع ۾ شڪايت ڪئي هئائين تہ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلي پيو هو. پوءِ چپ ٿي ويو هو. سندس ٽهڪن ۾ ۽ ماٺ ۾ ڪا عجيب هڪ جهڙائي هئي. اهي هڪ اداس شخص جا زخمي ٽهڪ هئا، ٽهڪ جن ۾ مستقبل جي ڪاري پاڇولي جو ڏڪ هو. پوءِ سندس هٿ چمندي چيو هئائين ”مريم! هي پراوا ماڻهو نہ آهن... منهنجا دوست آهن... ناراض نہ ٿيءُ... بہ چار دوست ئي تہ اٿم سڄي شهر ۾.“ اندر ۾ موتيا ڪڙي پيا هئس. مُرڪي ڪٽي ماٺ ڪئي هئائين ـ ۽ پوءِ تہ هو ويو گم ٿيندو دوستن ۾، ڪتابن ۾، سگريٽن جي دونهين ۾. هوءَ سندس انتظار ڪندي رهي. پڪ هئس تہ هو ڪڏهن نہ ڪڏهن ڏانهس موٽندو. پر... هو نہ موٽيو.. هوءَ اڪيلي ٿي وئي. ڏک ۾ پرجي وئي. سمورو پيار برف ٻڻجي دل جي ڪنڊ ۾ ڄمي ويس.

پاسيو هئس هزارين فوٽن جي بلندين تان هيٺ اچي ڦهڪو ڪيو هجيس.

سَنڌ سَنڌ پڄي پُري پيو هجيس.

اڪيلائي، غريباڻو حال، ننڍڙو ٻار.

ڏک ۽ ڏپ جي گهاٽي، کُهري ۽ ڪڙي ڪساري ول ۾ ويڙهجي وئي.

چاچا ماما ڪوڙ پر ڪير آهي ڪنهنجو؟؟

جوڀن، جواني، ڏار دشمن اڪيلي عورت جو.

ٻِگل ٽٽل ٽڙيل پکڙيل وجود ميڙي چونڊي پاڻ کي سهيڙي ورتائين.

پُٽ تي پئجي ويل پاڇولو هٽائڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ همت جي ضرورت هئس.

مڙسهنس جي ڏڪارن دوستن مان ڪن اخبارن ۾ تعزيتي بيان ڇپرايا تہ ڪن رسالن ۾ تاثراتي مضمون لکيا.

”هو جينئس هو. غير معمولي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. افسوس زندگيءَ کيس مهلت نہ ڏني. ادب سالن تائين اهڙي عظيم ليکڪ لاءِ سڪندو رهندو.“

هي اُهي دوست هئا، جن ڏانهن پريشانيءَ جي وقت ۾ ۽ خودڪشيءَ کان اڳ خط لکيا هئائين:

”يار! منهنجي لاءِ ڪنهن نوڪريءَ جو بلو ڪيو.. پريشان ٿو رهان. توهان اثر رسوخ وارا آهيو. اڪيلو هئم تہ پرواهہ نہ هئم پر شاديءَ کان پوءِ ۽ وري ٻار ڪان پوءِ تہ رهندو تڪليف ۾ اچي ويو آهيان. گهر جهڙو دوزخ ٿي ويو آهي. خانگي نوڪرين مان ڪا هڙ حاصل نہ ٿي ٿئي... پرائيويٽ اسڪول ۾ ماستري ڪيان پيو پر جڻ دوزخ ۾ آهيان. ڳري فيس وصول ڪندڙ اسڪول جو مالڪ اسان ماسترن ۽ ماسترياڻين کي بنهہ گهٽ پگهار ٿو ڏئي. مٿان اسان سان رويو اهڙو اٿس جڻ اسين سندس نوڪر هجون... فيميل ٽيچرس تہ عزت داءَ تي لڳائي ٽيون پڙهائين. هو درندو آهي... هر روز نئون رت پيئڻ لاءِ آتو... مان ڏاڍو ڏکيو وقت پيو گذاريان...“ ڪنهن دوست وٽان ڪا موٽ نہ ملي هئس.

ٻہ چار هفتا سندس شهر وارا ويجها دوست گهر ايندا رهيا. ٻار جي مٿي تي هٿ رکي، روئڻهارڪي لهجي ۾ چيائون ”ڀاڄائي! تون ڳڻتي نہ ڪر... احمد اسان جو ٻچو آهي... مُئي مٽيءَ جي نشاني آهي.“

آٿت ڀانيائين. خوشي ٿيس. پر اها سندس خوشفهمي ثابت ٿي.

جيئڻ ڏيءَ لاءِ ماءُ جو وجود لازمي هوندو آهي، تيئن پٽ لاءِ پيءُ جي ڇانوَ ضروري هوندي آهي. ڏڪاريءَ دل سان سگهاري انداز ۾ سوچيائين: ”۽ مان تنهنجي رڳو ماءُ ئي ناهيان پيءُ بہ آهيان... ها هڪ عورت لاءِ هڪ مرد جو ساٿ ضروري آهي...منهنجو پٽ منهنجو مرد آهي.“ گهر ۾ ئي پاڙي جي ٻارن کي قرآن پڙهائڻ، اسڪول جي ڪتابن تي جُلد چاڙهڻ ۽ هلڪو ڦلڪو پرت وغيره پرڻ لڳي. وقت جي ندي وهندي رهي.

الهندي ديوار تي لڳل تصوير خاموشيءَ سان کيس پرت پريندي ڏسندي رهندي هئي. کُليل پيشاني... جاڙا ڀرون، گهاٽيون ڪاريون مڇون، صاف شفاف، ڪنهن گهري ڳالهہ کي سلجهائڻ ۽ سمجهڻ

جي ڪوشش ۾ گم سم اکيون. جلد چاڙهيندي يا پرت پريندي ڪنهن مهل آڱر ۾ سئي تنبجي پوندي هئس تہ ڏکاري ٿي پوندي هئي. تصوير سان الاءِ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳندي هئي: ”تون تہ چوندو هئين، مريم! تون منهنجي زندگيءَ جو سبب آهين... منهنجي حياتي آهين... تنهنجون اکيون منهنجي راهہ جا ڏيئا آهن... پوءِ ڇو هليو وئين ايترو جلدي... مون کي حياتيءَ جي رڻ ۾ اڪيلو ڇڏي.. مون لاءِ نہ سهي، پنهنجي پُٽ لاءِ زندهہ رهين ها... ڏکيو سکيو وقت پيو رڙهي ها... بيروزگار ئي سهي... بيمار ئي سهي... جيئرو تہ هجين ها... مُئي جي تہ مٽي بہ ڪم نہ ٿي اچي... مون تو کان ڪهڙا محل ماڙيون ٿي گهريا... ڪيڏو خود غرض نڪتين....“

اکيون پرجي ايندي‌ون هئس، پر ڳوڙها ڳڙڻ نہ ڏيندي هئي.

اکين جان سڀ لڙڪ دل جي ڪنڊ ۾ گڏ ٿي ويس...

دل جي ڪنڊ ۾ ڄمي ويل برف وگهرڻ نہ ڏنائين.

سمورو پيار پُٽ تي نڇاور ڪري ڇڏيائين.

پٽهنس صبح اسڪول، شام مدرسي ۾.

ذهانت پيءُ کان ورثي ۾ مليل. اسڪول ۾ تمام هوشيار. وقت جي ندي روان دوان. ”ڏسُ پٽ! ڳالهہ هيءَ آهي تہ....“ ڇهين درجي واري ڪلاس ٽيچر نظر جو چشمو اکين تي رکندي پيار سان چيو ”هيءُ ناول في الحال تنهنجي سمجهہ کان مٿي آهي. تون اڃا ننڍڙو آهين... وڏو ٿي پوءِ پڙهجان... هينئر پڙهندين تہ سمجهي نہ سگهندين... سمجهندين بہ تہ اڌورو... ۽ پٽ اڌوري سمجهہ سٺي نہ آهي... في الحال اسڪول جي ڪتابن ڏي ڌيان ڏي.“ هو حيرت مان ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي لڳل پيءُ جي تصوير ڏي ڏسندو رهيو.

اهو سچ هو تہ واقعي بہ ناول سمجهہ ۾ نہ پئي آيس. جابجا ڪوڙ ڏکيا لفظ هئا... جن جو ڪيس مطلب سمجهہ ۾ نہ پئي آيو... مفهوم تہ پري ٿيو.

فرسٽريشن... اينگزائٽي... ڊپريشن... ڪامپليڪس... انٽيليڪچوئل... فوبيا... ڪيٿارسس... اسٽريس... فراريت... ماسچربيشن... ۽ الاءِ ڇا ڇا...

استاد کان ”فرسٽريشن“ جي معنيٰ پڇي هئائين، جنهن رهندو ناول پڙهڻ کان جهلي ڇڏيس.

ڏکارو ڏکارو گهر آيو. ماني بہ نہ کاڌائين.

”امان!“ حيران اکين جو هڪ سوال.

”جيءُ پٽ!“ مهربان ماءُ جو ٻاجهارو آواز.

”بابا جي ناول ۾ اهڙو ڇا آهي جو استاد پڙهڻ کان...“

ماڻهنس جي مهربان منهن تي انديشن جي تکي اُس ڦهلجي وئي.

”مون کي ڏي.“ پٽهنس جي هٿن مان ناول ونندي چيائين.

”لڙهندڙ نسل“

اکين ۾ ٻپ پرجي آيس.

هي اُهو ناول آهي جيکو لکڻ دوران هو کو وقت ٻن دنيائن جي وچ ۾ لڙڪيل هوءِ زندگيءَ مان چاهه ۽ ساءُ وڃائي ويٺو هو.

هڪ منظر ٻئي منظر ۾ بدلجڻ لڳو.

ماضيءَ جو پوائنٽو لمحو حال جي ڪُک مان ڦٽڻ لاءِ پر سوئڻ لڳو.

هڪ طويل ۽ اماوس رات جي خاموشي ٽٽڻ لڳي ۽ ٻي ڏکهي رات جاڳڻ لڳي.

هن جي دل جي ڪنڊ ۾ ايتري گنجائش نه هئي جو اُن ۾ برف جا ٻه ڳنڍيا سمائجي سگهن.

”چو کنيو اٿئي هي ڪتاب... ڪڏهن کنيو اٿئي...“ ٻپ سان پريل سخت لهجو.

ڪجهه پل اڳ مهربان چهري واري ماءُ هڪ سخت منهن واري اجنبي عورت ۾ بدلجي چڪي هئي.

ڇوڪرو حيران... پريشان... آخر ڇا ٿيو آهي... اهڙو ڪهڙو ڏوهه ٿيو آهي!؟

”مان پڇان ٿي ڇو کنيو اٿئي ڪتاب !؟“ ڪمري ۾ ننڍي عمر وارو ڇوڪرو بدستور خاموش. جهڙي پٽ. چماٽ جو وڏو آواز گونجي ويو. اهو ساڳيو ڪمرو جنهن ۾ ڪجهه سال اڳ هڪ شام غريبان برپا ٿي هئي. ڇوڪري ٻانهن اکين تي رکي روئي ڏنو. اها ڪنهن اجنبي عورت جي چماٽ هئي. ماڻهس ته ڪڏهن به اهڙي زهريلي چماٽ نه هنئي هئس.

”ٻيهر لائيندين هٿ پڙهين جي ڪتابن کي... هان... ڪٽجان... ڪٽجان ته مان تنهنجي ٻانهن ته پيجان... انهن مُئن ڪتابن ته پڙهين جو سر کنيو... مان بيواهه ٿيس... تون ڇورو ڇنو ٿئين... هاڻي وري تنهنجو وارو آهي... ذليل... جهڙو پيءُ خود غرض, تهڙو پُٽ...“

نڙي ڳوڙهن ۾ پرجي ويس. وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي. روئي ويٺي.

هڪ پل اڳ سخت منهن واري اجنبي عورت ٻاجهاري صورت واري ماءُ ۾ بدلجي وئي. اکين ۾ ورهين جو ٿڪ... جسم چُور چور... زبان خشڪ... ڄڻ هزارين فوٽن جي بلنديءَ تان هيٺ اچي ڦهڪو ڪيو هجيس. پٽ کي چماٽ هڻي ڪڏهن به نه ڪٽندڙ ڏک ۾ مبتلا ٿي وئي هئي.

پوتيءَ جي پلؤ سان پٽ جي نيڏڙين اکين مان وهندڙ ڳوڙها ۽ نڪ مان وهي آيل سنگهه اگهيائين. ڄڻ ٽتل هانءَ تي ڪجهه ڇندو پيس.

پُٽهنس وري پلجي ٻه ڪڏهن پيءُ جي ڪتابن کي هٿ نه لاتو. مڙس جا سڀ ڪتاب ڪٺي شيلف جي پٺيان اڇلائي ڇڏيائين. ڪتاب نه هجن جڻ وڃون هجن.

ٻه ننڍڙيون اکيون حسرت ۽ حيرت وچان شيلف جي شيشي مان نظر ايندڙ ڪتابن ڏي ڏسنديون رهجي ويون.

صبح اسڪول، شام مدرسو. اسڪول کان مدرسي ۾ وڏيڪ دلچسپي. هوءَ پوءِ ٻه ڪو وقت ٻنل رهي.

هو رات جو سمهي پوندو هو ته ٻنل آڱرين سان سندس ٽيلهي ۾ پيل ڪتاب ڪاپيون ڦولهارينديهئي... متان انهن ۾ پڙهنس جو ڪو ڪتاب نه هجي.

پر سندس الڪو اجايو هو. هو شيلف ۾ رکيل ڪتابن کان گهڻو پري ٿي چڪو هو.

وقت جي ندي وهندي رهي، ڪتابن تي جلد چڙهندا رهيا... ٻار قرآن پڙهندا رهيا... پرت پرجندو رهيو.. آڱرين ۾ سيون لڳنديون رهيون... رات جي خاموشي ڏنگ هڻندي رهي... الهندي ديوار ۾ لڳل گهاتين مڇن واري ۽ گهري ڳالهه سوچيندڙ اکين واري تصوير ڏانهس ڏسندي رهي... پٽهنس هوبهو پيءُ جهڙو ٿي پيو هو. کليل پيشانيءَ جاڙا پرون- فرق رڳو ايترو ته پيءُ کي ڏاڙهي ڪا نه هئي، پٽ کي هئي. فرمانبردار... نيڪ نمازي... روزگار سان لڳل...!!

ان صبح تڙڪي ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. خالي خالي ۽ خاموش اکيون.

ان صبح موڪل جو ڏينهن سجايو ڪرڻ لاءِ پٽهنس گهر ۾ پيل فالتو شيون ساڙڻ جو سوچيو.

آڳنڌ ۾ باهه ٻرڻ لڳي.

ڦاٽل ڪاغذ... پراڻا رجسٽر... لفافا... خط.. ڪتاب سڙڻ لڳا. رک اڏامڻ لڳي. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي اچي باهه وٽ بيٺي. ڇپ... ڇري.. دونهون... اکرن جي ٻُوءِ... هو هٿن تان، منهن تان، ڏاڙهي ۽ ڪپڙن تان رک ڇنڊيندو، ڪتاب ڊوئيندو، باهه ۾ وجهندو رهيو ۽ پڙڪندو رهيو "مذهبي ڪتابن کان سواءِ ٻيا سڀ ڪتاب فضول آهن." وان گوگ جي پينٽنگ ڪٺي آيو. گلابي گل، بادامي نيڻ ۽ اڏامندڙ وار سڙي ويا.

الهندي ديوار تي لڳل تصويرون ڪٺي آيو. تصويرون گهر ۾ رکڻ گناهه آهي... تصوير باهه ڏي وڌايائين ته ماٺهس ڪنهن زخمي آواز ۾ دانهن ڪري ٻئي هٿ ڪٺي تصوير ۾ وڌا "متان ساڙين!"

سالن کان دل جي ڪنڊ ۾ ڄميل برف وڳهرڻ لڳي... قطرو قطرو، ذرو ذرو...

"امان گهر ۾ تصويرون رکڻ بدعت آهي."

"نه ڇئه مون کي امان!" پٽهنس جي هٿن مان تصوير ڪسيندي، ڪنهن اوپري لهجي ۾ رڙيون ڪندي چيائين "ناهيان مان تنهنجي ماءُ... نه ڪو تون منهنجو پٽ آهين."

پٺهنس حيرت مان سامهون بيٺل سخت چهري واري اجنبي عورت ڏي ڏسندو رهجي ويو جنهن قاتل تصوير ٻُڌڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ۽ سُڏڪن جي وچ ۾ پٽڪيو پئي ”پيءُ جو ٿوتو ٿو ساڙي.. ڪافر... دوزخي... ذليل.“

# لاهيارڻ جي سيني ۾ گلاب ٽڙن ٿا

ان صبح ماڪ پنل گلاب پٽيندي لاهياريءَ جي هٿن ۾ هر هر ڪنڊا ٿي چڀڻ لڳا. اهو صبح سندس زندگيءَ جو ڏاڍو اداس صبح هو.

اڳ ائين ورلي ڪو ٿيو هوندو جو هر هر هٿن ۾ ڪنڊا لڳا هجنس. هوءَ ته جدي پشتي لاهيارڻ هئي. گل پٽڻ اباڻو ڌنڌو هئس. هن ته هوش ئي گلن جي ٻارين ۾ سنڀاليو هو. رانديون گلن جي فصلن ۾ ڪيون هئائين ته ساماڻي به گلابن جي وچ ۾ هئي. ڪاڀي هٿ ۾ گلاب جي ٽاري جهلي ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر جي امتزاج سان اهڙي نفاست سان گل پٽيندي جڻ گل نه پٽيندي هجي ٽاريءَ جي نيڻن مان خواب چونڊيندي هجي ۽ خواب چونڊي ڪانبو پريندي هجي. سندس پٽيل گلاب مان نه پنکڙيون ڇڻنديون نه ڏانڊي ٽٽندي.

پر ان صبح پاڻ ئي مرجهايل گلاب ٿي پئي هئي. گلن کي مرجهائڻ ۾ پلا دير ئي ڪيتري لڳندي آهي؟ ڪالهه صبح تائين سچر گلاب جئان هئي. مهڪندڙ ٻهڪندڙ، ترو تازه خوش....!!

پيچ پنيءَ مهل اچي گل پٽڻ ۽ ڪانبا پري گڏ ڪرڻ ۽ ٽوڪرين ۾ اهڙي سمجهداري سان رکڻ، جيئن گلن جون پنکڙيون نه ڇڻن. پوءِ زميندار ساجن خان جي پٽ گل حسن جو ڊاٽسن تي اچڻ، گلن جون ٽوڪريون ڊاٽسن ۾ رکائڻ، ڊرائيور سان گڏ شهر پهچڻ ۽ گل مارڪيٽ ۾ وڪڻي واپس موٽڻ.

گل حسن جيڪو اچا خوابن ۽ حقيقتن جي وچ واري سرحد ۾ ساهه کڻي رهيو هو. ڀهرئين صبح ئي لاهيارڻ کي ڏسي خوابن جي ڪناري تي لهي آيو.

خواب جن ۾ گلاب هئا، هڳاءُ هو خوشي هئي، اداسي هئي، انفراديت هئي، ڪجهه الڳ قسم جو نئون نئون وڻندڙ احساس هو. اهڙو احساس جيڪو ماڻهوءَ کي ڪائنات جو مرڪز بڻائي ڇڏيندو آهي. زندگي وڻڻ لڳندي آهي. هاڻي ڪيس گلن مان اڳ کان وڌيڪ وڻندڙ خوشبو اچڻ لڳي هئي. هن لاءِ زمين ريشمي قالين ۾ تبديل ٿي وئي هئي.

هونءَ پڙهس هر روز ملي ٻانگ مهل زوري ننڊ مان پٽي اٿاريندو هئس.

”ابا گل حسن! اٿي ٻيلي خدا کي مڃ..... سج چڙهي آيو..... ڊاٽسن وارو ٻاهر هارن ٻينو هڻي..... گل سڪي ويندا..... اٿي تڪڙو ٿي....“

تڏهن وچي گهلجي سهلجي، آرس پيچي، ڪنجهي، ڪرڪي، ماڻهس ڪان ڪاوڙ ۾ چانهه وٺي چار ڍڪ پيري ڪٽ تان لهندو.... پر جڏهن ڪان لاهيارڻ جي خانہ بدوش نيڻن ۾ نهاريو هئائين، تڏهن ڪان سستيءَ تان دستبردار ٿي ويو هو. هاڻي پڻهس جي اٿارڻ ڪان اڳ بلڪہ ملي بانگ ڪان اول اٿيو وينو هوندو هو.

هڪ صبح تہ ماڻهس حيرت مان پڇي وينس، ”اي ابا گُلا! خير تہ آهي ننڊون ڦٽي ويون اٿئي....“

جنهن جي موٽ ۾ هُو اٿي وچي پاڪرن ۾ پيري نَنڍڙي ٻار جيان ٻنهين ڳلن تي هڪ هڪ چُمي ڏيندس ۽ اجرڪ ڪلهي ۾ وجهي مُرڪندو ٻاهر نڪري ويندو. هو لاهيارڻ سان ڳالهائڻ جا موقعا ڳاهڻ لڳو. ڪنهن مهل گل پٽيندي، ڪنهن مهل ڪانبو لاهيندي، ڪنهن مهل پر مان ويندي، ڪنهن مهل پرسان ايندي، ڏانهس ڏسڻ تي لڳو تہ ڪنهن مهل ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي لڳو...

”ٻڌ مالتي!“

”هون، چئہ!“

”مالتي!“

”جيءُ!“

”ڪجهہ نہ.“

”هان.... ڪجهہ نہ..... اهو وري ڇا....“ حيرت، معصوميت، مُرڪَ، ٺهڪ، خاموشي، نِهار جهڪندڙ اکيون، مٺي ڪچندڙ اکيون!

”مالتي! “

”هون!“

”تون منهنجي ٿيندينءَ؟“

”ڇا؟“

”مان چوان ٿو تون منهنجي ٿيندينءَ ؟“

”مطبل؟“

”مطبل .... او.... مطلب تہ تون منهنجي ٿيندينءَ ؟“

”الاءِ.... خبر ناهي مجيري....!!“

”ڇو.... ڇو خبر ناهي مالتي.... مطلب ڇو؟“

”تون وڏو ماڻهو.... مجيري.. اسان غريب ماڻهو... توسان ڪهڙو جوڙ....“

”نہ مالتي، مان وڏو ماڻهو نہ آهيان... مان غريب آهيان... مون وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي.... توکان سواءِ مان ڪجهہ بہ نہ آهيان.“

”الئي مجيري خبر ناهي.... مطلب... ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.... اسان جو مجهب ڀيو... تهجو ڀيو... اسين ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي.... هاڻي ڇا ٿيندو.... الائي ڇا ٿي ويو آهي“.

”الاءِ ڇا ٿيندو!“

”مطلب ڇا تہ؟“

”مطلب ڪجهہ بہ نہ!“

”وري ساڳيو ڪجهہ بہ نہ!“

ٿڪ، مُرڪون، اداسي، نهار، خاموشي.....

هن خاموشيءَ سان لاهياريءَ جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتا. لاهياريءَ جا هٿ ٿڌا جهڙ ابرف.... هن سندس هٿ چپن تي رکيا. هٿن ۾ گلابن جي خوشبو. نيڻ نهار تائين ڳاڙها ڳاڙها گلاب.... سرهي هوا. ٿڌڪار... خمار ئي خمار. خواب جو ڪنارو. ڪناري تي بيٺل ٻہ اڪيلا مسافر.... ٻہ دنيائون... ٻہ ڪائناتون... ٻہ آواز.... ٻہ خاموشيون... ٻہ ٿڪ. ٻہ لڙڪ.... لاهيارڻ جو واعدو: ”ها مجيري! مان تنهنجي ٿينديس... ها پاڻ گڏجي گلن جي وچ ۾ گهر جوڙينداسين... گڏجي گلاب پوکينداسين... گلاب پٽينداسين... پنهنجو وڻ هوندو. پنهنجو اڱڻ هوندو. اوطاق هوندي. پيچرو هوندو. پيچري جي ڇيڙي تي اسڪول هوندو. اسڪول ۾ گهنٽي هوندي... ٽِڻ..... ٽِڻ..... ٽِڻ..... ٽِڻ..... ٽِڻٽِڻ..... پنهنجا ٻہ ٻار هوندا.... ڪِتابَ هوندا.... اسڪول هوندو... گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون، جو تو ٿڌڙا مينهن وسائي، باغن ۾ جو انب پچائي... ويس گلن کي جو پهرائي.... شامَ هوندي... رات هوندي، پڌر ۾ چنڊ هوندو. آڪاس ۾ تارا هوندا. ننڊ هوندي ۽ خوابَ هوندا.... چار چُميون هونديون.... ٻتيون پاڪيون هونديون.... وارن جو واسُ هوندو....“ لاهيارڻ جي سپني ۾ سوين هزارين لکين گلاب ٽڙي پيا.

خواب جي ڪُڙڪَ مالتي جي پوڙهي پيءُ رواتِ ڪي پئجي وئي... جهونيون جهانوريون اکيون وسوسن جي ور چڙهيون. زال سان صلاح. قبيلي سان مشاورت ... ڇا ڪجي... ڪيئن ڪجي...... گلن جي وچ ۾ تهيل جهوپڙي. پريل پريل آسمان..... گوڙ... ڪنوڻ جا چمڪا. ساهہ مُٺ ۾.... هٿ ٿڌا برف.... مينهن جي شدت.... بدلجندڙ موسم... پوهہ جا پارا.... گلن جو فصل پچاڙي تي پهتل... ڪٽو ڪٽو گلاب..... هونءَ روز هڪ ٻاٽسن نڪرندي هاڻي انين ڏينهن ٻاٽسن نڪري.. مٿان تيز مينهن.... ٻنا پوڙ. فصل پاٽيءَ هيٺ. ڏک ئي ڏک. ٻڏندڙ دل جسم ساٽو. ڪنن سان ٽڪرائجندڙ ڪو پوائٽو آواز. هارن يا ڪو زلزلو... الاءِ ڇا.... رت جي بوءِ .... الاءِ ڊيزل جي ڌپ.... ساهہ ۾ ٻوساٽ... ويس گلن کي.... جو تو ٿڌڙا

مينهن.... ڏک ئي ڏک.... ابا گل حسن ـ اُٿي سج مٿي چڙهي آيو آهي.... هو ڇرڪ ڀري ڀوائتي خواب جي وچ مان ٻاهر نڪتو... اُيا ساهه. پيشانيءَ تي پگهر.... چو ابا.... خير ته آهي... ڇا ٿيو آهي.... اڄ اٿڻ ۾ دير لاتي اٿئي.... ڪجهه نه امان... ڪو خواب پئي ڏٺم.... ڊيڇاريندڙ.... الاءِ ڇا هو... چانهه پيئڻ بنا ئي منهن کي ڇنڊو هڻي اجرڪ کڻي ٻاهر نڪري اچي ڊاٽسن ۾ ويٺو. ڊاٽسن اچي گلاب جي فصل ۾ بيٺي. مزدورن گلن جون ٽوڪريون کڻي ڊاٽسن ۾ رکيون. هن جون نِگاهون لاهيارڻ کي ڳولي ڳولي ٿڪجي پيون....

.... ڇو پلا.... ڪيڏانهن وئي.... ڪير به ڪونه ٿو ڏسجي.... ڇا ٿيو.. ڊاٽسن هلڻ لڳي.... هو ڊرائيور جي ڀر ۾ ويٺو. بي خيال. گم سم گم سم.... چپ چپ.... ڏکارو.... اکين ۾ حادثي جو ڊپ.

ڊاٽسن فصل جي وچان پيچرو ڏئي اچي روڊ تي چڙهي ۽ اتان گذري جِتي لاهياريءَ جي قبيلي جا جهوپا هئا. بي خياليءَ ۾ پنهنجا ٻئي هٿ منهن تي رکيائين... ساڳي خوشبوءِ جيڪا لاهياريءَ جي هٿن ۾ هئي. ٽارين مان ڇڳل گلابن جي اداس زخمي زخمي مقتول خوشبو!

هن ٽڏو ساهه کڻي ڪنڌ پوئتي سيٽ تي لاڙي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. ڪيس لڳو ڄڻ ڊاٽسن ۾ گل نه آهن، سندس لاش پيو آهي!

# بوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي ڳالهه

ان صبح پنهنجو بوٽ پالش ڪندي خوشي محسوس ڪيائين. ايتري ۾ اهڙي خوشي جهڙي ڪنهن آرٽسٽ کي ڪوئي نظم يا ڪهاڻي لکي محسوس ٿيندي آهي.

خوشي جيڪا گهڻي وقت کان سندس لاءِ اڻلڀ هئي.

”زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پنهنجو بوٽ پاڻ ضرور پالش ڪرڻ گهرجي.“ بوٽ کي بُرش هڻندي دل ۾ چيائين.

پئنٽ شرٽ پائي تاءِ ٻڌي بوٽ پاتائين. چپن تي مُرڪ ٻوڙي آيس.

بوٽ شيشي وانگر پئي جرڪيو.

”پر آخر ماڻهو ڪيستائين بوٽ پالش ڪندو؟“ آفيس لاءِ نڪرندي دروازي وٽ سوچيائين.

”هِتي مرڪڻ تمام مهانگو آهي. آخر ماڻهو رت جي دُٻي ۾ پير ٻوڙي ڪيئن ٿو مُرڪي سگهي؟ ها مان گيدي آهيان. گدڙ آهيان. هِتي فقط شينهن شير خدا جو مُرڪي سگهي ٿو. ڇو جو اهو جهنگل جو بادشاهه آهي. وڏيس تہ روئي وڏيس تہ کلي. جيئن هو هر فوٽو سيشن ۾ مرڪي رهيو آهي. سندس مُرڪ جو ڪو ڇيڙو ئي نہ آهي. جهنگل جلي رهيو آهي ۽ شينهن مُرڪي رهيو آهي. مان نہ ٿو مُرڪي سگهان. مان وقت جي انڌي ڳليءَ ۾ جي رهيو آهيان.“

آفيس جي دروازي تي ويٺل سيڪيورٽي گارڊ کيس سلام ڪيو.

هُو فقط گهر جي دروازي کان آفيس جي دروازي تائين سڪون ۽ آزاديءَ سان سوچي سگهيو ڇو تہ وقت جو اهو ٽڪرو سندس پنهنجو هو. آفيس ۽ گهر جي وچ ۾ رکيل وقت جو ٽڪرو. آفيس ۾ پهچڻ کان پوءِ وقت تان سندس حق ختم ٿي ويو.

”پليز پنهنجو ڪم ذميواري ۽ ڌيان سان ڪيو.“ آفيس سُپرنٽينڊنٽ مسٽر قادريءَ کيس پنهنجي خيالن ۾ گم ڏسي سوين دفعا اڳ دهرايل جملو دهرايو.

قادريءَ جي وات ۾ سدائين جيان اُها ساڳي اٺ جي وات واري ڏپ هئي. پر هو پنهنجي وات جي ڏپ کان بي خبر هو. هميشہ جيان.

هڪ پيءُ جون ذميواريون.

هڪ ياءُ جون ذميواريون.

هڪ ڪلارڪ جون ذميواريون.

هڪ پاڙيسريءَ جون ذميواريون.

هڪ دوستَ جون ذميواريون.

هڪ شهريءَ جون ذميواريون.

هڪ ليکڪ جون ذميواريون.

خيالن جو هڪ دائرو پيدا ٿيو. ۽ ڦهلجندو ويو.

هر گهر جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪمري، باٿ روم، اسٽور روم يا رڌڻي جي ڇت ۾ يا ڇت جي ڪنڊ ۾ هڪ ڄارو ضرور هوندو آهي. ۽ ڄاري ۾ هڪ مڪ بہ ضرور قاتل هوندي آهي. ڪڏهن گهر جو ڪو ماڻهو ڊگهي لٺ ۾ ڪپڙو ٻڌي ڪمرن جون ڇتيون ۽ ڪنڊون صاف ڪندو آهي. پراڻو ڄارو پراڻي سڪل مڪ سميت ڊهي ويندو آهي، پر ڪجھ ئي ڏينهن ڪانپوءِ ساڳيءَ جاءِ تي نئون ڄارو نظر ايندو آهي. نئين ڄاري ۾ هڪ نئين مڪ قاتل هوندي آهي. ڄاري ۽ مڪ هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم هوندا آهن. هُنَ وٽ ڊِگهي وا را سگ نہ آهن. هُو ڄارو ڇني نہ ٿو سگهي. هو مڪ ٻڌجڻ نہ ٿو چاهي. پر چاهڻ نہ چاهڻ سان ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هو ڄاري ۾ قاتل مڪ آهي.

قادري صاحب جي ڪرسيءَ کان پنج فوٽ يا شايد ساڍا پنج فوٽ ـ اهو فاصلو گهٽ وڌ بہ ٿي سگهي ٿو، ڇو تہ اهو هڪ اندازو آهي ـ پريان مِس سَلميٰ جي ٽيبل آهي. هر ٽيبل تي ڪجھ فائل بہ هوندا آهن. مس سلميٰ جي ٽيبل تي بہ ڪجھ فائل هميشہ موجود هوندا آهن. سندس ٽيبل ۾ هڪ دراز آهي. دراز ۾ ڪجھ آفيشل ۽ ڪجھ نان آفيشل ڪاغذ آهن. هڪ ننڍڙو آئينو هڪ ڪنگو ۽ ميڪ اپ جو مختصر سامان آهي. پرفيوم جي هڪ ننڍڙي شيشي آهي ۽ هڪڙو وڏو خوابُ آهي: هڪ گزيٽيڊ آفيسر سان شادي ڪرڻ جو خوابُ. هوءَ هڪ مهانگي ساڙهي پائي، ڊريسنگ ٽيبل وٽ ويهندي، ڳچيءَ ۾ سون جو هار ۽ ڪنن ۾ ڊائمنڊ جا جهومڪ. هڪ بي نيازيءَ واري ادا سان پنهنجي ڇهري ۽ ڪليل وارن تي آخري نهار وجهي پرس ڪڻي ٻاهر نڪرندي تہ صاف سٿري وردي پاتل ڊرائيور تکڙا قدم کڻندو ڪار جو پويون دروازو کوليندو.... هوءَ گاڏيءَ جي نرم سيٽ تي ويهندي، دروازو بند ٿيندو.... هوءَ اکيون پوري اٿاهہ خوشيءَ سان پريل پُر سڪون خوابن ۾ گم تي ويندي ۽ هر روز اهو خواب دهرائيندي. جنهن مهل بہ

دروازو کولي ڪوئي ڪاغذ، ڪوئي فائل ڪڍندي يا رکندي آهي ته هڪ نِگاهه پنهنجي خواب کي به ڏسي وٺندي آهي. چپن تي مُرڪ ڊوڙي ايندي اٿس. اڳ ۾ هو جنهن مهل به ذهني ٿڪ محسوس ڪندو هو، قادري صاحب جي پريان نظرون اچلائي مِس سلميٰ کي ڏسي وٺندو هو ۽ تازو توانو ٿي ويندو هو. پر هاڻي ڏانهس نه ڏسندو آهي. هوءَ ته نه اڳ ڏانهس ڏسندي هئي نه هاڻي ڏسندي آهي. هن لاءِ سندس اکين ۾ ڪا به گنجائش نه آهي. بلڪ ڪاوڙ آهي. فطري طور. هڪ معمولي عورت ڪلارڪ جي هڪ معمولي مرد ڪلارڪ تي ڪاوڙ. هوءَ هميشه پنهنجي مرحوم پيءُ جي قول تي عمل ڪندي آهي: "ماڻهوءَ کي هميشه اوچو سوچڻ گهرجي." هو سندس معيار تي پورو نه ٿو لهي ۽ نه ئي ڪڏهن لهي سگهندو.

مسز طاهره وڏيءَ ڀيڻ وانگر چيو هئس "سلميٰ، هُنَ جي اکين ۾ تو لاءِ ڏاڍو پيار آهي.... ۽ پيار وڏي شيءِ اٿئي."

"هون." ڪاوڙ ۾ چيو هئائين "نه کپي مون کي ڦٽيچر ڪلارڪ جو ڦٽيچر پيار.... مون کي شاندار زندگي کپي.... وڏو گهر.... وڏي گاڏي.... زندگيءَ جي رونق، خوشي، محفلون.... گليمر.... هن مان مون کي ڇا ملندو؟..... سودائي..... ڪِتابي ڪيڙو.. اڌ چريو.... ڪجهه ئي وقت ۾ ٻارن جي لوڏ.... اڻ پوري پگهار.... بيماري..... پريشاني... باهه ڏئي ساڙيان اهڙي پيار کي."

ٻنهي جي وچ ۾ ناپسنديدگيءَ جو پردو حائل هو. ٿلهو پردو. جهڙي سيمنٽ جي ڀِت.

"پليز پنهنجو ڪم ذميواري ۽ ڌيان سان ڪندا ڪيو!"

هو پنهنجي اڻ کٽ ذميدارين ڏي موٽيو.

هن تي ٻيڻي ذميواري آهي.

هو رڳو هڪ ماڻهو ئي نه آهي هڪ ليکڪ به آهي.

هڪ ليکڪ به هڪ ماڻهو آهي.

هو سڀ کان اول پنهنجي ضمير ڏي جوابده آهي.

"ليکڪ جو ضمير!" اهو جملو سوچيندي هو هميشه مُرڪي پوندو آهي.

"اهو هڪ کهاڻيءَ جو عنوان به ٿي سگهي ٿو ۽ نه ٿو به ٿي سگهي."

مُرڪڻ ۽ پنهنجي خيالن ۾ گُم رهڻ سندس ڪيمو فلاج آهي. ڪيس بوٽ پالش ڪرڻ مهل اندر ۾ پيدا ٿيل خوشي ياد آئي.

" هر ليکڪ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پنهنجو بوٽ ضرور پالش ڪرڻ گهرجي." هن سوچيو.

خوشيءَ جو تعلق بوٽ پالش ڪرڻ سان آهي. بوٽ پالش ڪرڻ مهل ماڻهو ٻاهرين دنيا کان الڳ ٿي پاڻ سان ڳنڍجي ويندو آهي. پاڻ سان ڳنڍجڻ ۾ خوشي آهي. پاڻ کان ڇڄڻ ۾ غم آهي. پڙهندڙ وڏا منصف آهن. اُهي سچ ۽ ڪوڙ جي پرک لاءِ ڪنهن ايڊووڪيٽ جا محتاج نہ هوندا آهن.

”هميشہ سچ لکڻ گهرجي“ هن سوچيو. ”۽ سچ تڏهن لکي سگهبو جڏهن ضمير جي روشنيءَ ۾ لکبو. ليڪ لاءِ ضمير جو هجڻ ۽ اهو بہ روشن هجڻ ضروري آهي.“ هن آفيس جي وڏي ڪمري جي ڇت ڏي ڏٺو. ڇت ۾ چارو نہ هو.

”مئل ضمير سان لکيل ليک بہ مئل هوندا آهن. زندگيءَ جي خوشبو ۽ گرميءَ کان وانجهيل. مئل ليک لکڻ معنيٰ ڪاغذن جون قبرون پرڻ. ڪچيون قبرون، جيڪي برساتن ۾ ڊهي پونديون آهن. ڍري پونديون آهن. لاشن جا ڊانچا ظاهر ٿي پوندا آهن.“ هو قادري صاحب جي ڪاوڙ کان بي نياز پنهنجي خيالن ۾ گم هو.

”سچ رڳو اهو نہ آهي جيڪو ٻين کي چئبو آهي. اهو تہ سچ جو فقط هڪڙو پاسو آهي. سچ پاڻ کي بہ چوڻ گهرجي. تڏهن سچ مڪمل ٿيندو. سچ جا ٻئي پاسا هڪ جهڙا هوندا آهن. سچ ڪو سِڪو ناهي جو ان جا ٻئي پاسا مختلف هجن. جنهن کي مرضيءَ سان ڪڏهن ”اکر“ ۽ ڪڏهن ”ٺُپُور“ ڪجي. مان پنهنجي پاڻ کي سچ ٿو چوان تہ مان مس سلميٰ جي خوابَ کي ساپيان ڏيڻ کان قاصر آهيان. مان هڪ جونيئر ڪلارڪ طور پرتي ٿيو هئس. ڏهن سالن گذرڻ کان پوءِ بہ فقط سينئر ڪلارڪ آهيان ۽ رٽائر ٿيڻ تائين سينئر ڪلارڪ يا وڌ ۾ وڌ سپرٽينڊنٽ هوندس ۽ منهنجي وات ۾ بہ اهڙي ڏپ هوندي جهڙي قادري صاحب جي وات ۾ آهي. مان بہ ٻين جونيئر ۽ سينئر ڪلارڪن کي ڏيان ۽ ذميواريءَ سان ڪم ڪرڻ جون تنبيهون ڪري رهيو هوندس ۽ رٽائرمينٽ تائين مس سلميٰ جي خواب کي ساپيان ڏئي نہ سگهندس.“ هن پاڻ کي ڏک جي لهرن ۾ لڙهندو محسوس ڪيو.

”زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو پنهنجو بوٽ پالش ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي سچ چوڻ سان گڏ پنهنجي ڪوتاهين جو اعتراف بہ ضرور ڪرڻ گهرجي.“ هن نہ چاهيندي بہ قادري صاحب جي پريان ويٺل مس سلميٰ جي اکين ۾ نهاريو. هوءَ ڪنهن فائل ۾ گم هئي. فقط سندس وار آزاد هئا. هاڻي سندس اکين ۾ وقت جو ٿڪ لهي آيو هو پر اجا سندس خواب ساپيان نہ ٿيو هو. ڏهہ سال کن اڳ جڏهن هو نئون نئون نوڪريءَ تي چڙهيو هو تہ مس سلميٰ جون اکيون ڏسي دل ۾ چيو هئائين: ”هنن اکين جي سهاري سڄي زندگي گذاري سگهجي ٿي.“

”۽ مان اعتراف ٿو ڪيان تہ مون هن مهل تائين جيڪي بہ پيار جون ڪهاڻيون لکيون آهن اُهي ڪوڙيون ڪهاڻيون آهن. مون پاڻ سان ۽ پنهنجي پڙهندڙن سان ڪوڙ ڳالهايو آهي. مون هر ڪهاڻيءَ ۾

ڪنهن مس سلميٰ سان پيار جي دعويٰ ڪئي. تصور ڪيو اٿم تہ هوءَ منهنجي محبوبا آهي.... منهنجي منتظر آهي. مان سندس پهريون ۽ آخري پيار آهيان. اهو سڀ ڪوڙ آهي. سچ اهو آهي تہ مس سلميٰ هميشہ کان مون کي ڌڪاريو آهي. نفرت ڪئي اٿس مون کان. مان عورت طرفان رد ٿيل مرد آهيان.“ هن پنهنجي دل تي چڙهيل دز ڏوپندي محسوس ڪئي.

اعتراف جي آگ ۾ دل تي ڄميل دَز چربيءَ جيان قطرو قطرو ٿي ڳري رهي هئس.

هن پنهنجا ڳوڙها لڪائڻ لاءِ اٿي دريءَ جا تاڪ کوليا ۽ ٻاهر نهارڻ لڳو. ٻاهرئين ميدان ۾ يا شايد سندس اندر جي ايوان ۾ خانہ بدوش گرگلن جو لڏو لٿل هو. هڪ خيمي جي آڏو ٻاهہ جو مچ پئي ٻريو. چار نوجوان ۽ هڪڙو پوڙهو گرگلو ٻاهہ جي مچ تي سوئر جي چربيءَ جون سونگڙيون پچائي رهيا هئا ۽ پرسان وڏي ديڳڙي ۾ سوئر جو گوشت رجهي رهيو هو. چربيءَ مان ٽمندڙ سٽيپ ڦڙو ڦڙو ٿي ٻاهہ ۾ پئجي رهيو هو ۽ گرگلا ڪنهن ڳالھ تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلي رهيا هئا.

”پليز دري بند ڪيو. گوڙ ٿو پڌڙ ۾ اچي....“ اهو قادري صاحب جو نہ پر مس سلميٰ جو آواز هو. هن کي حيرت ٿي.

مس سلميٰ گهٽي وقت کانپوءِ ساڻس ڳالهايو هو.

گهٽي وقت کان پوءِ؟ شايد هڪ سال کانپوءِ. يا شايد ڏيڍ سال کانپوءِ. يا شايد فقط ڪجھ مهينن کان پوءِ. بلڪ شايد فقط ڪجھ ڏينهن کانپوءِ!

بي رخيءَ کي وقت جي گز سان ماپڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي.

بي رخيءَ جي ماپ بہ پنهنجي تہ تور بہ پنهنجي هوندي آهي. اها ماپ ۽ تور سندس اندر ۾ هوندي آهي.

هن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ آخري ڀيرو هنن پاڻ ۾ ڇا ڳالهايو هو؟ پر ڪيس ياد نہ آيو. ڪيس رڳو سندس اکيون ياد هيون جن ۾ پري پري تائين بي رخي ۽ لا تعلقي جي رُڃ ڦهليل هئي.

انهيءَ بي رخيءَ ۽ لاتعلقيءَ کان وڌو يلا ڪهڙو ڏک ٿي پئي سگهيو سندس لاءِ؟؟

هن ڪليل دري بند ڪري ڇڏي.

مس سلميٰ پنهنجي دراز ۾ گم ٿي وئي.

هُنَ ٻيو ڪجھ سوچڻ چاهيو. اهو ”ٻيو ڪجھ سوچڻ“ دراصل سندس ڪيموفلاج هو.

مس سلميٰ بابت سوچڻ کان بچڻ جي هڪ ڪوشش.

پنهنجي پاڻ کي نہ چاهيندي بہ ڪنهن معاملي ۾ مصروف رکڻ جو عمل.

هڪ مڪمل ۽ طويل عرصي جو ڪيموفلاج. هڪ فرار.

”مان اعتراف ٿو ڪيان تہ مون کي پنهنجي پنيءَ تي سياسي پارٽيءَ جو ڪل وقتي ڪارڪُن هجڻ جو نيپو نہ هٽائڻ گهربو هو. آرٽسٽ تہ آسمان جا پکي آهن. پکين جي پرن تي ڪو بہ ٺپو سٺو نہ لڳندو آهي. پکين تي سمورين اکين جو هڪ جيترو حق هوندو آهي.“

مس سلميٰ دراز جي دنيا مان ٻاهر نڪري آئي. اکين ۾ ڏک هئس.

شايد اهو هڪ عام ڏک هو. عورت جو ڏک. وڏندڙ عُمر سان ڳلن ۾ پئجي ويل گهنجن جو ڏک. وارن ۾ پوندڙ چانديءَ جو ڏک. خوابن جي ساپيان ۾ پئجي ويل دير جو ڏک.

هن ڪانئس ڏک جو سبب پڇڻ چاهيو. توڙي جو سبب کان بي خبر نہ هو. پر خبر هئس تہ ڪيس اهو حق نہ هو تہ ڪانئس ڏک جو سبب پڇي. هُو چُپ رهيو.

” هِتي سچ ۽ سياست هڪ ٻئي جو ضد آهن. سياستدان ڪرسيءَ تي ويهڻ کان اڳ وڏا فرشتا هوندا آهن. ڪرسيءَ تي ويهي شيطان جي پاچولي ۾ اچي ويندا آهن. پُٽ پيئرن کي زندانن ۾ وجهائيندا آهن. پائر پائرن کي جلاوطن ڪندا آهن. پينرون پائرن جي قتل جون خاموش تماشائي هونديون آهن.“

مس سلميٰ بدستور اداس هئي. خاموش هئي. مسز طاهره آفيس نہ آئي هئي.

مسز طاهره آفيس ۾ هوندي آهي تہ مس سلميٰ کي خاموش ٿيڻ نہ ڏيندي آهي.

پاڻ بہ ڳالهائيندي رهندي آهي ۽ ڪانئس بہ ڳالهرائيندي رهندي آهي.

قادري صاحب سيٽ تي نہ هو.

اهو لنچ ٽائيم هو.

شايد قادري صاحب ڪئنٽين ۾ هو.

هن کي بہ لنچ لاءِ وڃڻو هو.

لنچ لاءِ اٿڻ کان اڳ ڪيس پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ لکيل هڪ پاراتو ياد اچي ويو:

”الله ڪندو سدائين اقتدار جي اُس ۾ هوندين.“

ڪيس اهو ياد نہ آيو تہ هن اهو پاراتو ڪڏهن لکيو هو. پر ايتري پڪ هئس تہ ان يادگيريءَ جو تعلق بوٽ پالش ڪرڻ واري ڳالهہ سان ضرور هو. ڇو تہ بوٽ پالش ڪرڻ کان پوءِ گهر کان ٻاهر نڪرندي ئي جهنگ جي بادشاهہ بابت سوچيو هئائين. جنهنجي مُرڪ جو ڪو ڇيڙو نہ هو. توڙي جو ڪجهہ شامون اڳ ئي سندس راڻي قتل تي ڇُڪي هُئي.

۽ هينئر لنچ لاءِ اٿڻ مهل ڪيس دراز قد شهزادي ۽ گرانٽ منڙئي گهوٽ جي ڪهاڻي ياد آئي. گرانٽ منڙيو شاديءَ واري شام کان وني دراز قد شهزاديءَ جي اڳيان احساسِ ڪمتري ۾ مبتلا ٿي ويو هو ۽ احساس ڪمتري مان نڪرڻ لاءِ سرگردان هو. شهزادي رعيت سميت گرانٽ منڙئي جي نيت کان بي

خبر هئي. سندس نيت جو پتو تہ تڏهن پيو جڏهن شهزادي جي غوراب جا سڙهہ ڇڇي پيا ۽ غوراب گهري سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو. گرانٽ منڙئي جي قد ۾ اضافو ٿي ويو. راتو واهہ اقتدار جي اعليٰ مسند تي پهچي ويو ۽ سندس مرڪ جو ڇيڙو ختم ٿي ويو. بوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي منجهند جو لنچ تان موٽندي ڪيس گهٽو وقت اڳ نوٽ بوڪ ۾ لکيل پاراتي جو مطلب سمجهہ ۾ اچي ويو ۽ اهو بہ ياد اچي ويو تہ اهو پاراتو ڪنهن لاءِ لکيو ويو هو.

”لِسن تو مي مسٽر!“ اهو سلميٰ جو آواز هو.

هن ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهس ڏٺو. آفيس جي هال ۾ هنن ٻن ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هو.

”ڏسو! مون کي توهان سان ڳالهائڻ جو شوق نہ آهي پر مجبوري آهي. دراز مان منهنجو قيمتي سامان چورائجي ويو آهي.“

”تہ توهان جو ڇا خيال آهي تہ مون توهان جو قيمتي سامان چورايو آهي؟ مان توهان کي چور ٿو لڳان؟ آفيس ۾ ٻيا ماڻهو ڪونهن؟“ هن ڪاوڙ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. جو خبر هئس تہ آفيس مان اڪثر چوريون ٿينديون رهنديون آهن. ڪڏهن پيپر ويٽ تہ ڪڏهن قلم. ڪڏهن فليوڊ تہ ڪڏهن ڪاغذ.

”پر منهنجو شڪ فقط توهان تي آهي.“ مس سلميٰ جون نِگاهون دريءَ جي بند تاڪن ڏي هيون. شايد چاهيائين پئي تہ هوند هوا جي ڪنهن جهوٽي تي تاڪ کُلي وڃن تہ ٻاهر ڏسان.

”مون تي شڪ اٿو مون....“ هن وڏيڪ جملو چوڻ تي گهريو ”مون زندگي ۾ ڪڏهن بہ چوري نہ ڪئي آهي“ پر اهو ياد اچڻ تي تہ ننڍي هوندي ريڙهيءَ تان صوف چورايو هئائين. جيڪو ڪينئرو نڪري پيو هو. ان ڪري ڪائي نہ سگهيو هو. پنهنجو جملو چئي نہ سگهيو.

”هونءَ باءِ دي وي مس سلميٰ ! توهان جو ڪهڙو قيمتي سامان چورائجي ويو آهي؟“ هن مس سلميٰ ڏي ڏسندي چيو.

”دراصل منهنجي دراز مان منهنجو خواب چوري ٿي ويو آهي.“ مس سلميٰ هڪ اداس ادا سان مرڪندي چيو.

ڳالهائڻ مهل سندس اکيون بدستور روشندان کان ٻاهر ڏسي رهيون هيون.

هن سندس ڪابي ڪن ۾ جهومندڙ جهالي تي نهار وڌي ۽ خاموشيءَ سان آفيس مان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر اچي آسمان ڏي ڏٺائين. جنوري جو آسمان صاف هو.

”نہ مس سلميٰ ! هڪ معمولي ڪلارڪ تنهنجو خواب چورائڻ جي جرئت نہ ٿو ڪري سگهي.“

آسمان تان نظرون هٽائي پنهنجي پيرن ڏي ڏسندي دل ۾ چيائين.

سندس بوٽ ميرو هو.

# خوابن جا رستا

هو ڪيس وڃائڻ کان اڳ ئي وڃائي ويهڻ جي اداسيءَ ۾ مبتلا رهڻ لڳو هو!

اڪثر پنهنجي پاڻ سان همڪلام ٿيندي چوندو "جڏهن مان توکي وڃائي ويهندس تہ ڪيئن محسوس ڪندس؟!".

۽ پوءِ سندس سموري سوچ انهيءَ سوال جي جواب ۾ الجهي ويندي.

هو اڪثر سوچيندو "جڏهن تون منهنجي نہ رهندينءَ تہ مان بہ شايد پنهنجو نہ رهندس." ۽ پوءِ هو مرڪڻ لڳندو. شايد اها سندس پاڳلپڻي جي پڄاڙي هئي!!

هو اڪثر سوچيندو هو تہ هوءَ مون سان ملندي تہ مان ڪيس ڪوڙ ڳالهيون ٻڌائيندس ۽ انهن ڳالهين ۾ سڀ کان اول هڪ خواب جو ذڪر هوندو. جنهن مطابق هو ڪيس ٻڌائيندو تہ: منهنجو هڪڙو خواب آهي!

ان خواب جا ٽي ڪنارا آهن. خواب جا ٽئي ڪنارا هڪ شام جي ڇيڙي تي پاڻ ۾ ملن ٿا. جنهن ۾ مون کي تو کان هڪ بوسڪي جهڙي بہ پهري اڌاري وٺڻي آهي.

جنهن مهل تون مون کي اها بہ پهري اڌاري ڏيندينءَ تہ مان ان کي ٽن حصن ۾ ورهائيندس:

هڪ حصي ۾ لائبرريءَ جو شيلف هوندو. شيلف جنهن ۾ ٻين ڪوڙ ڪتابن سان گڏ منهنجا بہ ڪجهہ ڪتاب رکيل هوندا. تون ڪجهہ لمحن لاءِ مون سان گڏجي شيلف ۾ پيل منهنجا ڪتاب ڏسجانءِ ۽ مان خوشيءَ سان توکي ڏسندس!

بہ پهريءَ جي ٻئي حصي ۾ (جيڪو شام جي ڪجهہ ويجهو هوندو) پاڻ گڏجي ڪجهہ دير ڪئمپس جي اداس وڻن جي هينان ڦهليل خاموش رستن تي هلنداسين تہ جيئن انهن رستن سان پاڻ ٻنهي جو گڏيل تعارف تخليق ٿي سگهي.

۽ پوءِ آخر ۾ ان بہ پهريءَ جي ٽئين حصي ۾ (جيڪو حصو شام جي هنج ۾ هوندو) پاڻ ٻئي پارڪ جي تنها سيمنٽ واري بئنچ تي ويهنداسين ۽ شام سان ائين گفتگو ڪنداسين جيئن ننڍڙا ٻار رانديڪن سان ڳالهائيندا آهن.

انهيءَ دوران پاڻ ٻئي هڪڙو نئون درياهہ دريافت ڪنداسين. هڪ گمنام خوشبوءِ سان ملنداسين.

هڪ طويل جدائيءَ جي ريهرسل ڪنداسين.

ريهرسل کي سچ سمجهي اکين کان اکين تائين لڙڪ لڙڪ ٿي ويندا سين ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ سنيالي مرڪي پونداسين ۽ هڪڙو خواب پنهنجي ڪناري تي پهچي ويندو.

پر اهو سڀ تہ فقط تڏهن ئي ممڪن هو جڏهن هو ساڻس ڳالهائي سگهي ها. هو تہ اڳ ئي پنهنجي ڊائريءَ ۾ اعتراف ڪري چڪو هو تہ ”منهنجي لاءِ توسان ڳالهائڻ ڏکيو ۽ تو بابت نظم لکڻ سولو آهي. مان جيترو گهڻو توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿو (۽ نہ ٿو ڳالهائي سگهان) اوتري شدت سان تو بابت نظم لکندو آهيان. نظمن ۾ توسان ڳالهائيندو آهيان، کلندو آهيان مرڪندو آهيان ۽ خوش رهندو آهيان جڻ توسان منهنجو تعلق ئي ڪاغذن جهڙو آهي. پاڻ ڪاغذن ۾ ئي ملياسين. ڪاغذن ۾ ئي ڳالهايوسين، ڪاغذن ۾ ئي محبت ڪئي سين ۽ ڪاغذن ۾ ئي زنده رهياسين.“

سو بس هو ڪيس وڃائڻ کان اڳ ئي وڃائي ويهڻ جي ڏک ۾ مبتلا رهڻ لڳو هو.

نيٺ هو اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ اڄ هو هر حالت ۾ هن سان ڳالهائيندو ۽ ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو جيڪو گهڻن ڏينهن کان ٻڌائڻ پيئي گهريائين پر ٻڌائي ڪو نہ پئي سگهيو. توڙي جو هن ڄاتو ٿي تہ هن سان ڳالهائڻ سولو نہ هو. هن سان نہ ڳالهائڻ بہ تہ مسلسل پلصراط تي هلڻ جهڙو هو.

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ جڏهن هو محبت جي نالي هڪ حادثي مان گذري آيو هو ۽ ٻئي حادثي ۾ داخل ٿي چڪو هو!

سر محمد سلطان پاور پوائنٽ تي ريسرچ ميٿڊ جو سبجيڪٽ پئي پڙهايو. سڄو ڪلاس شاگردن سان ڀريل هو. ٽئين سيمسٽر جو امتحان ويجهو هو پر هن جو ڌيان سر محمد سلطان ڏي نہ هو.

هن جي ڌيان جو محور رڌم هئي.

(هن جي ڌيان جو وڪراءُ بہ رڌم هئي)

جڏهن تہ رڌم پاڻ وکريل ڪانہ هئي. گهٽ ۾ گهٽ ٻاهران تہ بلڪل بہ وکريل ڪانہ هئي. روز جيان نهيل نڪيل سجئل سنواريل ۽ سڄر گل جئان ٽڙيل ٽڙيل ۽ مهڪيل مهڪيل هئي. البت پنهنجي اندر ۾ اها بہ وکريل هئي!

شايد جيڪي ماڻهو اندران جيترو گهڻو وکريل هوندا آهن ٻاهران اوترو وڌيڪ سنوريل رهندا آهن.

ان ڏينهن رڌم کي مئرون ڪلر نندي هيل واري سئنڊل ساڻ ڦڪي رنگ جو وڳو پاتل هو.

جهڙو سورج مکيءَ جو گل.

پنهنجي سچ کان باخبر.

پنهنجي سچ کان بي خبر.

ڪلاس آف ٽيڻ ۾ اڃا ڪافي دير هئي.

هن لاءِ ته هڪ سيڪنڊ به ڪلاڪن کان وڌو هو ۽ مسلسل سوچي رهيو هو ته اڄ هو رڌم ڪي ڇا پڙهائيندو؟ ڪيئن پڙهائيندو؟ پڙهائي به سگهندو الاءِ نه ؟

ڪجهه پڙهائڻ کان رهجي ته نه ويندو؟ ڇا هوءَ ڪيس ايترو وقت ڏيندي جو هو اهو سڀ ڪجهه پڙهائي سگهي جيڪو ڪجهه پڙهائڻ چاهي ٿو. ڇا هوءَ اهو ڪجهه پڙهڻ چاهيندي جيڪو ڪجهه هو پڙهائڻ ۽ چوڻ چاهي ٿو؟

مثال طور: هن ڪيس پڙهائڻ چاهيو ته :

ڪلاس ۾ پروفيسر جو ليڪچر پڙهندي مان رکي رکي تنهنجي اکين ڏي ڏسندو آهيان. تنهنجي اکين جي معرفت دل جي درگاهه ۾ پهچي ويندو آهيان.

درگاهه جنهن ۾ تون آهين! جنهن ۾ مان آهيان! جنهن ۾ سوين هزارين ڪبوتر آهن. مٿان هڪڙو وشال نيرو آسمان آهي، بي تون آهين ۽ ٽيون مان آهيان....

ڪلاس ليڪچر. آواز پروفيسر سڀ ڪجهه دونهين ۾ تحليل ٿي ويندا آهن!

۽ هيءَ ته :

”مون هي سڀ موسمون هي سڀ شامون. هيءَ ڊائري ۽ ڊائريءَ جا سڀ ڪاغذ توتي نظمن لکڻ لاءِ مختص ڪري ڇڏيا آهن.“

۽ ٻيو هيءَ ته :

”جڏهن کان منهنجي ڊائريءَ جو نيرو ڪور تنهنجي نگاهه جو مرڪز بڻيو آهي. تڏهن کان منهنجي ڊائري نظم ۾ تبديل ٿي وئي آهي.“

۽ هيءُ به ته :

”زندگيءَ جي مارڪيٽ ۾ سچ ۽ ڪوڙ گڏ گڏ هلڻ لڳا آهن! پر زندگيءَ ڪي بهرحال مارڪيٽ نه ٿيڻ گهرجي. زندگي ڪي زندگي ئي هجڻ گهرجي“.

پر هن ڏڙڪندڙ دل سان اڪثر اهو محسوس ڪندي اعتراف ڪيو ته هو انهن ڳالهين مان شايد هن ڪي ڪابه ڳالهه پڙهائي نه سگهندو. ڇو ته هو ڳالهائڻ جي معاملي ۾ هميشه ناڪام ۽ ڪمزور ڳالهائيندڙ ثابت ٿيو هو!

هن ڪيترا ڀيرا چاهيو هو ڪيس چوڻ ته :

”هن يونيورسٽيءَ جي سڀ کان وڏيڪ حسين ڇوڪري السلام عليڪم!“ پر ڪيس ڪڏهن به چئي نه سگهيو!

ان منجهند ڪيس ڪئنٽين کان ڪمپيوٽر ليب ڏي ويندي هلڪي سائي وڳي ۾ ملبوس ڏسي چوڻ چاهيو هئائين:

”ٻڌو؟“

”جي!“

”هڪڙو ڪم نه ڪيو.“

”جي چئو!“

”ڳچيءَ ۾ ڪارو ڌاڳو پائي ڇڏيو.“

”ڇو؟“

”ڌاڍا حسين ٿا لڳو نظر نه لڳيوَ!“ پر چاهيندي به چئي نه سگهيو.

جڏهن ڪيس سانس ڳالهائڻ جو موقعو مليو سلائيڊ، نوٽ بوڪ يا ڪوئي ڪتاب ڏيڻ وٺڻ جي بهاني ۾ ته هو سانس فقط رسمي جملا ڳالهائي سگهيو ۽ بس. هڪ به اهڙو جملو لفظ نه جنهن جو سڌو تعلق اندر جي دنيا سان هجي!

دل سان هجي، ڌڙڪن سان هجي!

ڪجهه ڳالهائي نه سگهڻ.

ڪجهه چئي نه سگهڻ.

ڪجهه پڇي نه سگهڻ.

هڪڙو ڏک، هڪ اداسي، به چار لڙڪ ۽ بيوسيءَ سان ڀريل خاموشي. هن سان ”نه ڳالهائي سگهڻ“ جو ڏک هن جو خاص ڏک بڻجي ويو هو. ڪيس ائين لڳندو هو ته شايد هو پنهنجي ڪنهن گذريل جنم ۾ هن کي گهڻو ڳالهائڻ جي ڪري وڃائي وينو هو ان ڪري هن جنم ۾ سندس چپن تي چپ جا تالا لڳل آهن.

پڇتاءُ....... ڪيس وڃائڻ جو.

ڏک ......... ڪيس وڃائڻ جو.

چپ ........ گهري چپ ..... ڊپ جو احساس ...... پڇتاءُ جو رد عمل ......... شايد ..... ڪجهه اهو ئي هجي سبب سندس خاموشيءَ جو....

پر.... پر ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مان هن جنم ۾ وري ڪيس نہ ڳالهائڻ جي ڪري وڃائي ويهان..... پر ڇا ٿو ڪري سگهجي...... شايد ڪجھ جاين تي ماڻهو پنهنجي وس ۾ نہ هوندو آهي....... قطعي بہ نہ هوندو آهي پنهنجي وس ۾!! ان ڏينهن مينهوڳيءَ جي موسم ۾ جنهن مهل هلڪي هلڪي بارش پئجي رهي هئي ۽ فرش تي پوندڙ ڦڙين جو آواز ڪنهن رقاصہ جي پيرن ۾ ٻڌل پايل جي ڇن ڇن جيان پئي پاسيو ۽ هوءَ پئرا ڊائيز پوائنٽ وٽ جتي ڏکڻ جي هوا ماڻهوءَ جي پيشانيءَ جو پگهر سڪائي اتر ڏي هلي ويندي آهي ۽ سڄي ڪئمپس ۾ اها پوائنٽ ئي وڌ ۾ وڌ هوادار، ڪليل ۽ خوشگوار احساس رکندڙ آهي، پنهنجي تنهائي سان گڏ ويٺي هئي تہ هو دل جهلي وڏي وڃي سندس پر ۾ ويٺو هو.

”ڪيئن آهيو؟“ رڌم ڪائنس شايد اهو سوچي پاڻ ئي پڇيو جو ڪيس اندازو هو تہ هو ڳالهائي ڪو نہ سگهندو......

”بلڪل ٺيڪ ...“ ”ڪالھ شام مون گهر جي بالڪني ۾ ويٺي اوهان جو ڪتاب پئي پڙهيو.“ هن مرڪ جي بارش ۾ پسندي چيو.

”ٿينڪ يو... ها..... ان مهل مينهن پئي وسيو... ها نہ.... !! ؟.....“

”ها.... مينهن پئي وسيو ڏاڍو..... ۽....“ رڌم ڪليل آسمان ۾ بيٺل ڪڪرن ڏي ڏسندي ائين چيو ڄڻ هوءَ ڪڪرن سان ڳالهائيندي هجي.

”۽.... مون پڙهيو پئي.“

”ها.... توهان پڙهيو پئي.... مون محسوس ڪيو هو.“ نيٺ هو اعتماد سان ڳالهائڻ جي سطح تي اچي ويو.

”توهان ڪيئن محسوس ڪيو؟“

”الاءِ ڪيئن..... پر محسوس ٿيو تہ توهان.....“

”هون....“

”ٻڌو!“

”جي.... چئو!“

”هون.... الاءِ ڇا ٿي چيم.... “

موٽ ۾ هوءَ اڻلٺ جهڙي مرڪ ۾ ڍڪجي وئي هئي ۽ هو ڪيس ”خدا حافظ“ چئي اڻلٺ جا رنگ سهيڙي ڪلاس ڏي موٽي آيو هو.

سر محمد سلطان پروجيڪٽر تي جرڪندڙ آخري سلائيڊ ڏي ڏسي چئي رهيو هو:

**خوابن جا رستا :منور سراج**

Primary Data:
Secondary Data:
The Sources of Primary Data are: - Interview, phonic call. face to face conversations and the Sources of Secondary Data are magazines, internet, research etc.

۽ هو ڏڙڪندڙ دل سان سوچي رهيو هو تہ ڪيس اچ رڏم سان ڇاڇا ڳالهائڻ گهرجي؟ ۽ ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.... سواءِ ان جي تہ سامهون واري ڪرسيءَ تي ڦڪي وڳي ۾ ملبوس رڏم ويٺي آهي ۽ مانيٽر تي پڪڙيل ريسرچ ميٿڊ جي هڪ اسائنمينٽ جو مواد ڏسي رهي آهي..... رڪي رڪي ڪنهن مهل ڏانهس، ڪنهن مهل دروازي ڏي ڪنهن مهل پروجيڪٽر ڏي تہ ڪنهن مهل سر سلطان ڏي ۽ وري ڪنهن مهل پنهنجي هٿن ڏي نهاري رهي آهي.

پيرڊ آف ٿيڻ کان چند لمحا اڳ هن ڪجهہ ڏينهن کان ذهن ۾ آيل هڪ ڳالهہ کي چپن تي آهستي آهستي ان لاءِ دهرايو تہ جيئن سندس دل جي ڏڙڪن ترتيب ۾ اچي سگهي.

”محبت، برسات، شام، اداسي ۽ شاعريءَ ۾ ڪهڙي نہ هڪجهڙائي آهي“.

بئي پل پيرڊ ختم ٿي چڪو.

تقريبن سڀ شاگرد ڪلاس مان نڪري چڪا.

پوئتي رڏم ۽ هن کان سواءِ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ شاگرد ئي ليب ۾ موجود هو. ليب انچارج پنهنجي ڪرسيءَ تي ٿڪل ذهني ڪيفيت ۾ اوٻاسيون ڏيندي پئي نظر آيو. هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ رڏم جي ڪرسيءَ ڏي وڌي ويو.

”رڏم مون کي ڪجهہ هيلپ جي ضرورت آهي“.

”جي ...... ها ....... بلڪل ...... چئو.“ رڏم ائين بي ساختگيءَ سان وراڻيو جڻ ڪيس اڳواٽ ئي خبر هئي. تہ هو ڪيس ڇا چوندو.

”هتي نہ ... ٻاهر .... بہ ٽي منٽ ڏيو.“

”نيڪ .... هڪڙو منٽ.“ رڏم يو.ايس.بي، سي پي يو ۾ لڳائي تڪڙ تڪڙ ۾ مائوز گهمائي ضروري مواد پنهنجي يو ايس بي ۾ وجهي سسٽم بند ڪري، يو ايس بي پرس ۾ رکي، پرس ڪلهي ۾ وجهي فائل هٿ ۾ ڪٽي اٿي بيٺي ۽ ڏانهس ڏسڻ بنا چيو.

”اچو!“

هو هن سان گڏ گڏ ليب مان نڪتو ٻاهر موسم ڪافي خوشگوار هئي.

ٻئي خاموشيءَ سان هلندا اچي پئراڊائيز پوائنٽ تي بيٺا. ڏکڻ جي هوا هميشہ جيان پنهنجي مهربان ڇهاءَ سان سندن آڌرڀاءُ ڪيو. اهي بهار جي آمد جا ڏينهن ڪو نہ هئا.

اهي ڊسمبر جون شامون نہ هيون.

اهي اونهاري جا صبح نہ هئا.

اهي پڻ ڇڻ جا ڏهاڙا نہ هئا.

اها محبت جي بي نام موسم هئي.

اهي بي سبب خاموشيءَ جا ڏينهن هئا.

اُها ”ڪجھ نہ چئي سگھڻ“ جي ڏک جي رت هئي.

اُها پنهنجي پاڻ سان ناراضگيءَ جي موسم هئي.

اهي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ جون شامون هيون.

”جي .... چئو!“ رڌم پئراڊائيز پوائنٽ جي پلر تي ٽيڪ ڏيندي چيو.

”رڌم..... مان ٺيڪ نہ ٿو محسوس ڪيان پاڻ کي، اداس ٿو رهان ڏاڍو.“

”خوش رهڻ جي ڪوشش ڪيو.“ هن ڪنهن مسيحا جيان مشورو ڏنو هئس. اهڙو مشورو جنهن تي عمل ناممڪن هو.

”اکين ۾ حادثا کڻي ماڻهو خوش رهي نہ سگھندو آهي رڌم! مان پنهنجي اندر ۾ اداس ٿي پيو آهيان. منهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪو حادثو رونما ٿيو آهي. مان ڇا ڪيان....“

”ٺيڪ تہ آئون بہ نہ ٿي رهان. منهنجي دل جي ڌڙڪڻ بي ترتيب ٿي وئي آهي. ڊاڪٽر تائين وڃي پهتي آهيان.“

رڌم ذخمي لهجي ۾ چيوءِ هو چاهيندي بہ ڪيس چئي نہ سگھيو تہ رڌم حادثو تہ مون سان پيش آيو آهي زخمي تون ڪيئن ٿي پئي آهين؟

”بهرحال اوهان خوش رهڻ جي ڪوشش ڪيو. هونءَ بہ پاڻ ٻنهي ۾ ڪافي فرق آهي. پاڻ ٻئي الڳ الڳ دنيائن جا ماڻهو آهيون.“ هوءَ ساڻس اکيون ملائي ڳالهائڻ بنا جملو مڪمل ڪري اڻ مڪملتا جي احساس ۾ پرجي وئي.

هو پري پري تائين اداس معنيٰ سان پرپيل جملن ۾ ڊڪجي ويو.

”معصوميت جي شاهراھ تان پتڪي چالاڪيءَ جي چؤواٽي تي ڦاسي پيپل ڇوڪري، تنهنجا نيڻ تنهنجي ڇپن جو ساٿ ڇو نہ ٿا ڏين؟“

تون بہ رڌم!!

رڏم تون بہ !!

تون مون کي پنھنجي اکين سان ڏسڻ بدران شايد پنھنجي ڪنھن حد کان گھڻي "سياڻي" سھيلي جي نگاھن سان نھارڻ لڳي آھين ....

ان مھل ڪنھن قديم مقدس روح تي ڪنھن ڏاڍڻ جو پاڇولو پئجي ويو ..... ۽ ھوءَ اھو ڪجھہ ڳالھائڻ ۽ سوچڻ سمجھڻ لڳي جيڪو دراصل ھن نہ ٿي چاھيو تہ ڳالھائي .... سوچي .....

ڊپ ۽ ڏک جي لھر بيٺي بيٺي ھن جو وجود اورانگھي وئي. ھو لفظن کان محروم ٿيندي ٿيندي بچي ويو.

۽ ھن اھو چوڻ جي حالت ۾ ھوندي بہ کيس نہ چيو تہ :

"روشن بہ پھريءَ جي ڪناري تي بيٺل نظم جھڙي ڇوڪري! توسان منھنجو تعلق تہ خوشبوءِ جھڙو آھي ۽ خوشبوءِ جھڙا رشتا ناتا سوالن جوابن جي جھنگل ۾ نہ ڦاسندا آھن ...... منطق ۽ دليل جي ڏيڻ ۾ نہ ڪرندا آھن .... " ھو مطمئن ھو.

ھن وٽ اعتماد ھو.

ھن کي محسوس ٿي چڪو ھو تہ رڏم جي آواز ۾ سندس دل جو ڏڙڪو شامل نہ آھي ! ھوءَ اھو ڪجھہ ڳالھائي رھي آھي جيڪو ڪجھہ دراصل ھوءَ ڳالھائڻ نہ ٿي چاھي!

روح تي پئجي ويل پاڇولو!

ھڪ ڏک، ھڪ گھري اداسي.

"ٺيڪ آھي. توھان صحيح ٿا چئو. پنھنجو ھڪٻئي سان ڪو اھڙو تعلق ڪونھي جنھن کي محبت چئبو آھي. وڏو فرق آھي پاڻ ٻنھي ۾... پر گھٽ ۾ گھٽ پاڻ ڪلاس فيلوز تہ آھيون ...... دوست تہ آھيون!"

"ھا .... اھو تہ آھي." رڏم ھٿن مان سرڪندڙ پرس قابو ڪندي چيو.

"تہ پوءِ توھان ٿورو وقت مونکي ڏيو. منھنجي ڪائونسلنگ ڪيو.... تہ جيئن مان حادثي مان ٻاھر نڪري اچان. نارمل ٿي سگھان."

ھوءَ کيس خاموشيءَ سان ٻڌندي رھي.

ھو ڪنھن مھل رڏم جي رئي تي ڇپيل ھلڪن گلن ڏي تہ ڪنھن مھل برسات ڏي ڏسندو رھيو.

تان جو بہ پھري لڙي وئي.

ڪوڙ ڳالھيون اڌوريون رھجي ويون.

اداسي ۽ سرھائي ھڪٻئي جي منھن ۾ ڏسندي رھجي وئي.

”بس خوش رهڻ جي ڪوشش ڪجو.“

هڪ دفعو وري ڪيس رڌم ان ڳالهه جي تاڪيد ڪئي جا هن جي وس کان ٻاهر هئي.

هو اداس ٿڪي مرڪ مرڪي پيو. ڏک ۽ ڪاوڙ جي هڪ تيز ڇولي هن جي ڇاتيءَ ۾ لٿي ۽ هڪدم خيال آيس ته ڪيس چئي: رڌم ڪوڙ ڇو ٿي ڳالهائين! ٻڌاءِ! تون مون سان نه. گهٽ ۾ گهٽ پاڻ سان ته سچي ٿي. پاڻ سان ته ڪوڙ نه ڳالهاءِ... پاڻ سان ته....“

پر هو خاموشيءَ جي ڪناري تي بيٺو رهيو.

”ڇڱو هاڻي مان هلان ٿي.“

رڌم جو جملو نديءَ مان لهر جيان اڀريو ۽ هن جي اکين جا ڪنارا آلا ڪندو ويو.

”ها..... ٺيڪ آهي.“ هن رسمي طور چيو.

هوءَ رجسٽر ۽ پرس سنڀالي ڪامن روم ڏي وڃڻ لاءِ ڏکڻ طرح پنج ڇهه قدم کڻي چڪي ته هن جي وات مان ڪجهه لفظ ائين ڇڻي ڪري پيا جيئن خزان ۾ هوا جي جهوٽي تي ٽاريءَ تان اوچتو پنج ست پن ڇڻي پوندا آهن.

”رڌم هڪ ڳالهه ٻڌايو!“

”جي چئو!“ رڌم پنهنجا قدم روڪي اداس اکين سان ڏانهس ڏسندي ائين ڳالهايو ڄڻ هوءَ ڪنهن شخص سان نه پر برسات سان مخاطب هجي!

”رڌم! ڇا دل جو ڏڙڪو ڪوڙو هوندو آهي؟“

”نه..... قطعي به نه....“

رڌم يڪدم هڪ شاندار ۽ باوقار مرڪ سان وراڻيو ۽ اڳتي وڌي ويئي.

هو پئرادائيز پوائنٽ وٽان اتر طرف هلڻ لڳو... هلندي ڪيس محسوس ٿيو ته رڌم ۽ هو ٻن مختلف ڏسائن ڏي نه پر هڪ ئي ڏسا ڏي ساڳين رستن تي هلي رهيا آهن. جيڪي رستا دراصل خوابن جا رستا آهن.

”نه.... قطعي به نه!!“ هن مرڪي ڇپن ۾ رڌم جو جملو ورجايو.

# دل جي نديءَ ۾ ٻڏي ويل ڇوڪري

اڄ ڏينهن کان گل فروش دروازي تي دستڪ نہ ڏني هئي.

اهي اڻ شامون سندس زندگيءَ جون وڏ ۾ وڏ اداس ۽ اٽيپيون شامون ثابت ٿيئٽيون هيون. کيس لڳو هوءَ پنهنجي اندر ۾ ٻڏندي پئي وڃي. ٻُڏڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجون غمناڪ نيريون اکيون کڻي نيري آسمان ڏي ڏنائين. آسمان ڏي ڏسندي مٿس خاموشيءَ سان انڪشاف ٿيو تہ دراصل دل ۽ آسمان ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. آسمان ۾ ڏسندي لڳس جڻ پنهنجي دل جي اندرئين تهہ ۾ ڏسي رهي آهي.

گل فروش هر شام پنهنجي بي نام ۽ قديم خوشبوءِ سميت سندس دروازي تي اچڻ ڪڏهن بہ نہ وساريو. هر شام جو مطلب آهي هر شام. سردي هجي يا گرمي، مينهن هجي يا واچ. هو هر شام ڇٻيءَ ۾ گُلاب جا سچر گل کڻي اچي سندس دروازي جي گهنٽي وڄائيندو. گل فروش جي ماءُ هر روز ڏاڳي ۾ گل ٽاڪيندي پنهنجون اکيون ۽ اکين جون دعائون بہ ٽانڪي ڇڏيندي. ”الله ڪندو ڪڏهن ڪوسو واءُ نہ لڳندئي. الله ڪندو هڪ ڏينهن گلن جهڙي ڪنوار ماڻيندين“.

ماءُ جي دعا ٻڌي اڪثر سندس اداس چپن تي ڏکاري مرڪ ڦٿڪڻ لڳندي. کيس پوڙهيءَ ماءُ تي جواڻ جماڻ پيار اچي ويندو. پر پنهنجي ڪيفيت جو اظهار نہ ڪندو. اظهار ڪرڻ سندس طبعيت جو حصو نہ هو. بس خاموشيءَ سان ڪٽ تي ليٽيو ڇت ڏي پيو ڏسندو ۽ جڏهن ماڻس گلن جي ڇٻي کڻي اچي پرسان ٻيهنديس تہ خاموشيءَ سان اٿندو ۽ ساڳي خاموشيءَ سان ٻاهر نڪري ويندو. ائين گل وڪڻندي وڪڻندي کيس خبر ئي نہ پئي تہ ڪيئن ڪنهن شام ماڻهس جي پوڙهين اکين ۾ پلجندڙ هڪ پُراڻو خواب بي ضرر خاموشيءَ سان سندس سيني ۾ لهي آيو ۽ پوءِ سندس دل جي ڇئني ڪُنڊن ۾ ڦهلجي ويو. پر اهو خواب خود غرضيءَ جي بوءِ کان ائين پاڪ هو جيئن مور جا پر سيني موسمن ۾ صاف ۽ پاڪ رهندا آهن.

اُها خزان جي هڪ اداس شام هُئي. اهڙي شام جيڪا ماڻهوءَ کي ڪنهن وڃايل شيءِ جي يادگيري ڏياري، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڏک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ پڪي يقين سان احساس ڏياريندي آهي تہ زِندهہ رهڻ لاءِ ڪنهن جي اکين ۾ آکيرو ناهڻ ضروري آهي. (آکيرن ڪانسواءِ ڪجهہ پکي زندهہ رهي نہ سگهندا آهن). بهار جي ڪناري تي بيٺل خزان جي ان شام هو ڪڪرن سان پريل آسمان جي هيٺان ننڍا ننڍا قدم کڻندو سندس بنگلي جي دروازي تي اچي بيٺو تہ لڳس: اڳتي جا سڀ رستا ۽ راهون

معدوم ٿي ويون آهن. سندس قدم دل جي چٺني ڪنڊن ۾ ڦهلجي ويل خواب سان ائين مشروط هئا جيئن زندگيءَ سان موت ۽ موتَ سان زندگي. ان شام دروازي جي گهنٽيءَ کي ڇهندي سندس اشهد آڱر ۾ دل گڏ گڏ ڌڙڪڻ لڳيون ۽ دير تائين ڌڙڪنديون رهيون. ۽ محسوس ٿيس تہ سندس سڄو وجود خوشبو خوشبو ٿي ويو آهي. الاءِ ڇو پر ٺيڪ ان مهل کيس ماءُ جون اکيون ياد اچي ويون جيڪي تڏهن کان وٺي خالي هيون جڏهن کان سندس پيءُ خاموشيءَ جي راهہ جو مسافر بڻيو هو ۽ هوءَ ڀري جوانيءَ ۾ بيوهہ ٿي وئي هئي.

جنهن مهل دروازي تي بيل جي ڇهاءَ سان جديد طرز تي جوڙايل بنگلي جي خالي ڪمرن ۾ اداس راهدارين ۾ نديءَ ڪناري اڏامندڙ ڪنهن اجنبي پکيءَ جو غير اجنبي آواز گونجيو ان مهل هوءَ لان ۾ بيهي آسمان ڏي ڏسي رهي هئي. آسمان ۾ انيڪ رنگن جا ڪيترائي ننڍا وڏا لغڙ رقص جي حالت ۾ هئا. خاص طور تي پيلي رنگ وارو ننڍڙو لغڙ سندس نِگاهہ جي نشاني تي هو جنهن جي ڏور سندس نظر کان اوجهل هئي ۽ هوءَ ٻارن جهڙي پُر تجسس مُرڪ سان سوچي رهي هئي تہ ان لغڙ جي ڏور جنهن اڻ ڏٺل ٻار جي هٿ ۾ آهي ان کي ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پاتل هوندا.... اُهو هن مهل ڇا سوچيندو ۽ ڇا محسوس ڪندو هوندو.... هوءَ پيلي لغڙ ۾ ان ٻار جي اکين جو رنگ بہ ڳولي رهي هئي پر گهنٽيءَ جي آواز تي سندس خيال جي ڏور ڇڄي پئي. هوءَ اجنبي ٻار بابت وڌيڪ سوچي نہ سگهي.

گهنٽيءَ جي آواز تي گهر جي نوڪر دروازي ڏي وڃڻ جي ضرورت ان ڪري محسوس نہ ڪئي جو هوءَ کيس چار مهينا ڏهہ ڏينهن اڳ ئي لفظن کان سواءِ چئي چُڪي هُئي تہ پنجين وڳي واري گهنٽيءَ تي دروازو کولڻ جو حق فقط کيس حاصل آهي، ٻئي ڪنهن کي بہ نہ.

شروع شروع ۾ تہ هوءَ لاشعوري طور ان احساس هيٺ پاڻ دروازي تي وڃي گل وٺڻ لڳي هئي تہ جيئن اهي گل قرآن شريف جي رحل تي رکي ثواب حاصل ڪري پر پوءِ ڪجهہ ئي ڏهاڙن ۾ ثواب جي احساس تي محبت جي خوشبوءِ خود پسنديءَ جي لذت حاوي ٿي وئي. ۽ هاڻي هوءَ هر شام گُل فروش جي هٿن مان گل وٺندي محسوس ڪرڻ لڳي تہ محبت کان وڌو ڪو بہ ثواب ناهي. هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي تہ دراصل هوءَ ڪنهن دور دراز پرڳڻي جي راجڪماري آهي ۽ هو گل فروش ڏورانهين پرڳڻي جو راجڪمار آهي، جنهن وٽ گلن ۽ خوشبوءِ جي بادشاهي آهي.

راجڪمار کان گلن جا گجرا وٺي پنهنجي چوٽيءَ ۾ پوئيندڙ راجڪماري خزان جي ان هيڊي شام جو گهر جي ڇهچ سائي لان کان در جي اوٽ تائين ايندي محسوس ڪيو تہ هوءَ هڪ لمحي اندر ڪيئي موسمون گذاري آئي آهي. هوءَ گل فروش جي دل ۾ ڦهليل خواب جي ڏک کان بي خبر نہ هئي ۽ باخبريءَ جو ڏک اڃا رستي ۾ هو. گل وٺندي سندس مخروطي آڱريون گل فروش جي آڱرين کي ڇهي ويون تہ کيس

لڳو سندس سيني ۾ گلن جا ڪئي گونچ ڦٽي پيا آهن. ۽ ان شام ڪيس اهو يقين بہ ٿي ويو تہ گل فروش واقعي بہ ڏورانهين پرڳڻي جو شهزادو آهي جنهنجي اڪين ۾ بادشاهيءَ جو اولڙو آهي. توڙي جو هو شهزادو نہ هو. هو تہ جهڪيل ڪلهن ۽ ٽڪل پيرن وارو غريب گهراڻي جو اهڙو نوجوان هو جنهن کي پنهنجي جوانيءَ تي ڪو بہ ناز نہ هو ۽ بيو هي تہ ڪيس گهٽ ۾ گهٽ ويجهڙي مستقبل ۾ پنهنجي ڳُلهن جي سنئين ٽيڻ جي بہ ڪا گهٽي ۽ پڪي اُميد نہ هئي.

۽ خزان جي ان شام گل فروش جي آڱرين کي ڇُهي ڪيس محسوس ٿيو هو تہ هاڻي هوءَ دروازي تي گل وٺڻ نہ ڪو ثواب ماڻڻ ۽ نہ ئي خود پسنديءَ جي مني لذت حاصل ڪرڻ لاءِ تي اچي پر هاڻي انهيءَ جو ڪو ٽيون سبب آهي ۽ انهيءَ ٽئين سبب جي حيثيت اڳوڻن ٻنهي سببن تي ائين ڀاري آهي جيئن ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ تي اداسيءَ جو احساس ڀاري ٿي ويندو آهي. انهيءَ ٽئين سبب جو نالو وٺڻ هن لاءِ ايترو ئي مشڪل هو جيترو ڪنهن ڳوناڻي ڇوڪريءَ لاءِ سهيلين جي سامهون پنهنجي مڱيندي جو نالو ڪڍڻ محال هوندو آهي. تڏهن ڪان ئي اها شڪايت بہ سندس اندر جي خالي گهڙي ۾ درد جو شفاف پاڻي پرڻ لڳي هئي تہ آخر گل فروش ساڻس پنهنجي پيار جي اظهار ۾ ايڏي دير ڇو ٿو ڪري. جڏهن تہ ماڻهو تہ محبت جي دعويٰ سان گڏ جسم جو دروازو کڙڪائيندي بہ نہ هٻڪندا آهن. پر اصل ۾ هوءَ حيرت ناڪ حد تائين ان راز کان بي خبر هئي تہ هو انهن ماڻهن مان هو جن لاءِ دل جي ڳالهہ ڪرڻ ايترو ئي مشڪل هوندو آهي جيترو پيرين اگهاڙو پلصراط تي هلڻ. هونءَ اهي محبت کي اظهار جو محتاج بہ نہ سمجهندا آهن.

پر پوءِ جڏهن چند موسمن جي الوداعيءَ سان ڪنهن الهام جئان گل فروش جي خاموش اکين ڪيس ٻڌايو تہ لفظن جي ڦاٽل ڇٽي محبت جي موسلاڌار برسات جي سٽ سهي نہ سگهندي آهي، تڏهن کان هوءَ ائين مطمئن ٿي وئي هئي جيئن پُر شور ندي سمنڊ جي سيني ۾ لهي شانت ٿي ويندي آهي.

تڏهن کان ڪيس پنهنجي پيءُ ماءُ جي هوندي اڪيلائيءَ جو رڻُ محسوس ٿيندڙ پڙ پانگ بنگلو ۽ بنگلي جون ويران ڏاڪڻيون بہ وڻڻ لڳيون.

انهن ئي پُر اعتماد شامن مان هڪ شام هُو نيرين اکين واري ڇوڪريءَ کي گل ڏئي گهر موٽيو تہ هميشہ جيان ماڻهس مُرڪي ڪاٺ جو پُراڻو دروازو کوليو ۽ نئون لفافو سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو ”تپالي ڏئي ويو آهي. تنهنجي نوڪريءَ جو پنو آهي... صبح سوير حيدرآباد وڃڻو اٿئي.... شڪر آهي منهنجي رب جو... آخر ڪيستائين منهنجو شهزادو گهٽين ۾ گل وڪڻي ها.“ هُو ماءُ جي گهنجيل مُنهن تي پکڙيل خوشيءَ جي احساس کي طول ڏيڻ لاءِ مُرڪيو. آخر ايترن ورهين کان پوءِ ئي تہ سندس مُک تي خوشيءَ جو فصل ڦُٽو هو. پر شايد ماءُرون ڪوڙي ۽ سچي مُرڪ جي فرق کي سمجهنديون آهن. هوءَ

سندس مٿان اچي بيٺي ۽ سندس وڪريل وارن ۾ آڱريون وجهي ڇڻ آڱرين سان ڳالهائڻ لڳي. ”پوڙهي ٿي وئي آهيان... نظر گهٽجي وئي اٿم..... سئيءَ ۾ سڳو نه ٿو پئي. گُل پوئيندي سئي آڱرين ۾ لهي ٿي وڃي. آخر ڪيستائين....“

هن نه چاهيندي به ماڻهس جي مُنهن ڏي نهاريو.

اوچتو مٿس انڪشاف ٿيو ته سندس ماءُ جي اکين ۾ موت جا پاڇولا لُڏي رهيا آهن. کيس ماءُ جي اکين تي روئڻهارڪو پيار اچي ويو. کيس روئڻ ۽ ڪجهه ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اصل ۾ هن ماءُ کان پڇڻ ٿي چاهيو ته ”پر امان هاڻي منهنجي دل جي چٽني ڪنڊن ۾ ڦهلجي ويل خواب جو ڇا ٿيندو“ پر لفظن سندس ساٿُ نه ڏنو. خوش قسمتي الاءِ بدقسمتيءَ سان هو هميشه کان هڪڙو گهٽ ڳالهائو شخص ثابت ٿيو هو. ان شام هُو به واتي تي بيٺل اڪيلو ماڻهو ثابت ٿيو هو.

کيس ڪا به هڪ واٽ چونڊڻي هئي.

گل فروشي يا ڪلارڪي!

ڪلارڪي يا گُل فروشي ؟

کيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهو ايذائيندڙ احساس ٿيو ته اهو ”يا“ وارو مختصر ترين لفظ انتهائي وڏو ۽ کهرو آهي.

ان رات هو دير تائين جاڳندو رهيو ۽ جيستائين جاڳندو رهيو ايستائين ڪنهن هڪ واٽ جي چونڊ نه ڪري سگهيو.

ائينءَ شام به گل فروش دروازي تي دستڪ نه ڏني ته لان ۾ ويهي خزان جي ڏڪاري آسمان ۾ اڏامندڙ بي پرواهه پکين ۽ لغڙن ڏي ڏسندڙ نيرين اکين واري ڇوڪريءَ پاڻ کي نديءَ ۾ ٻڏندي محسوس ڪيو. کيس لغڙن ۽ پکين ڏي ڏسندي ڏسندي شام ٿي وئي.

اها سندس زندگيءَ جي سڀ کان وڏيڪ اداس شام هئي. کيس لڳو ته ان هڪڙي شام ۾ گذري ويل هڪ هزار اداس شامن جو ڏک شامل آهي ۽ هوءَ پنهنجي اکين مان اڻ رُنل لڙڪن ۾ مٿي کان پيرن تائين آلي ٿي وئي. ۽ هوءَ گهڻي ڪوشش سان پاڻ کي ائين سوچڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ته دراصل محبت هڪ حسين دوکو آهي ۽ مرد هميشه بيوفائيءَ سان وفا ڪندو آهي. ۽ رات پوڻ کان اڳ هوءَ پاڻ کي اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته گُل فروش نائين ڏينهن شام جو ٺيڪ پنجين وڳي ضرور سندس دروازي تي دستڪ ڏيندو.

پَرَ اصل ۾ نيرين اکين واري ڇوڪري کي بلڪل اندازو نه هو ته سندس اميد اجائي هئي ۽ کيس تمام جلد پنهنجي خواب سميت دل جي اٿاهه نديءَ ۾ ٻُڏي وڃڻو هو.

# الف الفابيٽ جي اُٽيل ڪاف ڪھاڻي

صبح ڪان شامَ تائين يا صبح ڪان اڌ رات تائين. ها صبح ڪان اڌ رات تائين ڪنهن بہ شخص سان ڇا وهي واپري سگهي ٿو؟

هڪ سوال! سؤ سوال. هڪ جواب. سؤ جواب.

گهڻو ڪجهہ؟

ڪافي ڪجهہ؟

ٿورو ڪجهہ؟

ڪجهہ بہ نہ؟

ڪجهہ بہ نہ واري ڳالهہ غلط آهي.

صبح ڪان اڌ رات تائين هر ماڻهوءَ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿي گذرندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ گهڻو ڪجهہ ٿي گذرندو آهي. بلڪل ائين جيئن ان ڏينهن مسٽر ”ن“ سان گهڻو ڪجهہ ٿي گذريو ۽ ان گهڻي ڪجهہ ساڻس گهڻو ڪجهہ ڪيو.

ان گهڻي ڪجهہ جي شروعات صبح جو شايد نائين وڳي ڌاري هڪ مختصر ٽيڪسٽ مئسيج سان ٿي. ڪجهہ ئي لمحا اڳ هن پنهنجي دوست ”ڪاف“ کي هڪ ٽيسڪٽ جي جواب ۾ ٽيسڪٽ ڪيو هو.

”يار! تنهنجا بقايا پندرهن هزار تو ڏي اڄ نہ سڀاڻي يعني يارهين تاريخ تي ايزي پئسا ڪندس.“

۽ اهو ٽيڪسٽ جيڪو ان ڏينهن جو اهم ٽيڪسٽ بڻجي ويو اُهو سندس مٿئين ٽيڪسٽ جي موٽ هو:

”يار! تو مون کي پئسن واپس ڪرڻ جيترا انجام ڏنا آهن ايترا تہ ڪا طوائف بہ ڪانہ ڏيندي آهي.“

مسٽر ”نون“ کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نہ پيو اچي. ڪيس پنهنجي دوست مسٽر ”ڪاف“ مان اهڙي توقع بلڪل نہ هئي. مسٽر ”ڪاف“ سندس خاص دوست هو. تمام خاص. هن پنهنجا اعصاب شل ٿيندا محسوس ڪيا. سُن ٿي ويل اکين سان هن ٻيو دفعو ۽ پوءِ ٽيون، چوٿون دفعو ساڳيو ٽيڪسٽ پڙهيو.

۽ پوءِ هن هرو ڀرو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳائڻ چاهيو. الاءِ ڇو؟

شايد دل تي رکجي ويل ڳري پٿر کي ٿورو پري ڪرڻ لاءِ. ساهه کڻڻ لاءِ. پاڻ کي balance ڪرڻ لاءِ.

”ممبئي سي آيا ميرا دوست، دوست ڪو سلام ڪرو“

۽ وري ٻيو گيت:

”تون مجين مجين نہ مهربان مان تہ منت ٿو ڪري ڇڏيان.“

هو بس ائين ڪافي دير ڪو نہ ڪو اڌورو گيت ڳائيندو رهيو. توڙي جو هن کي خبر هئي تہ هو بنهہ بي سُرو هو. هن کي سُر ساز جي بہ ڪا خبر ڪانہ هئي. پوءِ بہ.....!

پر هو پاڻ کي balance نہ ڪري سگهيو. هن جو توازن جيئن ان صبح ٽٽي پيو تہ وري جُڙي نہ سگهيو.

هن وري گنگنايو:

My candle burns at both
Sides….. burns at both sides….

گهڙيءَ ڪانپوءِ هن گهڙي کن اڳ سندس پير ۾ اچي ويٺل دوست مسٽر ”غ“ کي مسٽر ”ڪاف“ جو ٽيڪسٽ پڙهايو.

مسٽر ”غ“ ڏي سندس ڪجهہ پئسا رهيل هئا. مسٽر ”غ“ ٽيڪسٽ پڙهي اداس اکين سان هڪ پل لاءِ پنهنجي دوست مسٽر ”ن“ جي اکين ۾ ڏٺو. اکيون جن ۾ ڏک هو. اداسي هئي. تڪليف هئي. ۽ ٻئي پل ڪيسي مان ٻتون ڪڍيو ۽ ٻتونءَ مان ڏهہ هزار ڪڍي سندس هٿ تي رکيا. ۽ هن ان پل ئي مسٽر ”ڪ“ ڏي ٽيڪسٽ لکيو:

”ادا مهرباني ڪري پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر موڪيو تہ اوهان ڏي پئسہ موڪليان“

”خير آهي ياءُ ـ سياڻي ئي موڪلجو.“

”ادا پئسہ مليا آهن هڪ دوست وٽان. سو......... موڪليان ٿو....

پليز..... شناختي ڪارڊ..... نمبر.... موڪليو.....“

My candle burns at both sides
It will not remain whole
The night…. My candle burns
At both sides…. Both sides….

هو آفيس مان ٻاهر نڪتو. منجهند جا ٻه. اجا پنج هزار گهٽ هئا. گهر آيو.... گهر ۾ مهمان هئا. شام تائين مهمانن سان ويٺو رهيو. سج لٿي مهل پنهنجي زال"م" کي چيائين "پنج هزار جي ضرورت آهي."

"گهر ۾ته خرچ جا اٺ ڏهه هزار هوندا."

"پنج هزار ڏي... الله مالڪ آهي."

هو وڏي ڪوشش سان اکين ۾ هر هر ڀرجي ايندڙ ڳوڙهن کي ڇلڪڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب پئي ٿيو پر ڪنهن به وقت ناڪام ٿي پئي سگهيو.

"ڪنهن کي ٿو ڏين؟"

"پنهنجي دوست مسٽر "ن" ڏي ٿو موڪليان."

زالهنس سندس چهرو پڙهي ورتو.... ۽ ڄاڻي ورتو ته هن سان ضرور ڪو حادثو ٿي گذريو آهي.

هڪ ڏينهن ۾ صبح کان اڌ رات تائين ڪنهن به ماڻهوءَ سان گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

ان ڏينهن جي شامَ جو هڪڙو حصو ڪيس مس "ط" سان به گذارڻو جو موقعو مليو.

ڪجهه وقت لاءِ هو پنهنجي دوست مسٽر "ڪ" جي ان ٽيسڪٽ کان بي نياز ٿي ويو جنهن ٽيڪسٽ سندس اکين ۾ لڙڪ ڀري ڇڏيا هئا.

"نيڻ تنهنجا نديءَ جهڙا هن. دل چوي ٿي ٻُڏي وڃان تِن ۾" هن "ط" جي نيڻن ۾ ڏسندي چيو.

هوءَ ڇوليءَ جيئان ڇُلڪي پئي.

مُرڪ سندس چپن جي ڪنارن کي چمي وئي.

"تون گڏ هوندو آهين ته وقت گذرڻ جي خبر ئي نه پوندي آهي."

"تون منهنجي ڪيترو نه ويجهو ٿي وئين آهين."

"تو ڪيو آهي مون کي پنهنجي ويجهو."

"الا! ڪا به ڇوڪري الاءِ ڇو محبت ۾ ويجهڙائيءَ جو الزام پنهنجي مٿان کڻڻ نه چاهيندي آهي".

ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا.

درگاهه جي وڻن ۾ ويٺل پکي خوشيءَ جي تارين تي جهومڻ لڳا.

شام ريڊي کير جي چانهه جيئان گهاٽي ٿي وئي ته هن کانئس موڪلائڻ چاهيو.

"هاڻي هلجي. دير ٿي وئي آهي". چاڪليٽ جهڙي ڇوڪريءَ چاڪليٽي لهجي ۾ مُرڪندي چيو.

"ايترو جلدي؟" هن ڳليءَ جي ڇيڙي ڏي ڏسندي ڄڻ ڳليءَ سان ڳالهايو.

”ها.... هوائون چغلخوري ڪنديون آهن.“ هن محبوباڻي مرڪ سان چيو ۽ هڪ دفعو وري ٻئي ڪلڻ لڳا. هن دفعي ٻئي اداس هئا.

موڪلائڻ مهل سوڙهي گهٽيءَ ۾ هلڪي اونداهيءَ جو فائدو وٺندي هن مس ”ط“ جا ”ع“ ۽ ”غ“ جهڙا ٻئي جاڙا ڳل چُمي ورتا. آسمان وڏيڪ ويجهو ۽ گهرو نيرو ٿي ويو.

ڪيس پڪ ٿي تہ چوريءَ جون چُميون وڏيڪ وڻندڙ ۽ مٺيون هونديون آهن. ايزي پئسا شاپ تي آيو.

دوست مسٽر ”ڪ“ جو شناختي نمبر ۽ سيل نمبر ٻڌائي پئسا موڪليائين ۽ ڪيس ڪوڊ نمبر ٽيڪسٽ ڪندي لکيائين.

”ادا! پنهنجا پئسا ڪٽي سگهو ٿا. ڪوڊ نمبر 00786“

۽ پوءِ ٿڪل پر مطمئن قدمن سان هلندو گهر آيو.

رات جا يارهن ٿي چڪا هُئا. هُنَ پاڻ کي تمام گهڻو ٿڪل, ڪمزور بلڪ بيمار محسوس ڪيو.

هو پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

ڪجهہ خوشيون هر ڏک تي ڀاري پئجي وينديون آهن پر ڪجهہ ڪجهہ ڏک اهڙا هوندا آهن جيڪي سمورين خوشين کي کائي ويندا آهن. جيئن وڏا ساموندي طوفان سيني غورا بن کي ڳهي ويندا آهن.

مسٽر ”ڪ“ جو ٽيڪسٽ جهڙو سونامي.

۽ ”ط“ جي ڳلن تي ڏنل چميون جهڙيون ساحل تي بيٺل بہ ننڍڙيون ٻيڙيون.

جنهنجو تختو تختي سان ۽ سر سر سان نہ ملندي آهي.

”ممبئي سي آيا ميرا دوست.... تون مجين مجين نہ مهربان....

“My candle burns at both….”

سيل فون تي وڄندڙ ٽيڪسٽ جي بيپ تي هن جي ڏيان جي ديوار ڍهي پئي.

”ادا ! پئسن جو مئسيج ڪونہ آيو آهي.“ دوست لکيو هو.

ٻاهر وڃڻ لاءِ اٿيو.

”وري ڪيڏانهن“؟ زالهنس ڳٽيءَ مان پڇيو.

”هن تائين پئسا ڪونہ پهتا آهن. وڃان ٿو چونہ پهتا آهن. دُڪان تان confirm ڪري اچان.“

”چو صبح ڪونہ ٿيندو؟“

”نہ صبح ڪونہ ٿيندو. هن تائين هن مهل پئسا نہ پهتا تہ منهنجو صبح ڪونہ ٿيندو. شايد هو گهڻي تڪليف ۾ آهي، نہ تہ هو اهڙو ٽيڪسٽ نہ ڪري ها.... هُو اهڙو ماڻهو نہ آهي. هو منهنجي لاءِ اهڙو جُملو نہ لکي ها.... ڪڏهن بہ نہ....“

هو پنهنجي مُنهن پڙڪندو ٽڪل وجود سان ٻاهر نڪري ويو. گهر کان دڪان تائين جو فاصلو ڪيئن طئي ٿيو... رستي ۾ ڪير مليس.... ڪنهن سان ڳالهايائين. ڇا ڇا چيائين. ڇا ڏٺائين.... ان جو ڪو پتو نہ پيس... دڪان واري سان ڳالهايائين.... نيٽ ورڪ جو ڪو مسئلو هو. مسئلو حل ٿيو.. ”ڪ“ تائين پئسن پهچڻ جو مئسيج پهتو.. تڏهن مطمئن ٿيو ۽ ساڳئي ٽڪل وجود سان واپس موٽيو.. ساڳيو رستو.. ساڳيا دڪان... آواز، ماڻهو.. ڳليون... اداسي... خوشي....اطمينان... ڏک.... مُرڪ.... لڙڪ.... رات جا سادا ٻارهن.... هڪ.... ڏيڍ... پوڻ ٻہ ٿيو.... ڪجهہ بہ نہ تہ... ڇا ٿيندو.. ائين ٿيندو آهي.... ٿيندو رهندو آهي... ممبئي سي آيا ميرا دوست.... تون مچين مچين نہ مهربان... هر ماڻهوءَ وٽ ڪونہ ڪو زخم هوندو آهي.... ننڍو زخم... وڏو زخم.... تون ڏاڍي ڏاڍي سهڻي آهين.... تون منهنجي ڪيڏو نہ ويجهو ٿي وئي آهين... هان.... هوائون چغلخوري ڪنديون آهن... ايترا انجام تہ ڪائي طوائف.... ڪيڏي ٿو وڃين... نہ صبح ڪونہ ٿيندو.... ايڏو ڏک ٿيو اٿئي دوست جي مئسيج جو.. هان؟ چريا ماڻهو... زالهنس وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيو پئي... ۽ هن جي اکين مان تہ ٿهہ ڪوسا ڳوڙها وهي رهيا هئا....

مسلسل.... مسلسل.... دير تائين.... دير تائين....!!

# ڊسمبر جو پهريون ڏُک

ڊسمبر جو پهريون ڏک، پهريون ڏک ناهي ــ پر ڊسمبر جو هي ڏک آخري ڏک بہ ناهي. شايد ڪو بہ ڏک آخري ڏک نہ هوندو آهي. ڪوٽ جي اندرئين ڪيسي ۾ پيل بہ مئل پوپٽ اڄوڪي صبح جو وڏو حادثو آهن! شايد ڪو بہ حادثو آخري حادثو نہ هوندو آهي.

سڄي تاريخ حادثن سان ڀري پئي آهي.

تاريخ جي ورقن ۾ حادثا جاڳي رهيا آهن.

تاريخ جي ورقن کان ٻاهر رهجي ويل حادثا مري رهيا آهن.

تحرير نہ ٿي سگهيل حادثا بذات خود هڪ حادثو آهن.

ڊسمبر جي گهميل هوا.

آس پاس ڇانيل نيرو ڪوهيڙو.

آفيس جو غير ضروري حد تائين آوازن سان ڀريل ماحول.

ٽيبل تي رکيل چانهہ مان نڪرندڙ ٻاڦ.

سامهون پارڪ ۾ جهومندڙ چمپا، گلاب، رابيل ۽ نازبوءَ جا ٻُوٽا. پريان پٽ جي مٿان ڦهليل بوگن ويليا جا آسماني گُل ۽ انهن جي پريان ٽيرس جي مٿان، بجليءَ جي تار ڏي توجهہ ڏيڻ بنا ديوار تي ڪاڏي رکي بيدمشڪ جي وڻن ڏي ڏسندڙ سائيءَ ول جا ناسي گل. خالي خالي آسمان!

يونين جي فضول سرگرمين تي ان کان بہ وڌيڪ فضول بحث ڪندڙ اڌڙوٽ ڄمار نمائندو آسمان جي خاليپڻي، موسم جي اُداسي ۽ اڄوڪي تاريخ جي حادثي کان بي خبر آهي. سڄي دنيا حقيقي حادثن کان بي خبر آهي. فضول بحث ۽ بڪواز ڪوٽ جي ڪيسي ۾ پيل ٻن جاڙن پوپٽن جي موت ۽ منهنجي زندگيءَ جي وچ ۾ وڇوٽي پيدا ڪري رهيو آهي.

آفيس جي هال مان اُٿي ڇت تي هليو ٿو اچان.

گهٽ ۾ گهٽ اڄ ڪا بہ بڪواز برداشت نہ ٿو ڪري سگهان.

ڇت تي خاموشيءَ جي حُڪمراني آهي.

ڪيسي مان جاڙا پوپٽ ڪڍي هٿ تي رکان ٿو.

هٿ جي تري رنگن سان جَرڪڻ تي لڳي. ڪنهن بي نام خوشبوءِ سان مهڪڻ تي لڳي.

۽ ياد ٿو اچڻ لڳي اُهو لمحو جنهن لمحي تو پنهنجو ريشمي هٿ منهنجي هٿ تي رکيو هو تہ لڳو هئم ڄڻ ڪهڪشان لهي آئي آهي منهنجي هٿ تي!

ڪير ٿو چئي تہ پوپٽ مري ويندا آهن؟

پوپٽ ڪڏهن بہ نہ مرندا آهن! پوپٽ حسين يادگيرين جيئان ائين هميشہ زندهہ هوندا آهن جيئن محبوبہ جي هٿن تي ڏنل پهرين چُمي!

هڪ دفعي تو چيو هو "توساڻ منهنجي هيءَ محبت پوپٽن جي حسين، نرمل ۽ رنگين وجود جهڙي آهي. جنهن جي ڄمڻ ۽ مرڻ جي خبر نہ پوندي آهي. شايد اُها هميشہ کان هوندي آهي ۽ هميشہ لاءِ هوندي آهي."

شايد توکي خبر نہ هجي تہ هن مهل مان ڪٿي آهيان، ڪيئن آهيان ڇا پيو ڪيان! تون جيڪا خزان ۾ مون سان ملي هئينءَ ۽ بهار ۾ وڇڙڻ جو ارادو پوڳي رهي آهين.

مان بہ پوڳي رهيو آهيان.

منهنجو شاعر دوست بہ پوڳي رهيو آهي.

اسين سمورا پوڳي رهيا آهيون. سڄي دنيا ڪجهہ نہ ڪجهہ پوڳي رهي آهي. هوءَ جنهنجون اکيون اداسيءَ جو استعارو آهن، اڪثر چوندي هئي "مان هميشہ تنهنجي اُها محبوبہ بڻجي رهنديس جنهنجي اکين تي ڪڏهن بہ خزائن جو پاڇولو نہ پوندو آهي."

هن سچ ئي تہ چيو هو!

هن جي اکين تي خزائن جو پاڇولو ڪونہ پيو. مان خزائن جو پاڇولو بڻجڻ لڳو آهيان.

مون اڄ صبح واري روڊ تي ڏٺل مئل پوپٽن واري حادثي مان گذرڻ کان هڪ پل اڳ تائين ائين ڪونہ پئي محسوس ڪيو جيئن حادثي مان گذرڻ کانپوءِ محسوس ڪرڻ لڳو آهيان.

اڄ صبح ساڻ روڊ تي واڪ ڪندي بہ مئل پوپٽ نظر اچڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هوءَ واقعي بہ مون کان ڌار ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪري چُڪي آهي!

شايد موت، محبت، جدائي ۽ حادثا هڪ ئي قبيلي جا فردَ آهن. ان ڪري هر وقت هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهندا آهن.

پوپٽن جو موت محبت جي موڪلاڻيءَ جو پڪو اشارو آهي.

۽ مان سوچان ٿو تہ آخر پوپٽ ڪيئن مُئا؟

ٻئي پوپٽ گڏ ڇو مُئا؟ ڪنهن ماريا؟

ڇا انهن گڏجي خودڪشي ڪئي آهي؟ ڇا پوپٽ خودڪشي ڪندا آهن؟ يا انهن کي قتل ڪيو ويندو آهي! ٻنهي کي ڪهڙي ڏوهہ جي پاداش ۾ قتل ڪيو ويو آهي؟ ڪير آهي قاتل؟ هوا؟ موسم؟ ڪهڙي تيز رفتار گاڏيءَ جو شيشو؟ آخر ان ڪيس جي ڪير ۽ ڪيئن پوئواري ڪندو؟ ان موت جي ڪير تحقيق ڪندو؟ ڇا ان موت جي تحقيق نہ ٿيڻ گهرجي؟؟ شايد پوپٽن جي قتل جي ڪڏهن بہ تحقيق نہ ٿي آهي ۽ نہ ئي ٿيندي. پوپٽ قتل ٿيندا رهندا ۽ دنيا هلندي رهندي. ۽ نيٺ سڄي دنيا پوپٽن کان خالي ٿي ويندي.

مان هونءَ بہ گهڻن ڏينهن کان اُداس هُئس.

گهڻن ڏينهن کان؟ ڪڏهن کان؟ اهو سوال ڏاڍو ڏکيو آهي.

ڏينهن، تاريخون، وقت، مهينو ۽ سال ياد نہ رهندا آهن.

ياد رهن بہ ڇو؟ ۽ ڪيئن؟ ڪا بہ شيءِ ياد رکڻ سان ٿورو ئي ياد رهندي آهي. ياد رهڻ جهڙيون شيون تہ پاڻ ياد رهجي وينديون آهن. اهي پاڻ کي پاڻ ياد رڪائينديون آهن. وسرنديون ئي ناهن!

جيئن مون کي اهو ياد رهجي ويو آهي تہ هڪ شام هُن چيو هو ”پرين! منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ لاءِ تنهنجي مهرباني!“ ۽ موٽ ۾ مون دل جي بي ترتيب ڌڙڪن سان چيو هو: تون ئي تہ منهنجي زندگي آهين. تو سوا زندگي ڀلا زندگي ڪٿي آهي،“ ۽ مون کي پنهنجي شاعر دوست جو هي جملو بہ ياد رهجي ويو آهي تہ ”يار منهنجي شاعريءَ تي ڪجهہ لِکُ! ظالم ڪيڏيون منٿون ڪرايون اٿئي“.

۽ مون لکيو هو ”يار! سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ مان پنهنجي پاڻ کان وڃائجي ويو آهيان.وساري وينو آهيان پاڻ کي بہ ۽ اهو بہ تہ ڪو مان ليکڪ بہ آهيان. مان تہ پنهنجي اندر ۾ صفا خالي ٿي ويو آهيان. دعا ڪر پنهنجي پاڻ ڏي موٽان.... پوءِ ضرور لکندس تنهنجي شاعريءَ تي بہ ۽ توتي بہ“.

سچ تہ هن سان ملي پاڻ کي وساري وينو هئس ۽ هُنَ کان وڇڙڻ جي ڪناري تي پهچي بہ پاڻ کي وساري وينو آهيان. هوءَ جيڪا ڪنهن سانوري شامَ جيئان منهنجي دل جي آڱنڌ ۾ لٿي ۽ ٻئي پل هڪ اونداهي رات ۾ الوپ ٿي وئي. پنهنجي اڪيلائي ۽ اُداسيءَ کي اظهارڻ لاءِ لفظن کان بہ محروم ٿي ويو آهيان!

سوچيان ٿو گهڻو وقت ٿيو آهي جو ڪجهہ بہ لکي نہ سگهيو آهيان؟ شآيد ورهيہ گذري ويا آهن جو مون آخري ڪهاڻي لکي هئي. ڪهڙي ڪهاڻي هُئي؟ ڇا هئو ان ڪهاڻيءَ ۾؟ اها مقتول محبت جي ڪهاڻي هئي؟ الاءِ ڪا ٻي ڪهاڻي! اهو سڀ مون کي سارڻ جي گهرج محسوس نہ ٿي ٿئي.... پر مون کي اهو ياد رکڻو آهي تہ اُها جڏهن هڪ ڪمرشل رسالي ۾ ڇپي هئي تہ هڪ پياري دوست مون ڏي ڪهڙو ميسج موڪليو هو؟

جاڙن پوپٽن جي حادثي مون کي ڇا ڇا نہ ياد ڏياري ڇڏيو آهي؟

لکيو هئائين ”پيارا سون جھڙيون تخليقي ڪھاڻيون چانديءَ جھڙن ڪمرشل رسالن ڏي موڪلڻ ڇا تخليقي رسالن سان نا انصافي ناهي؟ ان سوال تي ضرور سوچجان.“

موٽ ۾ ان پشم جھڙي پياري شاعر سان ڪا بہ وضاحت نہ ڪري سگھيو هئس. نہ ئي ڪرڻ جي ضرورت سمجھي هئم. رڳو ساڻس اهو واعدو ڪيو هئم تہ هاڻي جڏهن بہ ڪا ڪھاڻي لکندس اُها تو ڏانھن اُماڻيندس.... پر ڪيئي مهينا گذري ويا، ڪا بہ ڪھاڻي لکي نہ سگھيس. جي لکيم تہ رُڳو اُهي اڌورا جُملا ۽ نظم، جن جو تعلق ان محبوبہ سان هو، جنھن جا ذلف ڪنھن گھاٽي جھنگل جيان مون کي پاڻ ۾ گم ڪري ويھي رهيا. سڀ رستا معدوم ٿي ويا. مون سڀ لفظ، جُملا، اکر، ڪاغذ، ڪھاڻيون، اکيون ۽ آڱريون هُنَ جي حوالي ڪري ڇڏيون ۽ پاڻ کان ڏار ٿي ويس. ڪھاڻيءَ کان پري ٿي ويس. ڪھاڻي مون کان پري ٿي وئي. اڃا تائين پري آهي. شايد هاڻي ڪڏهن بہ ويجهو نہ ايندي. ڪھاڻي ۽ مان هڪٻئي لاءِ اوپرا ٿي ويا آهيون. اهو منھنجي لاءِ ڊسمبر جو پھريون ڏک آهي. پر آخري ڏک ناهي.

مان مئل پوپٽن جي تڏي تي ويٺل اڪيلو سوڳوار آهيان.

پوپٽن جي موت جو سوڳوار!!

محبوبہ جي جُدائيءَ جو سوڳوار!

ڪھاڻيءَ جي وڇوڙي جو سوڳوار!

سوڳواريءَ جو سوڳوار!

بہ پوپٽ منھنجي اندر ۾ مري ويا آهن.

پنھنجي پاڻ کان ناراض آهيان. پنھنجي پاڻ تي ناراض آهيان. ۽ جڏهن ڪوئي پنھنجي پاڻ سان ناراض هجي تہ ان کي ڪير بہ پرچائي نہ سگھندو آهي!! اهو ڪنھن سان بہ نہ پرچندو آهي. ڪنھن سان بہ نہ! بس اهو سدائين رٺل رهندو آهي.

اهو بہ چڱو ٿيو جو صبح سان ان روڊ تان گذريس جنھن تي جاڙا پوپٽ مئا پيا هئا ۽ مون ڪٺي ورتا، نہ تہ انھن جي بي حُرمتي ٿئي ها. اهي ڪنھن خاڪروب جي ٻھاري سان ٻھارجي گندَ جي ڍير تي پھچي وڃن ها! ڪنھن گاڏيءَ جي ٽائرن هيٺان اچي ٽُٽي پون ها. هاڻي گھٽ ۾ گھٽ اهي پنھنجي پرن ۽ رنگن سميت ڪنھن اهڙي ڪِتابَ جي ورق ۾ فريز ٿي ويندا جنھن ورق تي ڪنھن اهڙي ڪھاڻيءَ جو ڪلائمڪس هوندو جنھن ۾ هڪ نائڪ پنھنجي دوست سان ڊسمبر جو ڏک ونڊيندي پنھنجي ڪلھن تي پيپل شاخَ ۾ تحليل ٿي ويل هوندي.

ڊسمبر جي اکين مان لڙڪ وهي پيا هوندا.

## خوابن جا رستا :منور سراج

مون هن ڊسمبر جي شروعات ۾ ئي تہ هن ڏانهن لکيو هو:

”ڊسمبر جي اُس ۾،

پنهنجار وار سُڪائيندي،

تون مون کي ساريندينءَ تہ

تنهنجون اکيون آليون ٿي ويندڀون.“

پر ڇا منهنجي ان دعويٰ ۾ ڪوئي دم آهي؟

ها، منهنجي ان دعويٰ ۾ دم آهي. هوءَ ڊسمبر جي اُس ۾ وار سڪائيندي مون کي ساريندي تہ سندس اکيون آليون ٿي وينديون. عاشق، آرٽسٽ ۽ پيغمبر ڪوڙي دعويٰ نہ ڪندا آهن.

انهن کي پنهنجي دل تي خدا جهڙو اعتبار هوندو آهي. انهن جي دل ڌوڪو نہ ڏيندي آهي. پر اکيون تہ منهنجون آليون ٿي ويون آهن ڊسمبر جي هن گهميل پل ۾!! ۽ هوءَ منهنجي اکين جي آلاڻ کان بي نياز پنهنجي گهر جي آڳند ۾ ويٺي شايد پنهنجي وڏن وارن ۾ ڦڻي ڦيريندي ۽ وار ڇنڊبيندي اهي سڀ يادگيريون پاڻيءَ جي ڦڙن جيئان ڇنڊي رهي هجي جن سان هن جو ۽ منهنجو مشترڪ تعلق آهي.

چون ٿا جن عورتن جا وار وڏا ۽ گهاٽا هوندا آهن اُهي ڏاڍا ڏک ڏسنديون آهن. شايد ائين هجي! ڪاش ائين نہ هجي!

ڇا پوپٽ ڏک ڏسندا آهن؟ ڇا پوپٽ ڏک نہ ڏسندا آهن؟

ڀلا ڇا پوپٽن کي ڏک ڏسندا آهن؟ ڇا پوپٽن کي ڏک نہ ڏسندا آهن؟

گهڻي دير کان مسلسل پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو آهيان ۽ محسوس ٿو ڪيان تہ پاڳلپڻي جي آخري ڪناري تي پهچي چڪو آهيان. ڪنارو مون تائين پهچي چُڪو آهي.

ان ڏينهن هن ئي ڇت تي اُنَ پَل اڪيلو اچي ٻارن وانگر ڪو وقتُ رُنو هئس جنهن پل اهو اطلاع مليو هئم تہ هاڻي هوءَ مون سان ڳالهائي نہ سگهندي. هوءَ جنهن سان ڳالهائڻ کي مان پنهنجي ساهہ جي ضمانت، جيئڻ جو جواز ٿو سمجهان.

الاءِ ڇا ٿيو هئم اوچتو!

ڄڻ ڪنهن غريب گهراڻي جي يتيم ٻار کان ڪوئي پيارو ۽ نيارو رانديڪو کسجي ويو هجي! ۽ کسيو بہ اهڙن هٿن هجي جن تائين ٻار جي ڪا پهچ نہ هجي! سڏڪا ۽ ڳوڙها رُکيو نہ ٿي رُڪيا!

پوءِ ڪيترائي ڏينهن، ڪيتريون ئي شامون، ڪيترائي پَلَ ۽ الاءِ ڪٿي ڪٿي مسلسل اکيون ٽمنديون رهيون هيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ اوچتو ئي اوچتو زندگيءَ کان محروم ڪيو ويو هجان. خوابن کان محروم ڪيو ويو هجان. خوشيءَ کان محروم ڪيو ويو هجان.

اڪيون هر پل پريل پريل، دل خالي خالي. اندر مضطرب. جهڙو بي چين سمنڊ.... جهڙوخودڪشيءَ جو خواب.... جهڙو ڦاهي گهاٽ!

پوءِ ڇا ٿيو!

پوءِ ائين ٿيو جو مان خدا نہ هوندي بہ خدا جيان توکي مُشڪلات مان ڪڍڻ لاءِ ۽ تولاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ماحول کي هڪ پيرو وري سازگار ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳس.

(مشڪل ۾ تون هئينءَ يا مان هئس؟ ڪيئن ڇئجي؟)

مون ڇا ڇا نہ ڪيو؟

ڪنهن ڪنهن کي نہ پرچايم سرچايم؟ منٿون ڪيم؟

مهرباني ڪري ڪيس ڪجهہ نہ ڇئجو. ڪيس ڪنهن ڪوسي جملي جي لهس بہ آئي تہ سندس رنگ ۽ پر سڙي ويندا. هوءَ تہ هڪڙو پوپٽ آهي. خوشبو آهي!

اڪين ۾ هي لڙڪ ڏسو!. مون سان ليڪا نہ ڪيو. منهنجو چهرو ڏسو!. ڪيئن ڳري ويو آهيان. هن سان منهنجو تعلق عِبادت جهڙو آهي. اوهان اعتبار ڪيو. ڪا بہ بُرائي ناهي! سجدي جهڙو سنگ آهي هن سان منهنجو. منهنجي لاءِ محبت ۽ هَوس بہ ڌار ڌيڙا آهن.

توهان اعتبار ڪيو منهنجي لڙڪن تي.

۽ هنن سيني کي آخر چاهيندي نہ چاهيندي منهنجي لڙڪن تي اعتبار اچي ويو. اُهي سڀ جيڪي تنهنجي منهنجي  تعلق تي ڏڪارا، ناراض ۽ اداس هئا، سڀ خاموش ٿي ويا. انهن جو ڏک جهڪو ڪاوڙ هلڪي ۽ اداسي ختم ٿي وئي.

انهن ڄاڻي ورتو تہ منهنجي اکين جي اداسيءَ سان پريل آلاڻ ڪوڙي ناهي.

منهنجي لڙڪن جو ذائقو سمنڊ جئان کارو آهي. مان خودڪشيءَ جي موسم تي ويو آهيان. پر عجب اهو تہ تون پنهنجو اعتبار وڃائي وينينءَ! جڻ منهنجو اعتبار وڃائي وينينءِ!

الاءِ ڇو؟

الاءِ ڪيئنءَ؟

شايد تون ڊڄي وئينءَ؟

۽ تو انهن جي اڳيان پنهنجي غلط هجڻ جو اعتراف ڪيو جيڪي منهنجي لڙڪن جي اعتبار ۾ هئا. جن کي يقين ٿي ويو هو تہ پنهنجو تعلق عِبادت جهڙو آهي، تو انهن کان معافي وٺندي چيو تہ توکان وري ڪڏهن بہ اهڙي غلطي نہ ٿيندي!

تون جنهن ڪجھ شامون اڳ ئي مون کي ٻڌايو هو تہ ”هو مون کي چون ٿا تہ تون نمازون پڙهہ، قرآن جو دور ڪر، عِبادت ڪر... مان پلا انهن کي ڪيئن سمجهايان تہ محبت ڪان وڏي ڪا بہ عِبادت ڪانهي... ۽ اُها عِبادت مان ڪيان ٿي... ۽ مسلسل ڪيان ٿي... رڳو جاڳ ۾ ئي نہ ننڊَ ۾ بہ ڪيان ٿي.... اٺ ئي پهر ڪيان ٿي.... هر پل هر گهڙي ڪيان ٿي.“

پوءِ ٻُڌاءِ! تنهنجي اُها عبادت ڏوهہ ڪيئن بڻجي وئي؟

هان، ٻڌاءِ! پوءِ تنهنجو سجدو گناهہ ڪيئن ۽ ڇو ٿي ويو؟

ٻڌاءِ! پوءِ تنهنجي عبادت غلطي ڪيئن بڻجي وئي؟

ٻڌاءِ توکي قسم آهي هٿ جي ترِيءَ تي موجود مُئل پوپٽن جو!

ممڪن آهي تو اهو معافي نامو پاڻ کي بچائڻ لاءِ داخل ڪيو هجي! مون کي بچائڻ لاءِ داخل ڪيو هجي! اسان سان لاڳاپيل رشتن ناتن کي بچائڻ لاءِ داخل ڪيو هجي. اجا بہ ممڪن آهي تہ تو اهو سڀ ڪجھ تنهنجي منهنجي تعلق کي سلامت رکڻ لاءِ ڪيو هجي.... ڪجھ بہ هجي، ڪجھ بہ هجي پر توکي ائين نہ ڪرڻ گهربو هو.

تو مون کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. تو محبت کي ڏوهہ سمجهي ۽ ڏوهي هجڻ جو اعتراف ڪري مون کي هڪ لمحي ۾ ڏوهارين جي قطار ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي قطار جنهن جو پهريون ماڻهو بہ مان آهيان تہ آخري ماڻهو بہ مان آهيان. جنهن جو ائون ماڻهو بہ مان آهيان تہ ستون ماڻهو بہ مان آهيان.

جنهن قطار ۾ رڳو مان ئي مان آهيان. مون ڪان سواءِ ڪو بہ نہ آهي ان قطار ۾! ڊسمبر ۾ پيش آيل محبت کي غلطي سمجهڻ وارو واقعو منهنجي لاءِ ڊسمبر جو پهريون ڏک ئي نہ آهي، وقت جو هڪ وڏو حادثو بہ آهي. اهڙو ۽ ايترو وڏو حادثو جهڙو ۽ جيترو وڏو حادثو روڊ تي مئل جاڙن پوپٽن جي موت جو حادثو آهي. ان حادثي مون کي توکان ڏاڍو پري ڪري ڇڏيو آهي!!

ها توکان ڏاڍو پري ٿي ويو آهيان. تون مون ڪان پري ٿي وئي آهين. اسين ٻئي هڪٻئي ڪان ڏاڍو پري ٿي ويا آهيون.

شايد مان پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو آهيان. الاءِ هن سان؟ الاءِ ڪنهن سان؟ پر ٻُڌ! مان توسان هاڻي ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندس. ڪڏهن بہ نہ.... ڪڏهن بہ نہ! پر ڇو؟

بس منهنجي دل نہ ٿي چئي. هاڻي مان ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندس توسان... ڪڏهن بہ نہ! اکين مان ڳوڙها ڇو ٿا وهن تنهنجي پوءِ؟ هان.... ٻڌاءِ!

الاءِ ڇو.... خبر نہ آهي ڇو... پر تنهنجو ڪهڙو واسطو منهنجي ڳوڙهن سان؟ ناهي تنهنجو ڪو بہ تعلق منهنجي ڳوڙهن سان، نہ ڪو مون سان.... ڏس ڊسمبر جي شامَ ڪيڏي گهري ۽ ٿڌي ٿي وئي آهي.

آفيس جي ڇت ڪان گهر جي آڳند تائين ايندي ايندي صفا ٿڪجي چُور چُور ٿي پيو آهيان.... بخار ٿي ويو اٿم شايد.... اڪيون سڙن پيون. لِڳَ تپي ويا اٿم.... الاءِ ڇا ٿيو آهي.... منهنجي هٿن ۾ ڪجھ ڪونهي... نہ ڪاغذ... نہ قلم... نہ ڪِتاب.... ڪجھ بہ نہ... پوپٽ مري ويا آهن... ٽڏ ڏاڍي آهي... پليز پوپٽن کي ٽڏ کان بچايو.... گرميءَ کان بچايو... طوفان کان بچايو.... تيز رفتار ٽرئفڪ کان بچايو... ڇا ٿيو اٿئي... ڇو ٿو ڳالهائين پنهنجي منهن؟ اهڙو ڇا ٿيو آهي؟ ڪجھ بہ ڪونہ ٿيو آهي.... ڪجھ بہ ڪونہ ٿيو آهي مون کي. ڇا ٿيندو مون کي؟ ڇو ٿيندو ڪجھ بہ مون کي ڀلا؟ ڪجھ بہ ڪونہ ٿيو آهي.... روڊ تي بہ پوپٽ مري ويا آهن!

# خوابن جي بائونڊري وال

جنوريءَ جي هيڪل وياڪل شام

۽

جنوريءَ جي شام جهڙو هن جو منُ.

ماڻهن سان ڀريل شهر، بازارون.... دڪان.... خريدار.... ٽرئفڪ.... گوڙ.... زندگيءَ جي گهما گهمي ۽ هو گهڻي دير کان ڀٽڪندڙ انهن ڳلين ۾. بي سبب.... بي مطلب.... بس ايئن.... شايد ڪنهن ڳولا ۾..... شايد پنهنجي ڳولا ۾.... شايد ڪنهن به ڳولا ۾ نه.... بس ائين ئي.

فون جي اسڪرين ڏي ڏٺائين. نئون نمبر هو.

فون اوڪي ڪري.... ”هيلو“ چيائين ته پريان هُنَ پڇيس:

” ڪير ٿا ڳالهايو؟“

” فون توهان ڪئي آهي.... ٻڌايو ڪنهن سان ڳالهائڻو اٿوَ!“

”توهان سان ڳالهائڻو هو، ڳالهائي سگهان ٿي؟“

”ڳالهايو ته پيا باقي ڪيئن ڳالهائبو آهي.“ هن ڪلندي چيو.

موٽ ۾ هن جو هڪڙو مختصر ٽهڪ ڪنهن ٽانڊاڻي وانگر اونداهيءَ ۾ ٻريو ۽ ٻئي پل وسامي ويو. لڳس اهو ٽهڪ سندس جاتل سڃاتل آهي پر پڪ نه هئس ته ڪنهن جو هو اهو ٽهڪ!

”منهنجو مطلب آئينده.... سياڻي.... ان کانپوءِ، ڪڏهن به ۽ ڪنهن به وقت ڳالهائي سگهان ٿي اوهان سان.“

”ها، بلڪل پر ڇا ٿا ڳالهائڻ چاهيو؟“ ـ هڪ حيرت ۾ ڀريل مختصر سوال.

”مان توهان کي ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته منهنجي شامن ۽ صُبحن ۾ ڪوئي فرق نه رهيو آهي ـ منهنجون راتيون ۽ منهنجا ڏينهن هڪ جهڙا ٿي ويا آهن....“ هڪ غير مختصر جواب.

”مطلب توهان کي ڳالهيون وڻن ٿيون.“

”رڳو مون کي ئي ڳالهيون نٿيون وڻن پر مان به ڳالهين کي وڻان ٿي.“ هو پاڻ کي ٽهڪ ڏئي کلڻ روڪي نه سگهيو.

”اصل ۾ چا آهي تہ مون کي ڳالهيون سٺيون لڳنديون آهن... ايئن جيئن ننڍڙن ٻارن کي ٽافيون، رانديڪا ۽ آئيس ڪريم سٺي لڳندي آهي.“ هُنَ جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

”نيڪ آهي توهان پلي ڳالهائجو.“ هن مختصر لفظن ۾ وراڻيو.

ٻار جيئان خوش ٿيندي چيائين ”ٿينڪس....“ ۽ ٿينڪس کان پوءِ بہ ڪجھ لفظ ڳالهايائين پر اهي لفظ ٽريفڪ جي شور جي حوالي ٿي ويا.

هُو ڪجھ دير شور جي حوالي ٿيل لفظن جو پيڇو ڪندو رهيو پر لفظ هٿ نہ آيس.

گم ٿيل لفظن جي پڇتاءُ مان نڪرڻ لاءِ سوچيائين:

”ڪير ٿي سگھي ٿي؟“ هڪڙو سوال.

”چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري“ هڪ اندازو.... هڪ امڪان.... هڪ سوال، هڪ جواب.... جيڪو غلط بہ ٿي سگھي ٿو ۽ جيڪو صحيح بہ ٿي سگھي ٿو ۽ جيڪو صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ بہ ٿي سگھي ٿو. ائين جيئن ”ج“ جي وچ ۾ نقطو.

چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري هڪڙو خواب آهي. هڪڙو خيال آهي.

چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري رڳو خواب نہ آهي.

چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري هڪ حقيقت آهي.... هڪڙو سچ آهي. شايد هوءَ هر مرد جو خواب آهي! هڪ پراڻو وڻندڙ ۽ پيارو خواب.

ٽي ڳليون ڇڏي چوٿين ڳليءَ ۾ سندس گھر هوندو آهي.

گھر جي ڀتين تي آف وائيٽ تي هلڪو نيرو رنگ ٿيل هوندو آهي.

گھر جي آڳنڌ ۾ هڪڙو بيد مشڪ جو وڻ بہ هوندو آهي، جيڪو هر موسم ۾ گھاٽو طويل ۽ خوشبودار هوندو آهي. جنهن جي پنن تي ڪڏهن بہ خزان نہ لهندي آهي.

هُو چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري جا خواب ڏسندو آهي. ان سان ڳالهيون ڪندو آهي. ان سان گڏ رهندو آهي. ان بابت سوچيندو آهي ۽ خوش رهندو آهي. ان کان سواءِ ناخوش هوندو آهي. ڏکارو، اُداس ۽ پنهنجي پاڻ کان ناراض هوندو آهي.

هونءَ کيس چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪريءَ جو نالو بہ معلوم نہ هوندو آهي! ۽ نہ ئي اها خبر هوندي اٿس تہ کيس سهيليون ڪهڙي نالي سان سڏينديون آهن.

پر

کيس خبر هوندي آهي تہ هوءَ ڪهڙا خواب ڏسندي آهي؟ ڪهڙي رُت ۾ خوش ۽ ڪهڙيءَ موسم ۾ ملول رهندي آهي. ڪيئن کلندي آهي. ڪيئن ڳالهائيندي آهي. کيس اهو بہ معلوم هوندو آهي تہ هوءَ

اڪثر ڏک جي ڳالهہ تي مُرڪي پوندي آهي ۽ مرڪڻ جهڙي ڳالهہ تي اُداس ٿي ويندي آهي ۽ هوءَ اُداس ٿيندي آهي تہ موسم وقت کان اڳ تبديل ٿي ويندي آهي.

هوءَ ڪپڙن ۾ لڳل پرفيوم وانگر هر وقت ساڻس گڏ رهندي آهي.

هُو بہ آفيس جي دروازي کان گهر جي چائنٽ تائين،

۽

گهر جي چائنٽ کان ڪاليج جي ڪاريڊور تائين ساڻس گڏ رهندو آهي.

هوءَ هن لاءِ اجنبي نہ هئي.

هن ڪيس ڪوڙ ڀيرا چوٿين ڳليءَ ۾ ڏٺو هو. هوءَ ڪنهن مهل صبح جو بيد مشڪ واري گهر مان نڪرندي تہ ڪنهن مهل گهر ڏي واپس موٽندي نظر آئي هئس.

ڪيس خبر هئي تہ هوءَ چوٿين ڳليءَ ۾ رهندڙ سيني ڇوڪرين کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪري آهي. سندس اکيون سياري جي شامَ جيئان غمگين ۽ وار پورن ڪڪرن جهڙا آهن ۽ هوءَ گهٽيءَ مان گذرندي آهي تہ لڳندو آهي سڄو شهر سندس پيرن ۾ آهي.

”مون کي پڪ هئي تہ هن سياري جي ڪنهن شام تون ضرور فون ڪندينءَ“ ان شامَ هُنَ مُرڪندي چيو هئس. هوءَ سندس مُرڪ کان بي خبر هئي. هوءَ رڳو سندس آواز سان آشنا هئي. هنن جي وچ ۾ هئو بہ رڳو آواز جو تعلق. ٻنهي جي وچ ۾ آواز جي پُل ڪنهن روشن لڪير جيئان نمايان هئي ۽ پُل جي ٻنهي ڇيڙن تي اونداهي هئي.

هو اونداهيءَ ۾ بيٺل بہ ماڻهو هئا. ٻئي هڪٻئي کان پري هئا ۽ ٻئي هڪٻئي جي ويجهو هئا.

”ڇو هئي توکي ايڏي پڪ.“هن پنهنجائپ واري لهجي ۾ چيو.

”ان ڪري جو تو وٽ اُهي ڳالهيون آهن جيڪي رڳو سرٻاٽن ۾ ڪبيون آهن. جيڪي آواز جون محتاج نہ هونديون آهن ۽ تون اُهي ڳالهون فقط مون کي ٻڌائي سگهين ٿي، ٻئي ڪنهن کي بہ نہ.... ٻيو ڪير سمجهندو بہ ڪونہ....! ۽ مون کي خبر آهي تہ سياري جون هي طويل راتيون ڳالهين کانسواءِ گذري نہ سگهنديون آهن....“

”اهو سڀ توکيئن ڄاتو؟“ هُن حيرت گاڏڙ خوشيءَ وچان چيو.

”ان ڪري جو توکي سڃاڻان ٿو....“

”ڀلا ٻڌاءِ تہ سهي ڪير آهيان مان؟“

”ٻڌايانءِ..... هون!“

”ها.... ٻڌاءِ مان بہ ٻڌان تہ سهي....“ هن هڪ شوخ پر ڏاڍي پروقار لهجي ۾ چيو.

”تون چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري آهين.... تنهنجي گهر ۾ بيد مشڪ جو وڻ آهي....“ هن پُر اعتماد انداز ۾ چيو.

هوءَ کل ۾ ٻُڏي وئي. کلندي چيائين: ”الا..... ڏاڍي کل ٿي اچي....“

”ڇو ٿي کل اچئي.... مون کو لطيفو ٻُڌايو ڇا!“

”لطيفو ته ڪونه ٻڌايو اٿئي پر لطيفي جهڙي ڳالهه ڪئي اٿئي. آئون چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري نه آهيان. منهنجي آڱنڌ ۾ ڪو به وڻ ڪونهي.....“

”ڇا واقعي تنهنجي گهر ۾ ڪو به وڻ ڪونهي؟“

”هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ!“ هڪ موضوع جي ڳليءَ مان اوچتو ٻئي موضوع جي شهر ۾ داخل ٿيندي چيائين, ”اها ڪير آهي جنهن تي گذريل بهار ۾ زندگيءَ جو پهريون نظم لکيو هيئي؟“

هو انهي سوال تي حيران رهجي ويو. اهو هڪ غير متوقع سوال هو. يا شايد متوقع هو!

”ڪهڙو نظم؟“ هن ڳالهه نٽائيندي چيو.

”تون سپ سمونڊ جي سانئڻ, تون سڪي ستاري جي آن.“

”هن چنچل لهجي ۾ سندس نظم جي پهرين سٽ جهونگاريندي چيو.“ڪير آهي اها ستاري جي سڪي؟“

”سچ ٻڌايانءِ“

”ها.... ٻڌاءِ“ ساڳي شوخيءَ سان چيائين.

” اُها چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري آهي. جنهن جي گهر ۾ بيد مشڪ جو وڻ آهي“ هن صاف لفظن ۾ انڪشاف ڪيو. اعتراف ڪيو. جنهن تي هُنَ جو شوخ لهجو گهري اداسيءَ ۾ تحليل ٿي ويو.

”نه. اها مان نه آهيان. منهنجي گهر ۾ ڪوئي وڻ ڪونهي, ڪوئي ٻوٽو ڪونهي, ٻوٽو ڇا, منهنجي گهر ۾ ته ڪو گل به ڪونهي.“

هو دل ئي دل ۾ مُرڪيو. ڪيس سندس ڳالهه تي اعتبار نه آيو. پڪ هئس ته هوءَ چوٿين ڳليءَ ۾ رهندي آهي ۽ سندس گهر ۾ بيدمشڪ جو وڻ آهي ۽ سندس گهر جي پٽين تي آف وائيٽ رنگ ٿيل آهي پر ڪانئس پنهنجي سڃاڻپ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪري.

”ناڪام ڪوشش ڪندڙ هڪ معصوم ڇوڪري.“ هن سوچيو ۽ ٻيو دفعو مُرڪي پيو.... وڌيڪ ضد نه ڪيائين.

”ها.... ٺيڪ آهي... ائين ئي هوندو.... تنهنجي گهر ۾ بيد مشڪ جو وڻ ڪونه هوندو. مان ڀليو هوندس...“

هُنَ سنجيدگيءَ سان چيو.

۽ چؤماسي جي پهرين برسات ۾ گهر جي ٽيرس تي ويٺي مٿس انڪشاف ٿيو ته شاعري ۽ محبت هڪ ئي تاريءَ تي ٽڙيل ٻه جاڙا گل آهن ۽ اهو به ڄاتو ته ٻه جاڙا گل ڄمندا به گڏ آهن ۽ مرندا به گڏ آهن.

اڪثر هنن جون ڳالهيون اڻ ڄاتل رستن وانگر طويل ٿي ويندريون هيون... ڪٿنديون ئي نه هيون ۽ نه ئي هو چاهيندا هئا ته ڪٿي ڪٽن. هو چاهيندا هئا ته رستو ڪٿي به نه ڪٽي.... ڪٿي ڪوئي موڙ نه اچي.... ڪٿي به ڪوئي واقف نه گڏجي.... بس مسلسل هلندا رهون اڪيلا اڪيلا.... پري پري تائين. ۽ هن سان ڳالهائيندي ڪيس محسوس ٿيو ته دراصل ڪيفيتون ڳالهيون جون محتاج نه هونديون آهن. ڳالهيون ڪيفيت جون محتاج هونديون آهن. ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن ڪيس لڳندو هو ته وٽانئس ڳالهيون ڪٿي ويون آهن... لفظ سڪي ويا آهن ۽ سندس لهجو اٽيو ٿي ويو آهي.

پر،

هوءَ رُڳو "هيلو" ڪندي هئي ته پري پري تائين ڳالهيون جون وليون ڦٽي پونديون هيون ۽ هو ولين ۾ ڊڪجي ويندو هو. چوندو هئس "توسان شيئر نه ڪيان ها ته هي هيتريون ڳالهيون ڪيڏي ڪيان ها!"

جنهن تي هوءَ ڪنهن ڪنين تار جام مان هارجي پيل شراب جي ڇلڪي جهڙو ٽهڪ ڏئي چونديس "سچي، تون نه هجين ها ته منهنجون هي ڳالهيون مون کي ماري وجهن ها."

ڪيتريون نه ڳالهيون هيون هُنَ وٽ!

ڪڏهن ڪڏهن ته ائين بي ربط ۽ بنا ساهيءَ جي ڳالهائيندي جڻ پليٽ فارم تي بيٺل بوگيءَ جي دريءَ کان ويٺل ڪنهن مسافر سان آخري پيرو ڳالهائيندي هجي. سيٽي وڄي چڪي هجي ۽ گاڏي چاڻ هلڻ واي هجي: تون ڇا ٿو سمجهين.... هان! توکان پوءِ مان خوش گذاريندس.... هان؟ اها تنهنجي ڀُل آهي.... اها ئي ته تنهنجي وڏي ڀل آهي.... پر توکي ڇا آهي؟ توکي ڪهڙي پرواهه؟.... منهنجي روڪڻ سان ڀلا ڪهڙو وري تون رهندين.... رهڻو هجئي ها ته ٽڪيٽ ئي ڇو وٺين ها.... بوڪ اسٽال وٽ هٽ مان ٽڪيٽ ڪٽي ورتي مانءِ ته ڪيئن زوريءَ مٽ مان ڪسي ورتئي. اهو به احساس نه ٿيئي ته ڪيترو ايذاءُ آيو هوندم.....!! تون ڀلي وڃ.... ڏسان ته ڪيئن ٿو وسارين مونکي.... هي پيار ايترو سٽرو نه آهي جيترو تون سمجهين ٿو....

۽ گاڏي سُرڻ لڳي هجي.... گاڏي سُرڻ سان ڪانئس آواز ڪسجي ويو هجي... شايد پڪ هئس ته ريل هلڻ ڪان هڪ پل اڳ لهي پوندو.... ۽ وڏو ٽهڪ ڏئي چوندس: ڏس ڪيئن روئاري ڇڏيم توکي.... اداڪاريءَ تي داد ڏي مون کي ۽ هوءَ روئي ڪٽي پاڪر پائيندس ۽ پاڪر پائي اجا به وڏيڪ روئيندي. پر هو نه لٿو هُجي.... گاڏي هلي وئي هجي.... ۽ هن ٽشوءَ سان اکيون اگهي چپن ۾ پٽڪيو هجي: چڱو....

نيڪ آهي...... تون وچ.... ڏسجان منهنجي اڱڻ ۾ ڪڏهن به ڪو ٻوٽو نه ڦٽندو.... ۽ ٻڌي ڇڏ، مان ڪڏهن به ڪنهن گل کي جنم نه ڏينديسانءِ ! جڻ ڪيس ڪس لائيندي هجي.

چؤماسي جون برساتون ۽ سندس ڳالهيون گڏ گڏ وسي رهيون هيون جو هڪ شامَ چيائين "چؤماسي جون آخري برساتون آهن. وري خبر ناهي ڪڏهن وسن.... وسن به الاءِ نه.... ڇا هنن برساتن ۾ پاڻ ملي نه ٿا سگهون؟" سندس سوال جي جواب ۾ ڪجهه لمحن جي ماٺ ڪانپوءِ اُداس لهجي ۾ وراڻيو هئائين:

"پاڻ ته گڏ آهيون... پنهنجو ملڻ نه ملڻ ساڳي ڳالهه آهي."

"ها.... اهو سچ آهي ته پاڻ گڏ آهيون... پر دراصل...."

"هون.... ڇا؟ دراصل....؟"

"دراصل توکي ڏسڻ ٿو چاهيان."

هُن جي چپن مان بي ساخته ٽهڪ نڪري ويو.

"ان ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي".

"ڪلڻ جهڙي ئي ته ڳالهه آهي؟"

"ڪيئن ته؟"

"تون ته چوندو آهين روز ڏسندو هان توکي.... تنهنجي اڱڻ ۾ بيدمشڪ جو وڻ آهي... ۽ چوٿين ڳليءَ ۾ تنهنجو گهر آهي"

"ها.... اهو سچ آهي ته تنهنجي گهر ۾ بيد مشڪ جو وڻ آهي." هن اعتماد سان چيو "پر مان توکي ويجهو کان ڏسڻ ٿو چاهيان.... ڇهڻ ٿو چاهيان توکي.... تنهنجي ساهن جي خوشبو سيني ۾ اوتڻ ٿو چاهيان."

ڪجهه پل ماٺ جي اونداهي ڇانيل رهي.

ڪا مهل فون جي ٻئي ڇيڙي تي آواز جو سج نه اُڀريو.

هن آسمان تي ڇانيل ڪڪرن ڏي ڏٺو. سندس نهار ۾ ڏک هو.

"ملڻ نه ٿي چاهين؟" هن نااميديءَ جي اونداهيءَ ۾ اميد جو ڏيئو ٻاريندي چيو.

"اهڙي ڳالهه ناهي.... مان اونداهين ڇيڙي تي رهان ٿي.... ۽ اتي خوش رهان ٿي.... مون کي روشني پيانءِ نه ٿي پوي... منهنجي گهر ۾ ڪوئي روشندان ڪونهي. ڪائي ڳڙکي ڪانهي".

"ته معنيٰ...." هن جڻ اونداهين غار مان ڳالهايو "پاڻ ملڻ کان اڳ ئي وڇڙي ويندا سين؟" هوءَ سندس سوال جي جواب ۾ طويل ماٺ ۾ مبتلا ٿي وئي.

هن جي خواهش ڪيس الجهائي وڌو هو. اها خواهش دراصل آرفيسئس جي ڏند ڪٿا جو ورجاءُ هئي. آرفيسئس جنهن موت جي ديوتائن کان پنهنجي مئل محبوبا سان ملڻ جي اجازت ورتي هئي. ان شرط سان تہ هن ساڻس ملي موڪلائڻ کانپوءِ مڙي پوئتو ڏٺو تہ هوءَ پٿر ٿي ويندي. ۽ پوءِ ايئن ئي ٿيو هو جنهن جو ڊپ هو. هوءَ ڪجهہ لمحن لاءِ ها ۽ نہ جي ٿياس تي ٽنگيل رهي ۽ نيٺ هڪ فيصلي تي پُهچي مُرڪڻ لڳي.

”پاڻ ضرور ملنداسين، پوءِ پلي اُهو ملڻ هميشہ لاءِ وڇڙڻ ڇو نہ هجي!“ چؤماسي جي آخري برسات وسڻ کان اڳ پارڪ جي بائونڊري وال ۾ بوگن ويليا جي هيٺان رکيل سنگ مرمر جي سفيد بئنچ تي سندس پر ۾ ويهندي چيائين.

سندس لهجو هميشہ جيان پُروقار هو پر هن دفعي پروقار هجڻ سان گڏ سندس آواز ۾ آرفيسئس جي انجام جو ڏک بہ هو.

ڪيس پنهنجي پر ۾ ويٺل ڏسي هو خوشيءَ ۽ ڏک جي گڏيل احساس هيٺ دل ئي دل ۾ مُرڪي پيو. اها هڪ زخمي مُرڪ هئي. هوءَ ڪنهن قديم مورتيءَ جيان شاندار هئي. اها مورتي جنهن ورهين کان روشني نہ ڏٺي هئي.

سندس پيشانيءَ تي لڪيرون جرڪي رهيون هيون ۽ اکين ۾ خاموشيءَ سان گذري ويل وقت جو ٿڪ هئس.

”شايد خوابن جي بائونڊري وال مان ٻاهر نڪري ايندڙن جي وارن ۾ چانڊوڪي لهي ايندي آهي. وقت رڳو خوابن جي بائونڊري وال جي اندرئين پاسي رهندڙن تي اثر انداز ٿي نہ سگهندو آهي.“ هن ڏک مان سوچيو.

اهو خوابن مان بي دخل ٿيڻ جو ڏک هو. هوءَ سندس ڏک کان بي خبر نہ هئي. ٻئي هڪ جيتري ڏک ۾ مُبتلا هئا. ٻنهي کي روشنيءَ زخمي ڪري ڇڏيو هو. چؤماسي جي برسات ڪڪرن جي پاڪرن مان پاڻ ڇڏائي ڌرتيءَ تي نچي رهي هئي. ٻئي خاموش ويٺا هئا.

پري پري تائين ڦهليل ڳالهين جون وليون سُڪل هيون. لفظن جا پن ڇڻيل هئا. تاريون ٽٽل هيون. ٻئي برسات جي ڪڻين ڏي ڏسي رهيا هئا.

”ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ لاءِ اونداهين ڇيڙي تي رهڻ ئي بهتر هوندو آهي.“

هڪ ئي وقت ٻنهي سوچيو.

”ڇيو هئم نہ توکي.... منهنجي گهر ۾ بيد مشڪ جو وڻ ناهي. ڪو ٻوٽو بہ نہ آهي.... ٻوٽو تہ ڇا ڪوئي گل بہ نہ آهي.“ هن ڏکاري آواز ۾ ڳالهايو.

هو خاموش ويٺو رهيو ۽ مينهن ڪڻين ڏي ڏسندو رهيو. خالي خالي اکين سان.

چؤماسي جي برسات تيز ٿي وئي.

هو اکين سميت برسات جي ڇاٽ ۾ پُسي ويو. پوءِ الائي ڪيڏي مهل ڪُلهي تي هُنَ جي وارن جو ڇُهاءُ محسوس ٿيس. اکيون اگهي ڏانهس ڏٺائين. هوا جي جهوٽي تي هيٺ جهڪي آيل بوگن ويليا جي آلي ٽاري سندس ڪلهن کي ڇهي رهي هئي.

# سِموڪَرس ڪارنر جي شام

پنجين منزل تان لفٽ ذريعي لهي سموڪرس ڪارنر ۾ پهتو تہ سپرنٽينڊنٽ صاحب جي پيشانيءَ جا گهنج سڌا ٿي ويا. سگريٽ دکائڻ کان اڳ سوچيائين ”زندگي جيئڻ هجڻ گهرجي تيئن آهي ڪانہ ۽ جيئن آهي ائين سندس هجڻ نہ هجڻ ساڳي ڳالهہ آهي.“ ڪش ڀريائين تہ سموڪرس ڪارنر سرمئي دونهين جي تهہ ۾ ڍڪجي ويو. آهستي آهستي دونهين جو تهہ هٽيو تہ سامهون ڪنڊ واري ڪرسيءَ تي ڪوئي وينل نظر آيس. پهرئين سندس پورا وار پوءِ اوجاڳيل اکين وارو چهرو ۽ پوءِ سڄو سراپا ظاهر ٿيو.

”شايد منهنجو هِتي ويهڻ مناسب ناهي.“

”نہ نہ. توهان ويهو... اهڙي ڳالهہ ناهي.“

هو پڙڪندي اٿڻ لڳو تہ هُنَ پنهنجاپ جي هڪ مختصر جملي سان ڪيس اٿڻ کان روڪي ورتو.

”اصل ۾ چا آهي تہ ماڻهو اُس مان ڇانوَ ۾ ايندو آهي تہ شيون صاف نظر نہ ايندبون آهن... ان ڪري...“

”ها... ائين ٿيندو آهي...“

”معاف ڪجو. توهان الاءِ ڪهڙي سيڪشن ۾.....“

هڪ ئي وقت ٻنهي جي چپن تي ساڳئي سوال جي ول ڦُٽي پئي.

ٻئي مُرڪي پيا.

”مان ميٽرنگ سيڪشن ۾ آهيان. توهان؟“

”مان هِتي پنهنجو ٽڪ پچڻ ايندي آهيان. رليڪس ٿيندي آهيان. هِتي اچي خوش ٿيندي آهيان.... پنهنجي مرضيءَ سان اٿڻ ويهڻ ۽ ساهہ کڻڻ وڏي غنيمت آهي. آفيس ۾ تہ ماڻهو جهڙو مشين.... جهڙو پلاسٽڪ جو گلدستو.... شوپيس.“

”توهان سگريٽ پيئندؤ؟“

”نہ.... مان سموڪر ناهيان.“

................

”پر مون کي سگريٽ جو دونهون وڻندو آهي. توهان ته پنجين فلور تي هوندا آهيو نه.... رڳو سگريٽ پيئڻ لاءِ هيٺ ايندا آهيو؟“

”ها.... اصل ۾ سپرنٽينڊنٽ صاحب جو باءِ پاس ٿيل آهي... اڳ ته پاڻ به چئن سموڪر هو.... پر هاڻي ڪير سگريٽ دکائيندو آهي ته نرڙ ۾ گهنج ۽ اکين ۾ ويچارپ پرجي ويندي اٿس.... مان سندس ويچارپ ڏسي ناهيان سگهندو... سموڪرس ڪارنر سان منهنجي دوستي ٿي وئي آ.“

هوءَ مسلسل سندس منهن ۾ گهوريندي رهي.

”هوُ به بلڪل توهان وانگر هو.“ مُرڪندي چيائين.

”مون وانگر هو؟“

”ها.“

”هوبهو.“

هن کي ڏک جي لهر ڇُهي وئي.

”هُو ڪيرُ هو؟“ هو غير ارادي طور پڇي ويٺو.

”هُو شاعر هو.“ هن جي مُرڪَ وڏيڪَ گهري ٿي وئي. ۽ هُو اجا وڏيڪ اداس ٿي ويو.

”هن کي سمنڊ جي لهرن، دل جي موسمن ۽ آسمان سان اُنس هو.... چنڊ ۽ تارن سان هن جي دوستي هئي. بس هو ائين ئي هو.“

”ائين ڪيئن؟ مطلب؟“

”ائين جيئن شاعر هوندا آهن... اجهل، اڻ ٽانيڪا، باهه جا ٽڪر، اداسيءَ جا عاشق...“ سندس لهجو ڏکارو ٿي ويو. آس پاس چُپ چانئجي وئي.

”بس..... معمولي ڳالهه تان ڪاوڙيو ۽ غير معمولي قدم کڻي الاءِ ڪيڏي هليو ويو ۽ منهنجي اکين ۾ اداسي پوکي ويو. “

اکين ۾ ڏک جا پاڇا لڏڻ لڳس ۽ هُنَ دل تي ڇانيل ڏک جا بادل هٽندا محسوس ڪيا.

”منهنجا ڪُليگ هر وقت پروموشن، انڪريمينٽ، بئنڪ بئلنس ۽ پراپرٽي جي سرڪل ۾ ڦرندا رهندا هئا ۽ هو سموڪرس ڪارنر جي هن بئنچ تي ــ جِتي هينئر اوهان ويٺا آهيو ــ مون سان دل جي اڪيلائي، خوابن جي اڻٽت ۽ اداسيءَ جي اٿين پهر جون ڳالهيون ڪندو هو. اداسيءَ جو اٺون پهر سندس من پسند موضوع ۽ وقت جو سڀ کان وڻندڙ لمحو هو“

هن ڄڻ پاڻ سان پئي ڳالهايو.

”ٻڌو.... هينئر هينئر هڪ عجيب ڳالهه ٿي گذري.“

”ڪهڙي ڳالھ؟“

”مون کي لڳو جڻ اداسيءَ جي انين پهر جي ڳالھ اڳ بہ ڪٿي اوهان مون کي ٻڌائي آهي“.سندس ڳالھ تي هوءَ مُرڪي پئي.

”نہ. اها ڳالھ مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي آ. اوهان کي. اڳ تہ پاڻَ ڪڏهن مليا ئي نہ آهيون. پر اصل ۾ ڪجھ ڳالهيون زبان مان نڪرڻ کان اڳ ئي ٻڌڻ ۾ اچي ويندڀون آهن... ائين جيئن مينهوڳيءَ جي منڊ ۾ گوڙ جو آواز بعد ۾ ٻڌبو آهي ۽ کنوڻ جو تجلو اڳ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.... احساس ۽ جذبي جي رفتار روشنيءَ کان بہ وڌيڪ آهي....“

هن ٿڌو ساھُ کنيو. سموڪرس ڪارنر سُرهو ٿي ويو.

”هو چوندو هو آواز، روشني، جذبو ۽ احساس هن ڪائنات جو بنيادي جوهر آهي... ۽.... “

”هو بہ سموڪر هو“. هن سندس جملي جي وچ ۾ چيو ۽ پوءِ پنهنجي تڪڙ تي پشيمان ٿي ويو. هن جي اکين ۾ خاموشي ڦهلجي وئي.

”مان هميشہ سندس برانڊ جا سگريٽ پرس ۾ رکندي هئس تہ جيئن جنهن مهل ضرورت محسوس ڪري ۽ پاڪيٽ خالي هجيس تہ مان کيس سگريٽ ڏيان. مان سندس اکين ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي ”اڻ هوند“ جو عڪس ڏسي نہ سگهندي هئس“.

هوءَ آسمان ڏي ڏسڻ لڳي.

۽ هن پاڻ کي آسمان وانگر خالي خالي محسوس ڪيو.

”توهان لاءِ بہ تہ هوءَ پرس ۾ سگريٽ ۽ اکين ۾ اوسيئڙا رکندي هوندي؟“

غير متوقع ۽ اوچتي سوال کيس چرڪائي ڇڏيو.

اندر ۾ پري پري تائين رُڃ ڦهلجندي محسوس ڪيائين.

”ها.... هوءَ منهنجي لاءِ اکين ۾ انتظار ۽ پرس ۾ سگريٽ رکي هان پر....“

”پر ڇا؟“

”پر اسين هڪڙي پن ڇڻ رت ۾ ملياسين ۽ ٻيءَ ۾ وڇڙي وياسين. وچ وارو بهار اسان جي اکين مان لڙڪن وانگر وهي ويو.“

”پر ڇو؟“

”ڏوھ منهنجو هو. کيس اها ڳالھ چيم، جيڪا چوڻ نہ گهربي هئم. شايد سڀ ڳالهيون چوڻ لاءِ نہ هونديون آهن.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالھ هئي؟“ هن بي ساختہ پڇي ورتو. ۽ پنهنجي تڪڙ تي حيران رهجي وئي.

ڪيس چيو هئم ”توکان سواءِ زنده رهي نه سگهندس. وقت مون لاءِ جلاد ٿي ويندو“. تڏهن ڪان وٺي مون کي امتحان جي اُس ۾ بيهاري ڇڏيائين. بي اعتباريءَ جي صليب تي ٽنگي ڇڏيائين.... هوءَ بي اعتباريءَ جي وبا ۾ ويڙهيل جنريشن جي ڇوڪري هئي. منهنجي آڱرين مان رت وهندو رهيو پوءِ به يقين نه آيس.... ۽ پوءِ مان رت ڳاڙيندو امتحان جي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس.... وري ڪڏهن به واپس نه ويس.“

هن جي اکين ۾ ڳوڙها جرڪڻ لڳا.

”هي لڙڪ ڏک جا نه پڇتاءَ جا آهن... مان هي لڙڪ هميشه سانڍي رکنديس.“

گلابي ٽشوءَ سان اکيون اگهي ٽشو پرس ۾ رکي ڇڏيائين.

”توهان به شاعر آهيو؟“

”نه مان شاعر ته ناهيان پر منهنجي دل شاعرن جهڙي آهي. الاءِ ڇو مون کي وسڻ کان سواءِ موٽي ويل برساتون، سمنڊ جون بي چين لهرون، خزان جا ڇڻڻ لاءِ منتظر پن، شامَ مهل دروازن تي نظر ايندڙ تالا ۽ اسٽيشن تان گذري ريل گاڏيون اداس ڪري ڇڏينديون آهن. مان اداسيءَ جو اٺون پهر ٿي پوندو آهيان.....“ هوءَ ڪڪرن جيان پريل اکين سان ڏانهس ڏسڻ لڳي.

هڪ ئي وقت ٻئي ڏک جي پنجين موسم پوکڻ لڳا ۽ هڪ ئي وقت ٻنهي ساڳي ڳالهه سوچي: ”ڪجهه ماڻهو بلڪل هڪ جهڙا ڏک ڏسندا آهن... فرق رڳو زمان ۽ مڪان جو هوندو آهي.“

۽ هن چوڻ چاهيس ته ”ڇا هڪ جهڙا زخم سانديندڙ به شخص هڪ ٻئي لاءِ مرهم ٿي نٿا سگهن؟“

پر چئي نه سگهيو.

هن جي اوجاڳيل اکين ۾ ڪنهن لاءِ به گنجائش نه هئي.

سندس اکين جي سيني ڪُنڊن ۾ هو سمايل هو.

هن سگريٽ جو آخري ڪش هڻي فلٽر ائين ايش ٽري ۾ مروڙي ڇڏيو جڻ اهو فلٽر نه هو سندس اندر ۾ قتل خواهش جو گؤنچ هو. خواب جو سلو هو.

”خبر اٿو هو پنهنجون شامون ڪيئن گذاريندو هو.“

هن هڪ دفعو وري خواب ۾ داخل ٿيندي ڳالهايو:

”هن بابت مون کي ڪجهه به نه ٻڌايو. آخر منهنجو هن سان ۽ هُنَ جو مون سان ڪهڙو واسطو؟..... اهو اوهان جو ذاتي معاملو آ.... پليز....!!“

پهريون دفعو سخت لهجي ۾ ڳالهايائين.

هوءَ مُرڪي پئي.

سموڪرس ڪارنر جي وٽن، پٽين ۾ بئنچن تي شامَ لهي آئي.

”منهنجي خيال ۾ هاٽي هلڻ گهرجي“، شامَ ڏي اهڙي موهه مان ڏسندي چيائين ڄڻ اها سندس سهيلي هئي جيڪا ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ آئي هئي!!

هو برف جيان منجمند ٿي ويو ۽ چاهيندي به ڪيس چئي نه سگهيو ته فقط تنهنجي هٿن جو لمس ئي مون کي زنده ڪري سگهي ٿو... نه ته سؤ سورج گڏجي به مون کي آبشار بڻائي نه سگهندا.

هن ساڳي گهري خاموشيءَ سان پرس مان سندس برانڊ جو سگريٽ ڪڍي ڪيس ڏنو ۽ مُرڪندي به قدم کڻي پرسان بيٺل شامَ جي اکين ۾ تحليل ٿي وئي.

# پنجين ڏسا

”ٻُڌا؟“

”هون!“

”جاڳين پئي؟“

”ها.“

”هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ.“

”هون.... چئُه!“

”هُو ڪير هو؟“

”ڪير هو؟؟“

”هُو جيڪو آيو هو.“

”ڪير آيو هو؟“

”ڪو ته هو“

”خبر ناهي.“

”ٻڌاءِ ڪير هو.“

”الاءِ ڪير هو.“

”ڪٿان آيو هو؟“

”خبر ناهي.“

”مون کي پريشان نه ڪر. ٻڌاءِ؟“

”ڇا؟“

”اهو ئي ته هُو ڪير هو ڪٿان آيو هو؟“

”خبر ناهي ڪير هو ڪٿان آيو هو؟“

”تنهنجو ساڻس ڪهڙو تعلق هو؟“

”ڪو بہ نہ.“

”جڏهن کان هو ويو آ، تون اداس رهڻ لڳي آهين!“

”ائين ناهي.“

”تہ باقي؟“

”اها اداسي ناهي.“

”تہ باقي ڇا آهي؟“

”اطمينان آهي شايد!“

”ڪلين ڳالهائين نہ ٿي؟“

”ڪلڻ ڳالهائڻ خوشيءَ جو دليل ٿورئي آ....“

”تہ باقي؟“

”خوشي ڪا ٻي شيءِ آ.“

”تہ معنيٰ تنهنجا ٽهڪ ڪوڙا هئا؟“

”ڪوڙا تہ نہ هئا پر....“

”پر ڇا؟“

”پر سچ بہ نہ هئا.“

”تہ ڇا هئا؟“

”سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ هئا.“

”ڇا مطلب؟“

”اسين سڀ سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ ٿا گذاريون.“

”فضول فلسفو نہ ٻڪ.“

”فلسفو نہ آهي.“

”تہ ڇا آهي؟“

”سچ آهي،“

”منهنجي تو وٽ اهميت ناهي؟“

”آهي.“

”ڪهڙي ۽ ڪيتري؟“

”جهڙي ۽ جيتري ذال وٽ هڪ مڙس لاءِ هوندي آهي“

”جو ڪجهہ تنهنجي لاءِ ڪيم، سو اجايو هو؟“

”ڇا؟“

”گهر.... سهولتون..... پئسا ڏوڪڙ؟“

”مون کي تنهنجي ضرورت هئي.“

”مان بہ تہ تو وٽ ئي هئس.“

”ڪٿي هئين مون وٽ؟“

”ڀيو نہ تہ، ائين آسمان تي هئس؟“

”ها. ائين آسمان تي هئين.“

”ڇا مطلب، ڇا جو ائون آسمان؟“

”بي ڌيانيءَ جو ائون آسمان.“

””تولاءِ تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيم جيڪو....“

”جيڪو......؟“

”جيڪو عورت کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آ.“

”مثال طور؟“

”گهر.... سهولتون.... پئسا ڏوڪڙ.“

”اها ئي تہ تنهنجي ڀُل هئي.“

”مطلب ڇا تہ؟“

”عورت گل وانگر ڌيان گهرندي آ. نہ ملندو اٿس تہ.... “

”تہ....؟“

”تہ مُرجهائجي ويندي آ. عورت محض....“

”محض؟“

”محض گوشت پوست ناهي.“

”تہ باقي؟“

”عورت احساس آهي.“

”ڇا مطلب؟“

”عورت عورتپڻو آهي“.

”هميشہ توکي توجهہ ڏني اٿم“

”هونهہ“.

”ڪلين چوٿي تہ؟“

”ائين ئي.“

”وري بہ؟“

”واقعي ئي توجهہ ڏيندو آهين.“

”نہ ڏيندو هان؟“

”ڏيندو آهين پر.... “

”پر ڇا؟“

”پر جڏهن پنهنجي گهر ج پوندي اٿئي.“

”اها بڪواز ٿي ڪرين.“

”اهو سچ آهي.“

”اهو ڪوڙ آهي.“

”تہ سچ ڪهڙو آهي؟“

”سچ هي آهي تہ توسان پيار جي شادي ڪئي هئم.“

”ء؟“

”پنهي جي اکين ۾ هڪٻئي جو عڪس رهندو هو.“

”هونهہ.....“

”ڪلين ٿي؟“

”ها.“

”ڇو؟“

”ائين ئي.“

”وري بہ.“

”شوپيس وانگر گهر ۾ رکي وساري ويٺين.“

”باقي گهر ۾ وينو تنهنجو منهن ڏسان هان؟“

”ڪٿي ڇيو هئم تہ وينو منهنجو منهن ڏس؟“

”تہ باقي؟“

”تو تہ ڪڏهن پلجي بہ اکين ۾ جهاتي نہ پاتي.“

”وقت نہ ويو آهي. اجا ٻئي پوڙها نہ ٿيا آهيون.“

”جواني ۽ پيري جسم جو نالو ٿورئي آ.“

”تہ باقي؟“

”اهو تہ احساس جو نالو آهي.“

”تون اجا بہ سهڻي ۽ جوان جماڻ آهين.“

”مان تہ ان شام ئي پوڙهي ٿي وئي هئس. جنهن شام.....“

”جنهن شام.....“

”جنهن شام مون سان هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هلڻ جو واعدو ڪيو هئي پر.....“

”پر...؟“

”پر اجا پنهنجي پسند جي پيلي ساڙهي پائي وار بہ نہ ٻڌا هئم تہ....“

”تہ......؟“

”تہ تون هڪ فون جي گهنٽيءَ تي پارٽيءَ سان سودو طئي ڪرڻ هليو ويو هئين ۽ مان......“

”۽ تون ...... ڇا؟“

”۽ مان چُڙيل وارن وانگر وکري وئي هئس.“

”اها ڊوڙ ڊڪ نہ ڪيان هان تہ تون......“

”تہ مان؟“

”تہ تون اها پنهنجي پسند جي ساڙهي پائي سگهين ها.... ٻُڌاءِ؟“

”مان بحث نٿي ڪرڻ چاهيان. مون کي ننڊ ٿي اچي.“

”مون کي بہ ننڊ ٿي اچي پر مان سمهڻ کان اڳ .... “

”سمهڻ کان اڳ؟“

”وري بہ پڇڻ ٿو چاهيان.“

”ڇا؟“

”اهو ئي، تہ هُو ڪيرُ هو؟“

”اها تہ خبر ناهي تہ هو ڪير هو پر.... “

”پر ڇا.... ؟“

”پر هن جي اچڻ کان اڳ آسمان پکين سان ڀرجي ويو هو.“

”شاعري نہ ڪر.“

”شاعري ناهي.“

”تہ ڇاهي؟“

”زندگيءَ جي ڳالھہ آهي.“

”مون کي سوال جو جواب ڏي.“

”ڇا؟“

”تنهنجو ساڱس ڪهڙو تعلق هو؟“

”شايد ڪو بہ نہ.... شايد رڳو اداسيءَ جو.“

”تو هن سان ڇا ڳالهايو؟“

”ڪجھہ بہ نہ.“

”هن ڇا ڳالهايو؟“

”ڪجھہ بہ نہ.“

”ماءِ ګاډ! گونگو هو ڇا؟“

”گونگو تہ نہ هو پر....“

”پر......؟“

”پر لفظن جو محتاج نہ هو.“

”تہ باقي؟“

”سڀ ڪجھہ اکين ۾ هئس.“

”ڇا؟“

”هڪ بي انت خالي پٽو.“

”خالي پٽو ڇا تہ؟“

”خالي پٽوئي سڀ ڪجھہ آهي, ڇو تہ.....“

”ڇو تہ.....؟“

”ڇو تہ خالي پٽي ۾ ئي سڀ ڪجھہ آهي.“

”مثال ڇا تہ......؟“

”خالي پٽي ۾ پکي اڏندا ۽.....“

”۽ ڇا؟“

”۽ ڪڪر وسندا آهن. شايد خالي پٽو....“

”ڇا شايد؟“

”خالي پٽو خدا جو آغوش آهي....“

”ٻيو؟“

”ٻيو هن جي اکين ۾ هڪڙو ڏک لکيل هو.“

”ڪهڙو؟“

”ته ماڻهو محبت کان محروم ٿيندا پيا وڃن ٿا.....“

”ٻيو؟“

”دوستيءَ ۾ دغا، پيار ۾ چالاڪي ۽ رشتن ۾ سياست شامل ٿي وئي آ. ان ڪري....“

”ان ڪري؟“

”ان ڪري ڇوڪريون محبت کان، پکي وڻن کان ۽ ٻار گهٽين کان ڏڄڻ لڳا آهن ۽ اهو ته...“

”اهو ته؟“

”ته ماڻهن جي اکين ۾ خوابن لاءِ اسپيس نه بچيو آ....“

”عجيب ائبنارمل ماڻهو هو..... جسٽ ميڊيڪل ڪيس.“

”ائبنارمل ماڻهو نه هو پر......“

”پر؟“

”ائبنارملٽي جي دور ۾ نارملٽي جو احساس هو.“

”تنهنجو اهو ساڳيو سوداءُ...... فنتسي...... مٿان اڇي رات لڙي آ.“

”ته پوءِ؟“

”مون کي صبح سوير اٿڻو آهي ۽ سياڻي به ايندي ايندي.....“

”ايندي؟“

”ايندي ايندي رات ٿي ويندي.“

”ان ڪري؟“

”سياڻي تون ڪنهن سائڪاٽرسٽ سان ملي وڃجان.“

”هونهه.“

”ڪلين ڇو ٿي؟“

”ائين ئي.“

”وري به؟“

”جن کي خود علاج جي ضرورت هوندي آ، اُهي.....“

”اُهي؟“

”اهي ٻين کي علاج جو مشورو ڏيندا آهن.“

”چا مطلب؟ مان بيمار آهيان.“

”مان بحث نہ ٿي ڪيان.“

”بحث جو شوق مون کي بہ ناهي.“

”تہ پوءِ سمهي پئہ. صبح آفيس وڃڻو اٿئي.“

”پر سمهڻ کان اڳ وري بہ آخري دفعو توکان پڇان ٿو.“

”چا؟“

”اهو ئي تہ هُو ڪير هو؟“

”سچي ٻڌايانءِ؟“

”ها ٻڌاءِ.“

”هو اُداس قبيلي جو آخري فرد هو.“

”اُداس قبيلو؟ چا مطلب؟“

”ها دنيا ۾ اداس ماڻهن جو هڪ الڳ قبيلو آهي.“

”ڪٿان آيو هو؟“

”پنجين ڏسا کان آيو هو.“

”پنجين ڏسا چا آهي؟“

”پنجين ڏسا چئن ڏسائن کان ڌار طرف آهي.“

”ڪٿي آهي؟“

”جِتي چار ڏسائون ختم ٿين ٿيون، اُتان پنجين ڏسا شروع ٿيندي آهي.“

”پر ڏسڻ ۾ تہ نہ ٿي اچي.“

”ائين ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي.“

”تہ باقي؟“

”ان لاءِ ٻاهر ڏسڻو نہ پوندو آهي.“

”مطلب؟“

”مطلب ڪجهہ بہ نہ.“

”تہ پوءِ هو ڪيڏانهن هليو ويو؟“

”اوڏانهن، جِتان آيو هو ۽ ويندي ويندي پاڻ سان....“

”پاڻ سان ڇا؟“

”پاڻ سان گڏ مون کي بہ وٺي ويو.“

”هونهہ.“

”ڪلين ٿو؟“

”ها.... ڪل ٿي اچي.“

”ڇو تہ؟“

”تنهنجو ساڳيو سوداءُ.... فنتسي.... وهم... تون تہ....“

”مان تہ ڇا؟“

”تون تہ مون وٽ آهين.... منهنجي بيڊروم ۾.... مون سان گڏ.“

”تو وٽ رڳو منهنجا هٿ، پير، چهرو ۽ وار آهن.“

”تہ باقي هُو ڇا کڻي ويو؟“

”هُو منهنجي دل جي ڌڙڪن ۽.....“

”۽ ڇا؟“

”۽ اکين جون چارئي موسمون کڻي ويو.“

❊ ❊ ❊

منور جي ڪل ملڪيت سندس خواب آهن. خوابن جي سرحد ڪان خوابن جي رستن تائين جو هي مسافر پنهنجي حصي ۾ آيل تخليق جي آسمان تي ذات جا ستارن جهڙا ڏيئا ٻاريندو رهي ٿو. سندس ڪهاڻيون پڙهندڙن جي ڪيفيت تبديل ڪري ڇڏين. سندس ڪهاڻيون پڙهي بنان Sleeping Pills جي گهري ننڊ ماڻي سگهجي ٿي. ننڊ، جيڪا خوابن لاءِ ضروري آهي.
۽ هو اهڙو تخليقڪار آهي جيڪو ڪليل اکين سان خواب ڏيڪارڻ جو هنر خوب ڄاڻي ٿو.

**غني رند**

منور سراج اهو قصاگو آهي، جنهن جون ڪهاڻيون پڙهي، ماڻهو ڳالهين جي رستن ۾ وڃائجي ٿو وڃي. سندس ڪهاڻيون پڙهندڙن کي پنهنجون ڪهاڻيون ٿيون لڳن.

**ستار سندر**



منور سراج جي ڪهاڻين معرفت مون پاڻ کي دريافت ڪري ورتو آهي. سندس ڪهاڻيون پڙهي خوشبوئن جي واس ۾ ويڙهجي ويو آهيان.
منور جي ڪهاڻين جا ڪردار منور جئان حوس پرستيءَ کان پري، مقدس محبت جهڙا ڪومل، حساس ۽ منفرد آهن. سندس ڪهاڻيون، سندس شخصيت جو اولڙو ٿيون ياسِن. ڇُپ ڇُپ، گهريون، حساس ۽ سرگوشين ۾ ڳالهائيندڙ! هو ڪمال ڪاريگريءَ سان ماڻهوءَ جي احساسن، آوازن، تاثرن ۽ جذبن کي آرٽ جي ميگا پڪسل ڪئميرا ذريعي 300m ڪري ڏيکاري ٿو. اها ئي منور سراج جي ۽ ساڳئي وقت ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي.

**جاويد نواز بروهي**

منور سراجَ جي ڇَوَڻَ ڪانپوءِ، ايندڙَ ڪجهہ ڏينهن ۾، مون سندس هِنَ ڪِتابَ کي بنان پڙهئي، ان جي بئڪ ٽائيٽل تي لکڻ لاءِ ٻَ چار جُملا/ڪمينٽس سوچي رکيا هُئا (يا سوچيا پئي رهيا)...... ارادو اِهو هو تہ اهي جُملا لکي ڏئي ڇڏيا - پَر اڄ ڪِتابَ جو آخري پروف (منهنجي لاءِ پهريون) پڙهندي، ڪهاڻي "دل جي ڪُنڊ ۾ ڄمي ويل برف" پڙهيم تہ ڪهاڻيءَ جي انت وٽ پهچي اکيون پرجي آيون، ڳوڙها اکين مان ٽمي پيا ۽ مان ڪي گهڙيون ڪمبل ۾ منهن لڪائي روئندو رهيس......
مان جيڪو وَسَ ڪئي روئي نا هيان سگهندو!
منور! دوستن جي خواهش تي مان اڪثر ڪتابن جي بئڪ ٽائيٽلس/فليپس لاءِ سٽون لکندو رهيو آهيان..... پر تنهنجي ڪِتابَ لاءِ مان ڪي ٻ روايتي جملا لکي نہ ٿو سگهان..... مون کي معاف ڪجانءِ.

**امر اقبال**
ويلنٽائين ڊي 2016ع